
Dr. ABBAS .

ناول

گرلس ہاسٹل



اسیر امتیاز

چاندوِی

Dr. GHULAM ABBAS
Date: 25-4-2023
HYD.

گرلس هاسٽل

(ناول)

اسير امتياز

چانڊوڪي پبليڪيشن
واهي پانڊي

ارپنا

يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ باڪمال ڇوڪرين جي نالي..!

پنهنجي پاران

سنڌي ادب جي موجوده صورتحال ۾ ناول کي تمام گهڻو پڙهيو ۽ ساراهيو پيو وڃي، اُن جو هڪڙو سبب موضوع جي انفراديت ۽ نواڻ جو مِٺاسُ پڙهندڙ کي بهتر ماحول پيش ڪري رهيو آهي.

سنڌي ناول توڙي جو موضوعاتي طور اڃا به گهڻو ڪجهه لکيو وڃي ٿو پر پڙهندڙ اُن ڄاڻ کان شايد قاصر آهي، جو اُهو فني فڪري گهرجائن کان هٽي ڪري رڳو ذهني چسڪي ۽ سُڪون حاصل ڪرڻ خاطر رومانوي ناول سان ٻڪجي وڃي ٿو ۽ پوءِ ناول جي مارڪيٽ به وڌي ٿي. اُهو ضروري ناهي ته هر پڙهندڙ سُجاڳ به هجي ۽ اُهو پين نقاد ليکاري پڙهندڙن جيان دانشوراڻي اکَ سان ناول کي پرکي. پڙهندڙ کي پنهنجي ڪِرت تحت ناول سان محبوباڻو رويو رکڻ ڏجي ته جيئن ناول ۽ پيو ادب پنهنجي صلاحيت سان گڏ اڳتي اُسري سگهي.

حقيقت هيءَ آهي ته سڀ کان وڌيڪ ناولن تي بحث ڪرڻ، پسند نا پسند بابت اظهارڻ جو حق به انهن نوجوانن جو آهي، جيڪي گهڻي کان گهڻا ناول پڙهي رهيا آهن. باقي اسان جو اڪثر اديب ته وڏي وقت کان مفت خور رهيو آهي، اُهو ڪتاب پڙهي ئي ڪونه ٿو، تمام ٿورا ليکاري دوست هر موضوع تي آيل ڪتابن کي سنجيدگي سان پڙهن ٿا. آئون انهن جي نيڪ نيتي تي ڪنهن به قسم جو شڪ نٿو ڪريان ۽ انهن کان توقع ٿو ڪيان ته اُهي اڳي کان وڌيڪ پنهنجي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪتابن سان پيار ڪندا.

سنڌي ناول ڪيترو مئچوئر آهي ۽ موضوعاتي طور ڪيترو سگهارو لکجي رهيو آهي، اُن جو فيصلو وقت جا منصف ئي ڪري سگهن ٿا پر

شاعريءَ ۽ ٻين موضوعن جي پيٽ ۾ ناول کي پڙهندڙن طرفان تمام گهٽي پذيرائي ملي رهي آهي تہ اُن پُٺيان سنڌ جي نئين نسل جو هيڪاندو پيار شاملُ آهي. مايوسيءَ جي ڏُٻڻ ۾ ڦاٿل تنگ ذهن، جتي اُهو چوندي دير ئي نٿا ڪن تہ ڪتابن جو زمانو ختم ٿي ويو آهي تہ، اُها سندن محدود سوچ ٿي سگهي ٿي! باقي ڪتابَ اڄ بہ وڏي پيار سان پڙهيا وڃن ٿا، اُهو سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اُتساهيندڙ عمل آهي.

آئون پنهنجي هر ٻي ناول ''گرلس هاسٽل'' بابت ڪا بہ دعويٰ ڪونہ ٿو ڪريان تہ اُهو فني ۽ فڪري طور ڪيترو سگهارو تخليق ٿي سگهيو آهي، پر مون ڪوشش ڪري يونيورسٽيءَ جي رومانس سان گڏ ناول ۾ حيرتناڪ حادثا قلمبند ڪري نئين ڳالهہ ڪرڻ ۽ نوان بحث متعارف ڪرائڻ جي ننڍڙي ڪوشش ضرور ڪئي آهي.

سنڌ جي نئين نسل ۽ پاڻ اڪين جي ادبي اُڃ کي نظر ۾ رکندي، انهن جي ذوق کي دلي داد ڏيندي، هن ناول ۾ انهن جي پيار،انهن جي ٽٽل دلين ۽ انهن جي ناڪامين ڪان ويندي، انهن جي بهتر ۽ سُندر سپنن جي ساڀيائن تائين، هن ناول ۾ اُهو ڪجهہ اوتيو ويو آهي، جنهن جي ڀاڙ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ هر نوجوان کي رهي آهي.

آئون هن ناول کي سنڌ جي اُپرندڙ اکين ۽ سُجاڳ ذهن شاگرد/پڙهندڙن آڏو آڻيندي نهايت ئي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. اوهان جي راءِ جو منتظر...

اسيرامتياز
03342208151
03022166112

گرلس ہاسٹل

Dr ABBAS
25-04-24
HYD

يونيورسٽيءَ ۾ چار سال گهاري ويندڙ ڇوڪري جيڪڏهن قسم کڻي چوي تہ مان هتي اهڙيءَ ڪنهن بہ حرڪت جو شڪار نہ ٿي آهيان تہ اُها دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪُوڙي ڇوڪري هوندي.

اُن ڏينهن تون وري منڊڪائي هلي رهي هُئينءَ. مون کي ٿورو شڪ ٿيو تہ ڪٿي توکي وري انهن گورين تہ ناهي ورتو، جيڪي اڪثر رات جو ڇهري ۾ جسم جي خوبصورتي برقرار رکڻ لاءِ کير سان کائي سُمهندي آهين ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن جسم ۾ ٿڪاوٽ، سُستي ۽ بدن ۾ بيقراري سان گڏ سنڌن ۾ سُور جي شڪايت بہ ڪندي هُئينءَ.

توکان منڊڪائي هلڻ جو سبب پُڇڻ لاءِ جيئن ئي سينٽرل لائبريري کان نڪري تنهنجي پُٺيان آيس ئي پئي تہ پويان نيلم سڏ ڪيو. نيلم جو سڏ معنيٰ عزرائيل جي آمد. بس پوءِ پُورو ڪلاڪ ڇاڙي هٽندي رهي ۽ پنهنجو بيڪار فلسفو مون مٿان هاريندي رهي، هر پيري جيان ساڳيون ڳالهيون تہ،

"ماڻهو اووَر ٿيڻ لڳا آهن، مون کي ڏسي کِلن ٿا، مون کي چڙ ٿي وڃي، ڇورا هرويرو بہ اسٽائلش ڪپڙا پائي، سامهون بيهي پنهنجي وارن تي هٿ ڦيري پاڻ کي هيرو سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا! يونيورسٽيءَ جو ماحول مون کي خاص نٿو وڻي، مان شهري ڇوڪري آهيان ۽ گهڻو ايڊوانس بہ آهيان، ڇورا پاڻ کي الائي ڇا ٿا سمجهن، رڳو عشق، رڳو حرامپائي!

شل نہ ڪا ڇوڪري سوڙهي سلوار، ننڍا ۽ سوڙها ڪپڙا پائي اچي، پوءِ تہ نياڳن جون اکيون اسان ڇوڪرين جي ڇنڙن مان نڪرن ئي نہ ٿيون!

يار اسد! هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ اُن سنهڙي سيپڪڙي معوش ۾ ڇا ڏٺو اٿئي، جو پنهنجي ڊپارٽمينٽ جا سڀ ڇورا پويان اٿس، بس رڳو وار ۽ اکيون ڀليون اٿس."

ڪُوڙن سياستدانن جيان ڊگهي تقرير ڪندڙ نيلم شاهه مس ڪئي ته مون کِلي ڪيس چيو ته،

"ايترو ته تون به تسليم ٿي ڪرين ته معوش جا وار ۽ اکيون ڀليون آهن، تنهنجو ڇا پلو آهي ۽ معوش ايتري به سنهي ڪونهي، جيترو پيش پئي ڪرينس..."

منهنجو ايترو چوڻ ڪاري رنگ وارو چهرو ويتر ڏونهن ٿي ويس ۽ ڪاوڙ مان نڪ ڏيئو ڪري ڏاڪڻ لهڻ لڳي ته مون توڏانهن ڏٺو. تون جنهن پوائنٽ تي وڃي چڙهي هُئينءَ، اُها اُتي ڀينل نظر ڪونه آئي.

تون هاسٽل وڃڻ بجاءِ حيدرآباد واري پوائنٽ تي ڇو چڙهي حيدرآباد وئين؟ اُن تي سوچڻ لڳس ۽ پاڻ سان گڏ اُن ڪاري مينهن تي هيڪاندي ڪاوڙ پئي آئي ته، نياڳي ڊسٽرپ به ڪيو ۽ تنهنجي گلا به ڪئي، پر ڪُڇس ڪونه، جي ڪُڇان ها ته ويتر ويڪري متي واري ڪاري نيلم جو متو خراب ٿئي ها ۽ توتي، مون تي خوامخواهه جو شڪ ڪري ها.. بس پوءِ اڪيلو رستي جو ٽنل روڊ لتاڙيندو پنڌ ئي پنڌ سوسائٽي هاسٽل طرف هليو آيس. رستي ۾ ٻن دوستن موٽر سائيڪل بيهاري لفٽ ڏيڻ جو به چيو پر الائي ڇو ڪنن ۾ هيڊ فون لڳائي، انهن دوستن کي ڪنڌ لوڏي نهڪر ۾ مختصر جواب ڏيندي، لتا کي ٻڌندو اچي هاسٽل پهتس، جتي اڪيلائي منهنجو انتظار ڪري رهي هُئي.

هاسٽل نه جڻ جيل ۾ رهندو هئس، هڪ هڪ ٿي سڀ شاگرد هاسٽل ڇڏي ويا هُئا، اڪيلو مان ايڊوانس وارا پئسا واپس نه ڪرڻ جي ڪسر ۾ پنهنجي جان تنهائي ۾ ڳاري رهيو هئس. هڪ تنهائي ٻيو هاسٽل انچارج

جي حرڪتن صفا تنگ ڪري ڇڏيو هو. مان به گهڻو اڳ ٻين ڇوڪرن جيان پڇي وڃان ها پر مون وٽ ايترا پئسا ڪونه هُئا ۽ ايڊوانس وارا پئسا ڦاٿل هجڻ ڪري آخري مهينو ڏکيو سُکيو گذاري رهيو هُئس.

هاسٽل انچارج عامو جون منٿون بار بار پيرن تي ڪِري پوڻ کي ڏسي مون به ڪٽي هلندي کي هلايو. باقي هن هاسٽل ۾ رهڻ، جمڙي تمڙي جي جاءِ نه هُئي. نياڳي جي لچڻ جي ڪري زبردست ۽ بهترين آمدني ڏيندڙ هاسٽل عامو کي ته اڪيلو ڪري ڇڏيو هو پر اُن سان گڏ مان به لوڙي رهيو هُئس. اُهو هو جو مون کي ڪڏهن به عامو غلط ڪم جو نه چيو، ۽ نه ئي وري مان سندس ويجهو ئي ويس، شروع وارن ڏهاڙن ۾ نياڳي منٿن ڪان پوءِ به دفعا بورچيخاني ۾ زبردستي منهنجي پينٽ جي زپ کولي هُئي، هڪ دفعي ته هڪ شاگرد به ڏسي ورتو هو پر پوءِ دير سان خبر پئي ته اُهو شاگرد به سندس روز جو گراهڪ هُيو، اُهوئي سبب هُيو جو سڀني شاگردن هاسٽل کي الوداع ڪيو هو.

توسان جڏهن به عامو هاسٽل واري جو ذڪر ڪندو هُئس ته تون ٽپي لوهه ٿي ويندين هُئينءَ ۽ رڙ ڪري چوندي هُئينءَ ته،

"اِهو عامو هڪ دفعو مون کي ڏيکار ته سهي، وجهانس مرچون"

اُن تي ڪڏهن ڪڏهن ٽهڪڙا مچي ويندا هُئا ۽ مان به هاسيڪار توکي وڌيڪ چيڙائڻ خاطر چوندس هُئس ته،

"اسان ڇڙا ڇورا ڀلا آخر ڪاڏي وڃون، گرلس هاسٽل ۾ ته ...."

"ها اُتي ته سائين بازر کُلي پئي آهي، شل نه ڪا ڳالهه هٿ اچيو، هڪ دفعي ائين ٿيو آهي، اوهان کي ته موقعو ملي ويو آهي، اُهو به نياڳي چوڪيدار جي ڪري، جنهن چند پئسن جي ڪري، سڀني کي خوار ڪيو آهي ۽ پنهنجي نوڪري تان به هٿ ڌوئي ويٺو آهي."

"هڪ دفعو ڇا..؟"

"ڇا وري ڇا. نياڻي اٽڪل سان جاويد کي گرلس هاسٽل اندر چوريءَ سان ملڻ ڇڏيو هو، پيو ڪهڙو آسمان ڪيرايو هيائين، تون ڇا ٿو سمجهين سڀ ڇوڪريون ڀلا ائين آهن ڇا..؟"

" نہ نہ مون ائين تہ ڪونہ چيو آهي. باقي گرلس هاسٽل ۾ رهندڙ اڪثر ڇوڪريون ڏکيا واڳڻ ۽ ڳاڙهيون گجرون شوق سان کائين ٿيون، روز وٺي ويندي يون آهن"

اُن جملي تي تو بہ کِلي ڳِتن تي ڇُڳه ناهيا هُئا. اهڙيون ڪيئي ڪچهرين ڪندي توسان يونيورسٽي کان سنڌلائيجي گيٽ تائين پنڌ ايندو، توکي ڇيڙائيندو، خوب ٺهڪ ڏيندو هُئس، روز جي معمول جيان اڄ بہ اُهو ئي سوچي سينٽرل لائبريري تي تنهنجي ئي انتظار ۾ بيٺو هُئس تہ، تون حيدرآباد واري پوائنٽ تي وڃي چڙهي هُئينءَ ۽ مون کي ڪنڌ ۾ کِلي جيان نيلم اچي لڳي، پوءِ تہ سڄو ڏينهن ڏينيوءَ جي ڏنگ جيان ڏڪندو رهيوءَ مان لُڇندو رهيس.

خبر ناهي تہ تون حيدرآباد مان ڪهڙي ٽائيم موٽي واپس هاسٽل آئين هُئينءَ پر مون کي بيقراري سڄي رات لتاڙيندي رهي، بار بار تنهنجو نمبر بہ پئي ڊائل ڪيم پر هر ڀيري پاورڊ آف پئي مليو تہ ويتر تنهائي جي اوندهہ ۾ گهاريندي. بيقراري جو بار پاڻ مٿان وڌيڪ محسوس ڪرڻ لڳس، عجيب سوچن جي ڀيڙيءَ دل جي درياهہ مٿان لمندي رهي، صُبح جي روشنائي کي بہ شايد ڏکي ننڊ اچي وئي هُئي ۽ منهنجي تمنائن جو معصوم ٻار اکيون مهٽي هر هر هاسٽل جي دري مان سج جي روشني کي ڳوليندو رهيو. نيٺ هاسٽل جي پٺين تي ويٺل جهرڪين جي چُون چُون ڪنن سان ٽڪرايو ۽ مان ٽوال ڪلهي وجهي واشروم ۾ هليو ويس.



ٻي ڏينهن تي يونيورسٽي آيس پئي تہ ٽيچرس ڪلب کان تنهنجي پياري سهيلي روبي ملي هُئي، پئي جڏا پنڌ ئي پنڌ سينٽرل لائبريري سامهون واري چاڙهي چڙهي رهيا هُياسين، پنڌ ڪندي ٿورو سهڪي بہ پيا هُئاسين، مون کِلندي ٽڪ جي احساس کي طلاق ڏيندي، روبي کان تنهنجو پُڇيو تہ روبي مون ڏانهن ڏسي چيو تہ،

"مان پاڻ توکان معوش جو پُڇڻ واري هُئس، رات ڪال ڪئي مانس پر منهنجي ڪال رسيو نہ ڪيائين"

مون پنهنجي ڊائري ڪاٻي هٿ کان ساڄي هٿ تي ڪندي، تجسُس وچان روبي سان مخاطب ٿيندي چيو تہ،

" ڪهڙي ٽائيم معوش جو نمبر ڪُليل هُيو، مون تہ سڄي رات ڪيس ڪالون پئي ڪيون آهن پرسندس نمبر تہ مسلسل بند پئي مليو آهي ۽ توکي نمبر ڪُليل مليو. تو ڪال ڪئي تہ تنهنجي ڪال رسيو نہ ڪيائين."

روبي پنهنجي پرس مان موبائل ڪڍي تنهنجو نمبر وري ڊائل ڪيو تہ روبي جي موبائل جي لائوڊ اسپيڪر تان شمن ميرالي جي ڪلام جي رنگ ٽُون وڄڻ لڳي،

ذري ذرري ڏي نہ مٺا دل ٽٽي پوندي،
دل ٽٽي تہ حياتي سهڻا ڪُٽي پوندي..

مون حيرت وچان روبي ڏانهن ڏٺو ۽ يڪدم تنهنجو نمبر ڊائل ڪيو ته مون کي وري به تو وارو نمبر پاورڊ آف مليو، ته روبي وارن کي جهٽڪو ڏيندي، کِلندي چيو ته،

" تون مهوش جو کڻڙو نمبر ٿو ملائين، زونگ وارو يا جاز جو..."

مون حيرت انگيز لهجي ۾ چيو ته مهوش وٽ ته هڪڙو ئي جاز وارو نمبر آهي ۽ مان اُهو ئي تو ڊائل ڪريان.

روبي سُرخي لڳل چپن تان ٿڪن جا پوپٽ اُڏاريندي چيو ته،

" مهوش وٽ زونگ جو به نمبر آهي"

مون کي تنهنجي ہي نمبر جي خبر تنهنجي سهيلي روبي کان پئي ته ٿورو شرمساري محسوس ڪرڻ لڳس ۽ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳس ته اڄڪلهه جون ڇوڪريون ايڏي سچائي رکڻ جي باوجود به ٻه ٻه نمبر رکن ٿيون ۽ ڪا خبر به نه ٿي پوي،

منهنجي دل جي ڳالهه روبي جي واتان نڪرندي ئي منهنجي خواهش جو ڳلو گهٽيو ته،

" اسد ڇوڪريون به ٻه نمبر ته نمبر به ٻه ٻه رکنديون آهن ۽ تو جهڙي سياڻي ڇوڪري کي ڪا سُڌ ئي نٿي پوي"

مون وڌيڪ روبي جي ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ بدران سڌو اصل ڳالهه طرف سندس ڌيان ڇڪائيندي چيو ته،

" مهوش کي ڪالهه حيدرآباد واري پوائنٽ تي چڙهندي ڏٺم، حيدرآباد وئي پئي، مون ڪوشش ڪئي ته مهوش سان ملان، ڳالهايان پر اوچتو نيلم منهن چڙهي وئي."

روبي وڏو ٽهڪ ڏيندي، پنهنجي وارن کي سيٽ ڪندي چيو ته،

" نيلم معنيٰ قيامت، توکي پورو ڪلاڪ بيمار يو هوندئين"

نيلم جي طبيعت کان سڀئي ڪلاس ميٽ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون واقف هُيون، ڪنهن جي به نه ٻُڌندي هُئي، رڳو پنهنجون ڳالهيون ۽ پنهنجي تعريف ڪندي، سڀني جو وقت وڃائيندي هُئي، ڪجهه ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا انهن ٻنهي جي غير موجودگي ۾ اڪثر اُهو به چوندا هُئا ته نيلم ۽ مهوش پاڻ ۾ سيٽ آهن، هڪ ٻي جو خيال رکن ٿيون، هڪ ٻي کي تمام گهڻو پائينديون به آهن پر هڪ ٻي جي ڳالا به خوب ڪنديون آهن، خبر نه ٿي پوي ته اُهي هڪ ٻئي جون دوست آهيو يا دشمن..

هڪڙي ڳالهه ضرور مجبي ته مون سان جڏهن به مهوش ملي آهي ته هن نيلم جي باري ۾ ڪڏهن به ڪو غلط ڪمينٽ نه ڪيو آهي ۽ نه ئي سندس واتان نيلم جي ڳلا مون ٻُڌي آهي، باقي نيلم جو وات جڏهن به کُليو آهي ته اُن مان صرف پنهنجي تعريف ۽ مهوش جي ڳلا ئي نڪرندي رهي آهي، مهوش کي سڀئي سهيليون ۽ ڇوڪرا ٻُڌائيندا به آهن پر اُن هوندي به مهوش ڪڏهن به ناراضگي ظاهر ناهي ڪئي، مهوش جهڙي سونهن ۾ سٺي، تهڙي سيرت ۾ سوپر هُئي، پڙهائي ۾ به ڏاڍي هوشيار ۽ دل جي صفا نفيس، تيز لهجي ۾ ڳالهائينس ته اکيون ڪڪر ٿي وڃنس ٿيون.

آئون اڪثر مهوش لاءِ چوندو رهيو آهيان ته مهوش جهڙي ڇوڪري جي دل يا ته پکين جي ٿي سگهي ٿي يا ته اُها اڪيلي دل ئي آهي جيڪا فقط مهوش وٽ آهي باقي ته سڀني جون دليون ٿوبي جهڙيون آهن.

روبي ۽ منهنجو پنڌ به اڃي کُٽو هو ۽ روبي سامهون جاويد کي ايندو ڏسي بنا موڪلائڻ جي جاويد ڏانهن هلي وئي هُئي، مان سڌو پنهنجي ڊپارٽيمينٽ طرف هليو آيو هُئس.

ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ ڊپارٽمينٽ واري پارڪ تي ويهي ڪي گهڙيون سوچن جي سمنڊ ۾ لُڙهي ويو هُئس، مون کي هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته نيلم، مهوش ۽ روبي ڪلاس ميٽ هجڻ جي باوجود به هڪ

پئي سان ايڏو ساڳ رکن ٿيون ۽ انهن جي غير موجودگي ۾ اڪثر ڇوڪرا اِهو ٻڌائين ٿا ته اُهي نئي سهيليون پاڻ ۾ سيٽ آهن، مهوش جي ٻي نمبر جو روپي کان ٻڌي مان دل ئي دل ۾ ٿورو ڪاوڙيو هُئس ته جنهن جي ايڏي عزت ڪيان ٿو، نوٽس ڏيڻ کان ويندي، ڪتاب وٺي ڏيڻ تائين ۽ ڪڏهن ڪڏهن پئسا نه هئڻ جي صورت ۾ به سندس مدد ڪيان ٿو اُن هوندي به مهوش ڪجهه ڳالهيون مون کان لڪائي ٿي، اهڙيون ڪوڙ پيون به ڳالهيون ذهن جي اسڪرين تي هيٺ مٿي ٿينديون رهيون، گهڻي دير سوچڻ کان پوءِ مون پنهنجي پيرن جو پنڌ شانو واري ڪينٽين ڏانهن شروع ڪيو، ڪينٽين تي ويهي اڃا مس پاڻي جو گلاس نڙيءِ مان لاٿو هُيم ته سامهون نظر نيلم ۽ اڪرم تي پئي، جيڪي مون کان اڳ ۾ ڪينٽين تي ويٺا هُئا، مون کي ڏسندي ئي سِڌو مون طرف آيا، نيلم کان ته هرڪوئي بيزار هو، ڪير گڏ ڪونه ويهندو هُئس، مون به اُٿڻ جي ڪئي پئي پر اڪرم بهترين دوست آهي، اُن جي ڪري ويهڻ مناسب سمجهم، اڪرم ۽ نيلم سان سلام دعا ڪرڻ کان پوءِ، ٻنهي کي چانهه جي صلاح ڪيم ته ٻنهي انڪار ڪيو، ايتري ۾ نيلم پنهنجي ڏکمي چولي جي جهولي پنهنجي گوڏن ۾ ڦاسائيندي، ٿورو جهڪي پنهنجا نوٽ ٽيبل تي رکندي، مون کي چيو ته،

" اسد مهوش جا حال احوال ڏي"

نيلم جي واتان ايڏي سنجيدگي سان مهوش جو ذڪر مون پهريون پيرو ٻڌو ته خوشي سان گڏ حيرت به ٿي ۽ دوستن جي ڪيل ڳالهين تي ٿورو ويساهه به ٿيڻ لڳو ته هي پاڻ ۾ واقعي سيٽ آهن،

" نيلم اڄ مهوش جو نالو تنهنجي چپن تي ۽ ايڏو پيار مان...چو خير ته آهي"

مان مُسڪرائيندي نيلم سان مخاطب ٿيس ته نيلم به پنهنجا ڪارا چپ چوريا.

"ها يار خير آ، مهوش ڪالهه شام سج لٿي جو گاڏي ڪاتي ملي هُئي، تنهنجو پُڇي پئي ۽ گڏ ڪو اڻ ڄاتل ماڻهو به هُئس، مون ڪونه سُڃاتو، ڪافي شاپنگ به ڪيل هُئس، تڏهن توکان پڇم پئي ۽ مهوش به اڄڪلهه ڪائڻ معل گڏ سُمهڻ مهل مسيت ۾ واري ڪار پئي ڪري، ٿورو نظر رکينس"

نيلم جي انڪشاف حيران ته ڪيو ئي ڪيو پر مهوش جي سادگي ۽ سچائي تي يقين نه پئي آيو، ٺٺائيندي نيلم کي چيم ته،

" اوهان ڇوڪرين سان اسان ڇوڪرا ڪٿي ٿا پُڄي سگهون."

اڪرم خاموشي سان مون کي ۽ نيلم کي ٻُڌندو رهيو، گهڻي ڪچهري کان پوءِ نيلم خوشي وچان اِهو به ٻُڌايو ته،

" سڀاڻي منهنجي سالگرهه آهي، اسان ڪجهه دوستن ڪيڪ ڪٽڻ جو پروگرام رکيو آهي، توهان ۽ مهوش ضرور اچجو"

مون اڳواٽ نيلم کي سالگرهه جون مبارڪون ڏينديءَ، خوشي جو اظهار ڪيو، اڪرم به اچڻ جي خاطري ڪرايس، نيلم جو خوشي مان ڪارو چهرو اڌ ناسي ۽ اڌ ڪارو نظر اچي رهيو هو، عربن جي جُبي جهڙا ڪپڙا سيٽ ڪندي، نيلم اُٿي ڪڙي ٿي ته اُن سان گڏ اڪرم به اُٿيو، ٻئي چڙا باقي دوستن کي دعوت ڏيڻ جو چئي روانا ٿيا.

منهنجي اکين ۽ ڪنن کي ويساهه ئي نه پئي آيو ته نيلم ڇا چئي وئي آهي ۽ ائين ٿي به سگهي ٿو ڇا..؟

مون نيلم جون ڳالهيون دل ۾ رکڻ بجاءِ هڪ ڪن مان ٻڌي ٻي ڪن مان ڪڍي ڇڏيون، پر الائي ڇو ڪنهن ڪنهن مهل دل کي ڪو کُٽڪو ورائي رهيو هو، اُن هوندي به مون پاڻ سنڀاليندي پنهنجي روز مرهه جي ڪارگذارين طرف ڌيان ڏنو ۽ ڪينٽين تان اُٿي سِڌو سوسائٽي آيس، ڌوٻي کان ڪپڙا ڪٽي، ڪجهه نوٽس ڦوٽو ڪاپي ڪرائي، موبائل جو نيٽ

پئڪيج ڪرائي، هاسٽل آيس، هاسٽل ۾ خاموشي سان گڏ ويراني ۽ گرمي منهنجو انتظار ڪري رهي هُئي، هاسٽل ۾ لائيٽ نه هُئي ۽ عامو به ڪونه هو، نئيو چوڪرو موجود هُيو، جيڪو عامو سان رڌ پچاءُ مهل ڪڏهن ڪڏهن هٿ همراهي ڪرائڻ ايندو هُيو، اُهو به موبائل ۾ مصروف هُيو ۽ مان پاڻ کي پنهنجي ميري هنڌ تي اُڇلائي ڇڏيو هو جڻ ڪٿي وڃائجي ويو هجان.

❖

اچا آئون پوائنٽ تان لهي پنهنجي شرٽ ٺيڪ ڪري اڳتي وڌيو ئي مس هُئس ته پويان نيلم جون رڙيون ٻُڌڻ ۾ آيون هُيون، پوائنٽ تان لهندي نيلم جي پير تي شايد ڪو پناڻ چوڪرو چڙهي ويو هو، پويان رڙين تي ڪنڌ ورائي ڏٺم ته نيلم جا ڀئي هٿ پناڻ چوڪري جي ڳچي ۾ هُئا، سڀ چوڪريون تماشو ڏسڻ ۾ مصروف هُيون، اُن پناڻ چوڪري جي دوستن نيلم کي منٿون ڪيون ته پوءِ وڃي نيلم هٿ ڍرا ڪيا، باقي ذري گهٽ چوري جو ساهه ڪڍيو هُئائين، نيلم پگهر ۾ شِل جيئن ئي ڊپارٽمينٽ اندر داخل ٿي ته سڀني چوڪرن ۽ چوڪرين گڏيل آواز ۾ هيپي برٿ ڊي چوڻ شروع ڪيو، نيلم کان سالگرهه واري خوشي وسري وئي هُئي، ڪِنو منهن ڪري ڪرسي تي ويهي رهي هُئي، ڪنهن پاڻي ڪٽي اچڻ جو چيس پئي ته ڪنهن چيس پئي ته،

"ويچاريءَ کي پڪو ته هٽو، پگهر جي وئي آهي."

ڪي ڇورا ته هاسيڪار وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي کِلي رهيا هُئا، هڪڙي پري کان رڙ ڪري چيو ته،

" هاتي جي پير تي گڏهه ڪيئن لت ڏني آهي يار، ڳالهه مڃڻ ۾ نٿي اچي"

نيلم پنهنجي وارن کي پنهنجي پڳهريل چهري تان پري ڪندي، تڏا ساهه کڻي رهي هُئي ۽ سيني ذي دوڏا ڦوٽاري ڏسي رهي هُئي ته سيني کڻي منهن پرتي ڪيا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ شروع ٿي ويا.

ايتري ۾ تون به اچي وئي هُئينءَ، توکي ناسي وڳو ڏاڍو نهي رهيو هو، پاڻ کي اڳي کان وڌيڪ ٺاهي آئي هُئينءَ، پريان ڪنهن شرارت مان رڙ ڪري چيو ته،

" سالگرهه نيلم جي آهي يا معوش جي، ٻڌايو ته صحيح "

ٻي ڇوڪري سندس آواز کي سگهه بخشيندي چيو ته،

" جي معوش جي سالگرهه آهي ته پوءِ ٿورو ترسو اسان تحفا وٺي اچون، جي نيلم جي سالگرهه آهي ته پوءِ جلدي ڪري ڪيڪ کي ڪُهي وٺو"

سڄي ڪلاس ۾ ٺهڪڙا مچي ويا هُئا، اڪرم ٽيبل تي ڪيڪ رکندي سيني کي سڏ ڪيو، سيئي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٽيبل جي چوڌاري ڦري آيا، نيلم جي هٿ ۾ وڏي ڪاتي پڪڙائي وئي، نيلم ڪاتي کي ڏسي کِلي ڏنو ۽ چوڻ لڳي ته،

" هي پڪ اسد جي شرارت آهي"

منهنجي منهن جو پنو ئي لهي ويو، مون سوچيو نه پاڳي ڪيڪ بدران مون کي نه ڪُهي ڇڏي، سو مون ٽڪڙ ۾ چيو ته،

" نه نه مان ائين چو ڪندس، هي ڏس مون ته تنهنجي لاءِ زبردست تحفو آندو آهي"

مون پنهنجي هٿ ۾ جهليل ٿيلهي ڏانهن اِشارو ڪندي چيو،

نيلم جي چهري تي اڌوگابري مُرڪ تري آئي ۽ سيني جو ڌيان پاڻ طرف ڇڪائيندي چيائين ته،

" سيئي پنهنجا پنهنجا آندل تحفا پهرين ٽيبل تي رکو"

سيني دوستن پاڻ سان آندل تحفا ٽيبل تي رکيا، تو نيلم لاءِ نئين ڊائري آندي هُئي، ڊائري جو رنگ ۽ ڊزائين وڻندڙ هُئي، مون توکيا انداز ۾ چيو ته،

" هل...چا ته گفت آهي سائين..ڪاش اسان کي به ڪو سالگرهه تي اهڙو تحفو گفت ڪري"

تو اکين جو تلوارون تاڻيندي، مون ڏي ڏسي چيو ته،

" اهڙا تحفا نصيبن وارن کي ملندا آهن"

پريان سيني گڏيل آواز ۾ چئي ڏنو،

" ڪنهن جي ڀاڳ سان ڪهڙي ريس ابا"

ڪافي وقت تائين تحفا ٽيبل تي سيٽ ڪندي، هڪ ٻئي سان چرچا ڪندي، هڪ ٻئي ڏانهن سوال طعنن جي صورت ۾ اُڇلائيندي، مذاق مستيون ڪندي نيٺ نيلم جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاتي سان ڪٽيو ويو ۽ سيني واري واري سان نيلم کي ڪيڪ کارايو ۽ پوءِ هر ڪنهن پنهنجي منهن سان هڪ ٻئي کي ڪيڪ کارائڻ شروع ڪيو، مان ڪنڊ وٺي ڪرسي تي ويهي رهيس ته تو سيني کان اک وٺي مون کي ڪيڪ اچي کارايو ته مون تنهنجو شڪريه ادا ڪندي توکي چيو ته،

" معوش وڏي مهرباني، جيڪڏهن ٽائيم هجي ته ڪينٽين تي هلون"

تو منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو ۽ وڏي وڇي جاويد کي ڪيڪ کارايو هُيئي، عجيب بي چيني لڳن ۾ ڪاهي پئي هُئي، توکي ڪنهن سان کِلندي ڏسندو هُئس ته جسم تي ڪويليون چڙهندي محسوس ڪندو هُئس ۽ دل ئي دل ۾ ڪاوڙ ڪندو رهندو هُئس پر ڪڏهن به ڪنهن سان

دل جي وارتا بيان نہ ڪيم نہ توسان ۽ نہ ئي وري تنهنجي ڪنهن سهيليءَ سان.

اُن ڏينهن تون منهنجي آفر کي ٺڪرائي، جاويد سان گڏ هلي وئي هُئينءَ، نہ ڄاڻ منهنجي ڪيترين حسرتن کي لتاڙي وئي هُئينءَ، دل جي موسم ۾ پن ڇڻ ڪاهي پئي هُئي، اُداس روح جو ويڳاڻو پڇڙي ٿڪي پيو هو.

ديوارن ۽ وڻن جا پاڇا ڊگها ٿي رهيا هُئا، ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ آهستي آهستي گڏ ٿيندڙ سمورا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪينٽين جي ڪرسين کي پرڻ لڳيون هُيون، جاويد ۽ تون ويٺا هُيوءِ پين ڊپارٽمينٽ مان آيل سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پليڪار چوندي ويهڻ جو چئي رهي هُئينءَ، منهنجي اکين جا شرارتي پار تنهنجي سونهن جي پنيوريءَ پويان ڊوڙي رهيا هُئا، تنهنجي ڳٽن جي چمڪ، تنهنجي ڳچي جي باڪمال تر جي حُسناڪي ماڻ ۾ هتوڙيون هٽن لڳي هُئي، ناسي وڳو پُورو رنگ، ڪُليل وار، زبردست خوشبوءِ، مڪمل واسيل هُئينءَ، پيرن کان چوٽيءَ تائين هڪ نظر تو ۾ وڌي هُيم، مون کي اُن ڏينهن تون ٻُوچ تائين ڏٺيل ماڪيءَ جو شيشو لڳي رهي هُئينءَ.

گهڻي دير کان پوءِ خبر پئي تہ نيلم جي سالگرهہ جو سمورو انتظام تو ۽ جاويد ڪيو آهي، هڪ ڏينهن اڳ سيني کي دعوتون جاويد ۽ اڪرم پئي ڏنيون ۽ تو يونيورسٽي جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ٺهيل واٽس ايپ گروپن ۾ پوسٽون پئي شيئر ڪيون.

اُتي ويٺي مون محسوس ڪيو تہ ڇوڪرن جون ڳالهيون سڄيون آهن، توهان تہ پاڻ ۾ بلڪل سيٽ آهيو، اڄايو اسان ڇورا توهان جي سيٽنگ تي بحث ڪندا ٿا وتون، هي هيڏو انتظام نيلم جي سالگرهہ جو ...ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي، نيلم جيڪا هر روز تنهنجون ڳالهيون

ڪندي ڊاپي نہ ٿي، اُن نيلم جي سالگرهہ جي سرواٽي تون ڪري رهي هُئينءَ، بهرحال حالتن جا هاٿي مون کي لتاڙي اڳتي وڌي رهيا هُئا، توهان ڇوڪرين جي سادگي ۽ حراماپائي گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ سمجهہ ۾ ڪونہ اچي رهي هُئي، جاويد ميسڙو بہ توسان ۽ نيلم سان پٽ ٻٽيل هو، توهان جي اڌ سهيلي تہ جاويد محسوس ٿيڻ لڳو هو، جنهن سان تہ تنهنجي ايتري لڳندي بہ ڪونہ هُئي، جاويد ۽ تنهنجي سهيلي روبي جي ٿوري گهٽي لڳندي هُئي، پر روبي بہ ڪنهن محل ڏس تہ جاويد سان گڏ تہ ڪنهن محل اڪرم سان، تنهن جي بہ خاص خبر نہ پئي پوي، نيلم کان تہ هر ڪو بيزار هو، باقي پئسي جي ڪري سيئي مينهن کي هرٽيءَ محسوس ڪندا هُئا، سيني ڇورن ۽ توهان ڇوڪرين کي چانهيون جو پئيارين هُئي.

اجوڪي سالگرهہ منهنجو مٿو ڦيري ڇڏيو هو، مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو.

گهڻي دير کان پوءِ سڀ دوست هڪ هڪ ٿي هاسٽلن ڏانهن وڃڻ لڳا هُئا، نيلم ۽ جاويد، جاويد جي ڪار تي چڙهي حيدرآباد هليا ويا هُئا، تو پنهنجو پرس ڪُلهي تي رکندي، مون کي هلڻ جو اِشارو ڏنو تہ منهنجي دل جو درياهہ موجن ۾ اچي ويو هو، سينٽرل لائبريري جي پوئين پاسي دڪين تي گهڙي سوا ويٺا هُئاسين، مون توکان اُن ڏينهن منڊڪائي هلڻ جو سبب پُڇيو تہ تو هلڪي مُرڪ ڇپن تي هاريندي، مون ڏانهن منهن ڪندي چيو تہ،

"اڙي يار تو مون کي ڏنو هو ڇا.؟"

دل ۾ چيم تہ توکي رڳو رات جو سپنن ۾ ٿورئي ڏسندو آهيان، جاڳ ۾ بہ تنهنجي جيءَ ۽ جياپي جي پرواهہ پاڻ مٿان سُوار محسوس ڪندو آهيان،

منهنجي لاڳيتي گهُورڻ جو نوٽيس وٺندي چيو هُئيي تہ،

"چا تو سوچين ۽ چا تو ڏسين، خاموش ڇو ٿي ويو آهين"
مون نيڻ تنهنجي سينگاريل ڇهري تي وڌا ۽ پنهنجائپ وچان توکي چيو تہ،
"معوش هڪ ڳالهہ پڇان"
"جي پڇو، چا تا پڇو سائين"
پنهنجون ٻانهون ڇاتي مٿان رکندي چيو هُئيي، مون توکان الائي ڇا پُڇڻ پئي چاهيو پر تنهنجي سنهي ٿمڪ ۽ ڇپن جي خوشبوءِ ۾ سڀ ڪجهہ وسري ويو ۽ اڻ ڄاڻائي ۾ الائي ڇا مان ڇا چوندو ويس ۽ توکي تڪيندو رهيس، گهڻي ڪچهري ڪان پوءِ هلڻ جو چيئي تہ مون اجا ويهڻ جي منٿ ڪئي،
"نہ يار گهڻي دير ٿي وئي آهي، اڄ مون کي ڪپڙا بہ استري ڪرڻا آهن ۽ روم ميٽ انتظار ۾ هوندي، روم جون چابيون مان کڻي آئي آهيان".
روم جي چابين جي ذڪر تي گرلس هاسٽل جا ڪمرا ذهن تي تري آيا هُئا. جتي ڇوڪريون رات جو وار کولي، رات واري لُنڊي ڊريس پائي، بالڪوني ۾ جڏهن واڪ ڪنديون آهن تہ اُهو منظر اکين آڏو تري آيو هُيم، توکان هر پيري جيان گرلس هاسٽل جون ڳالهيون پُڇڻ لڳو هُئس، تو ڊِڪيءَ تان اُٿي پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي، آهستي آهستي هلندي گرلس هاسٽل جا راز سلڻ شروع ڪيا هُئا،
" اڙي يار توکي گرلس هاسٽل سان ايڏي دلچسپي ڇو آهي، ڇوڪرين جي رهڻي ڪهڻي بابت پُڇي ڇا تو ڪرڻ چاهين، بابا سڀ ڪنهن جي پنهنجي لائيف آهي، پنهنجي نيائٽيون انجواءِ ڪن، ڪهڙو مسئلو آهي"
مان توکي اُڃايل پکي جيان پاڻي جي ڦڙي تائين پهچڻ جي حسرتن وانگي تڪيندو رهيس ۽ تون سهيلين جا پلڪار بيان ڪري رهي هُئينءَ.

"يار هاڻي ٿورو سختي ڪئي اٿن نہ تہ اڳ ۾ ڇوريون پنهنجا عاشق بہ چوڪيدار کي خرچي ڏئي اندر گهرائينديون هُيون، توکي خبر آ مون واري روم ميٽ چاچي ڏاڙهي واري چوڪيدار جي مدد سان ڪجهہ وقت اڳ شهزاد کي اندر گهرائيندي هُئي"
مون حيرانگي ظاهر ڪندي چيو تہ،
" يار ناممڪن آهي، گرلس هاسٽل جي اندر ڪو مرد ڪيئن ٿو وڃي سگهي"
تو اکين جا ڇپر ڪڻندي، نهايت ئي سهڻي لهجي ۾ وراڻيو هُيو تہ،
" يار ڇوريون حرام زاديون آهن، چوڪيدار کي زيني چوندي هُئي تہ منهنجو ياءُ آهي، ڳوٺان آيو آهي ۽ پوءِ شهزاد اندر زيني سان گڏ پنهنجي ڪار تان سامان لاهي ڪٽائي اچي روم ۾ رکرائيندو هو، پهرين تہ مون بہ اُن ادا کي زيني جو ياءُ سمجهو هو، اسان جي اڳيان زيني جي مٿي تي هٿ رکي ادي چئي مخاطب ٿيندو هو ۽ زيني انتهائي پنهنجائپ واري لهجي ۾ سندس عزت ڪندي هُئس، ڪنهن کي ڪهڙي ڪل تہ ادا هتي هاڻ ءِ نارڻ ايندا آهن"
معوش پنهنجي روم ميٽ زينت عرف زيني جو نالو ڪڻندي سيئي راز فاش پئي ڪيا ۽ مان حيرانگي وچان سڀ ڪجهہ ٻڌي رهيو هُئس.
منهنجي دل جي شرارتي يار توکان تنهنجي باري ۾ ۽ تنهنجي گرلس هاسٽل جي زندگي بابت وڌيڪ پُڇڻ چاهيو پئي پر همت نہ ساري سگهيس ۽ خاموش ئي رهيس.
تو هڪ دفعو ٻيهر هڪ ٻيو نئون راز فشان ڪندي ٻڌايو تہ،
"ٽي ڏينهن اڳ روبيءَ ۽ سيمي سيوهڻ ويون هُيون"
"گهمڻ..."
مون وڏي آواز ۾ چيو،

"ڇا تو سوچين ۽ ڇا تو ڏسين، خاموش ڇو ٿي ويو آهين"
مون نيڻ تنهنجي سينگاريل ڇهري تي وڌا ۽ پنهنجائپ وچان توکي چيو ته،
"معوش هڪ ڳالهه پڇان"
"جي پڇو، ڇا ٿا پڇو سائين"
پنهنجون ٻانهون ڇاتي مٿان رکندي چيو هُئي، مون توکان الائي ڇا پڇڻ پئي چاهيو پر تنهنجي سنهي ٺهڪ ۽ ڇپن جي خوشبوءِ ۾ سڀ ڪجھ وسري ويو ۽ اڻ ڄاڻائي ۾ الائي ڇا مان ڇا چوندو ويس ۽ توکي تڪيندو رهيس، گھڻي ڪچهري ڪان پوءِ هلڻ جو چيئي ته مون اچا ويهڻ جي منٿ ڪئي.
"نه يار گھڻي دير ٿي وئي آهي، اڃ مون کي ڪپڙا به استري ڪرڻا آهن ۽ روم ميٽ انتظار ۾ هوندي، روم جون ڇاپيون مان کڻي آئي آهيان".
روم جي ڇاپين جي ذڪر تي گرلس هاسٽل جا ڪمرا ذهن تي تري آيا هُئا، جتي ڇوڪريون رات جو وار کولي، رات واري لُنڊي ڊريس پائي، بالڪوني ۾ جڏهن واڪ ڪنديون آهن ته اُهو منظر اکين آڏو تري آيو هُيم، توکان هر پيري جيان گرلس هاسٽل جون ڳالهيون پُڇڻ لڳو هُئس، تو ڊڪيءَ تان اُٿي پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي، آهستي آهستي هلندي گرلس هاسٽل جا راز سلڻ شروع ڪيا هُئا.
" اڙي يار توکي گرلس هاسٽل سان ايڏي دلچسپي ڇو آهي، ڇوڪرين جي رهڻي ڪهڻي بابت پُڇي ڇا تو ڪرڻ چاهين، بابا سڀ ڪنهن جي پنهنجي لائيف آهي، پلي نياڻيون انجواءِ ڪن، ڪهڙو مسئلو آهي"
مان توکي اُجايل ٻکي جيان پاڻي جي ڦڙي تائين پهچڻ جي حسرت وانگي تڪيندو رهيس ۽ تون سهيلين جا پلڪار بيان ڪري رهي هُئينءَ.

"يار هاڻي ٿورو سختي ڪئي اٿن نه ته اڳ ۾ ڇوريون پنهنجا عاشق به ڇوڪيدار کي خرچي ڏئي اندر گھرائينديون هيون، توکي خبر آ مون واري روم ميٽ ڇاچي ڏاڙهي واري ڇوڪيدار جي مدد سان ڪجھ وقت اڳ شهزاد کي اندر گھرائيندي هُئي"
مون حيرانگي ظاهر ڪندي چيو ته،
" يار ناممڪن آهي، گرلس هاسٽل جي اندر ڪو مرد ڪيئن ٿو وڃي سگھي"
تو اکين جا ڇپر ڪڻندي، نهايت ئي سهڻي لهجي ۾ وراڻيو هُيو ته،
" يار ڇوريون حرام زاديون آهن، ڇوڪيدار کي زيني چوندي هُئي ته منهنجو پياءُ آهي، ڳوٺان آيو آهي ۽ پوءِ شهزاد اندر زيني سان گڏ پنهنجي ڪار تان سامان لاهي ڪٽائي اچي روم ۾ رکرائيندو هو، پهرين ته مون به اُن ادا کي زيني جو پياءُ سمجهو هو، اسان جي اڳيان زيني جي مٿي تي هٿ رکي ادي چئي مخاطب ٿيندو هو ۽ زيني انتهائي پنهنجائپ واري لهجي ۾ سندس عزت ڪندي هُئس، ڪنهن کي ڪهڙي ڪل ته ادا هتي هاڻ ناٿڻ ايندا آهن"
معوش پنهنجي روم ميٽ زينت عرف زيني جو نالو ڪڻندي سيئي راز فاش پئي ڪيا ۽ مان حيرانگي وچان سڀ ڪجھ ٻڌي رهيو هُئس.
منهنجي دل جي شرارتي ٻار توکان تنهنجي باري ۾ ۽ تنهنجي گرلس هاسٽل جي زندگي بابت وڌيڪ پُڇڻ چاهيو پئي پر همت نه ساري سگھيس ۽ خاموش ئي رهيس.
تو هڪ دفعو ٻيهر هڪ ٻيو نئون راز فشان ڪندي ٻڌايو ته،
"ٽي ڏينهن اڳ روبيءَ ۽ سيمي سيوهڻ ويون هُيون"
"گھمڻ..."
مون وڏي آواز ۾ چيو،

"نہ نہ گھمڻ...."

پوءِ..

تو هٿ جو اڻ وڻندڙ اِشارو ڪيو تہ منهنجا تاڪ لڳي ويا، تو وڌيڪ واقعي کي وائڪو ڪندي ٻُڌايو تہ،

"روبيءَ جي فيس ڪُتل هُئي، نيلم سان مسئلو شيئر ڪيو هُئائين، نيلم کنهن پئسي واري ماٺهو جو نمبر ڏنس ۽ چيائينس تہ تنهنجو مسئلو هي ماڻهو حل ڪندو"

"پوءِ ڇا ٿيو"

مون وڌيڪ اُن معاملي بابت ڄڻ مڪمل ريسرچ ڪرڻ پئي چاهي جو توکي وڌيڪ ڪولر ائيندو رهيس.

"پوءِ وري ڇا..؟ هڪ رات گُذاري آيون آهن، فيس روبيءَ جي ڪُتل هُئي ۽ شوق سان سڄي رات سيمي چسڪا ورتا هُئا، نياڳو ڳوٺاڻو هو، ٻڪرين جو کير پيتل هُئس الائي ڇا جو، ٻن ڇوڪرين کي سڄي رات سُمهڻ نہ ڏنائين"

توکي ايترو اوپن ڪنهن ٻُڌايو،

مون تکڙو سوال تو طرف اُڇلايو،

توجلدي ۾ سيمي جو نالو ڪنيو،

"سيمي وڏي چالاڪ ۽ اوپن مائينڊ ڇوڪريءَ آهي، سيمي تہ اهو ٻُڌايو هُيو تہ روبيءَ گھٽي پاڳي سڪنگ ڪئي پئي ۽ مون اڳيان پويان پئي پاسا يُوز ڪيا آهن"

مهوش جو صفا کُلي ڳالهائڻ ۽ گرلس هاسٽل ۾ رهندڙ ڇوڪرين جي حرڪتن حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو هو، مون دل ئي دل ۾ تصور ڪيو تہ هتان جي ڇورن جا سموسا ۽ ڇانهيون الائي ڪهڙي ڪُنڊ ۾ ٿيون وڃن، ٻاهر جو ماڻهو بنا ڪنهن محنت ۽ منٿن جي سيئي مزا پيو ماڻي،

"گھڻيون ڳالهيون آهن ٻُڌندي تہ دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندئي"

مهوش ٿورو شرمساري محسوس ڪندي چيو، مهوش ٿورو کِلندي روڊ ڪراس ڪندي ۽ هٿ جي اِشاري سان موڪلائڻ لڳي، مون گرلس هاسٽل جي گيٽ کي غور سان ڏٺو ۽ آهستي آهستي روڊ ڪراس ڪيو ڄڻ ٻاهر جو درياهہ لتاڙي اڳتي وڌي رهيو هُئس.



مان هاسٽل تي اچي ته ڪري، پاڻ مٿان چادر وجهي سُمهي پيو هُئس. اکيون بند هُيون پر دل جاڳيل هُئي، دل جي اکين سان تصور ۾ توکي لاٿو هُئم، توسان ڪوڙ ڪچهريون ڪيون هُئم ۽ توکان گرلس هاسٽل جي اندر جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٻه پُڇي ويو هُئس، محسوس ڪندو هُئس ته تون واقعي سچار آهين ۽ صرف مون سان ئي سچ ڳالهائيندي آهين، پر ڪڏهن ڪڏهن دوستن جي واتان ٻڌل ڳالهين تي دل ٻُڏي ويندي هُئي.

تنهنجي سهيلين تي سوچيو هُئم، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي گلا به ڪنديون هُيون ۽ وري انهن سان تنهنجو پيار ڏسي، تنهنجي فراخدلي تي ويتر پيار اچي ويندو هو، خبر ناهي تون ڪهڙي مٽيءَ جي ٺهيل آهين، جو ڪڏهن به پنهنجي دل جي ڳالهه ڪنهن ٻي سان نه شيئر ڪئي هُيئي ۽ نه ئي وري تنهنجي ڪنهن سان دل اڙيل هُئي، سوچيندو هُئس ته توکي ڪڏهن پنهنجي دل جي سموري ڪٿا ٻُڌائي ڇڏيان ته منهنجي دل ۾ تنهنجي لاءِ ڪيترو پيار پلجي ٿو پر ڪڏهن به اظهار جون عمارتون ڪڙيون نه ڪري سگهيس.

اڏوري جاڳ جسم تي بوريت طاري ڪري ڇڏي هُئي، اوچتو بجلي جي اکهوٽ ڪري ننڊ کي ٽڙي ڪڍيو هُئم، واشروم مان ٿي پاڻ کي آئيني آڏو آڻي اچي بيهاريو هُئم، وارن کي سيٽ ڪري موبائل چارجر مان ڪڍي، ٻاهر هاسٽل جي بورچيخاني ڏانهن وڌي ويو هُئس، چانهه جي ٻاڙ لڳي هُئي، سوچيو هُئم ته اڄ پنهنجي پئسن جو سُٺو ڪير وٺي اچي پاڻ ڪڙڪ چانهه ڪاڙهي پيان، رف چپل پيرن ۾ ڦاسائي روم مان نڪري بورچي خاني ۾ جيئن ئي گهڙيس ته عامو جون ٽنگون ڏري گهٽ ڇت واري پکي سان پئي لڳيون، هاسٽل جي سامهون تيار ٿيندڙ پلازه جو چوڪيدار ماجد سندس ڇڪي آڌي رهيو هو، مون پنهنجي موجودگي کي لڪائيندي دريءَ جو پاسو وٺي سجو تماشو پئي ڏٺو، ماجو گرمي ۾ شل هُيو، عامو جون سيڪسي دانهون، منهنجي به جان مان سيسراٽيون ڪڍي رهيون هُيون، هيڪر خيال آيو ته نهاڳن جي ويڊيو ريڪارڊ ڪريان ۽ پوءِ توکي ۽ نيلم کي ڏيکاري توهان کي وڏيڪ چيڙايان پر پوءِ انسانيت جي توهين سمجهي پاڻ کي اُن غلط عمل کان روڪي ڇڏيم، عامو ۽ ماجو جڏهن ٻي جٽا واندا ٿيا ته مون پنهنجي موجودگي جو احساس ڏياريندي هلڪو کنگهيو ته ٻنهي پاڻ سنڀاليندي، پنهنجو پاڻ کي ڪيل گناهه مان لڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، ماجو تڪڙي ڏاڪڻ لهي روانو ٿيو ته مون عامو کي رعب وچان چيو ته،

"هي ڪهڙي فضيلت آهي يار"

عامو روز جيان هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ منهنجي ڪاوڙ مُرڪ ۾ تبديل ٿي وئي، مون عامو کي کير وٺي اچڻ لاءِ پئسا ڏنا، عامو ويامل مائي وانگي ٽيڙو ٿيندو هيٺ ڏاڪڻ تان لهي، منهنجي اکين کان اوجهل ٿي ويو هو، مون هاسٽل جي آڳر تي بيهي پرئين پاسي نظر ايندڙ ڇتين ڏانهن نهاريو ته هڪ ڇت مٿان ڪا پدمڻي ڪپڙا سُڪڻا وجهي رهي هُئي.

ڪُليل وار، ٻَت ۾ پريل، بنا پوتيءَ ۽ اڇ پُسيل ڪپڙن ۾ سندس جسم جي جادوگري پري ڪان ئي موهي رهي هُئي، چيلهه ڪان هيٺ واري پراپرٽي وڏيڪ خوبصورت لڳي رهي هُئس، ڇاتيءَ جي گولائي به ڪمال جي هُئس، جهڙو مهانگي نارنگي جا ٻه وڏنڊڙ ائتم سامهون هجن، دل چيو ته وڃي ٻک وجهجيس، پر اُهو ممڪن ئي ڪونه هُيو، باقي تصور ۾ ته اُن سميت الائي ڪيترن کي ٻڪيندو رهيو هُئس، منهنجو هڪڙو ڳوٺائي دوست چوندو آهي ته پيو نه ته نُور چٽو لازم ڪجي، سو مون به پري ڪان ٻيئي نُور چٽو ڪيو ۽ گهٽي دير ڪان پوءِ اُها پدمڻي به اکين ڪان اوجهل ٿي وئي هُئي، جڻ سمورو منظر معذور ٿي ويو هو، اکيون بي رنگ منظرن مان هٽائي موبائل تي آيل مئسيج پڙهڻ لڳو هُئس، جيڪي مختلف گروپن ۾ آيل هُئا.

سُڪون جي تلاش ۾ نه ڄاڻ مون ڪيترا پنهنجا پهر ائين آوارگيءَ ۾ وڃائي ڇڏيا هُئا، الائي ڇو مڪمل سنجيدگي منهنجي مزاج ۾ هاڻ ناهي رهي، جيڪو ڪجهه ڪيان ٿو اُهو پاڻ کي اڌورو اڌورو محسوس ٿئي ٿو، عشق اڌورو، ڳالهيون اڌوريون، ننڊ اڌوري، خواب اڌورا ۽ سڀ خواهشون به اڌوريون ئي رهجي ويون هُيون.

تنهائي سان ڳالهائي رهيو هُئس ته عامو جي پيرن جي زپ زپ ڪنن سان ٽڪرايو ۽ عامو مُرڪندي، بورچيخاني ۾ هليو ويو ته مون رڙ ڪري ڪيس چيو ته،

"اڙي هيڏي ٻالا ٿانو ڇگي طرح ڌوئجان"

عامو اندران ڌيبل آواز ۾ وراڻيو ته،

"حاضر سر حاضر"

چانهه جي انتظار ۾ ڪُرسي پٺ سان ملائي ويهي رهيو هُئس، جڻ بئنڪ جو سيڪيورٽي گارڊ هجان، ائين محسوس ڪيو هُئم، شام جي

جواني پوڙهائپ ڏي ور چڙهي رهي هُئي، آس پاس جي گهرن ۾ هلندڙ جرنيٽرن جا آواز ڪنن ۾ ڪاهي پيا هُئا، عامو ڪان چانهه جو ڪوپ وٺندي ڪمري ۾ هليو آيو هُئس ۽ ڪوپ ۾ چپ رکي ڇڏيا هُئم، چوته اسان ٻارن جي چپن تائين فقط ڪوپ ئي اچي سگهن ٿا باقي اسان جي چپن سان چوڪرين جا چپ ٽڪرائجن سو ممڪن ئي ڪونهي.



آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا، موسم جو مزاج عاشقاڻو هُيو، دلفريب هوا جو جهڙن ممڪار اوتي رهيو هو، وڻن مان هوا جي شدد ڪري طرح طرح جون بانسريون وڄي رهيون هيون، يونيورسٽي جا منظر محبوب جي مُرڪ جيان موهي رهيا هُئا، ڪنهن ڪنهن پل هوا جي ڇتي بغاوت تي ڇوڪرين جا چولا ڇتيون ٿي رهيا هُئا، پينٽ شرٽ پاتل ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ڪنهن قدر محفوظ هُئا باقي ننڍا چولا پائي ايندڙ ڇوڪريون سيني ڇڙواڳ ڇورن جي نظرن جو مرڪز بڻيل هيون، جاويد ۽ اُن سان اڪثر گڏ گُهمندڙ فرسٽ ايئر جو پروچ ڇوڪرو ، جيڪو گهڻي ياڳي ڳالهائيندو به ڪونه هو پر موسم جي مزاج اُن کي به تکيءَ زبان ڏئي ڇڏي هُئي، جيڪو رکي رکي وڏا ٽهڪ ڏئي، ڇوڪرين جي پوئين پراپرٽي گهُوري ڇئي رهيو هو ته،

"گِند گِند جائو چکر مال اي..."

جاويد جنهن کي به اڏوگابري پروچکي ايندي هُئي، اُهو به پنهنجي دوست جي شرارت کي سگهه بخشي رهيو هو،

"آن موتي اي ڪين گِند، ڇيرگان لُڏائنگي..."

آئون تنهنجي انتظار ۾ صُبح سان ڦوٽو ڪاپي واري جي دڪان تان ڪجهه ڪاغذ ڦوٽو ڪاپي ڪرائي، ڪمند واري جوس ڪپائيندڙ ڪاٺي ڪاڪي جي بينچ تي ويهي رهيو هُس، مون کي پروچ ڇوري تي گهڻ ۽ جاويد تي وڌيڪ حيرانگي ٿي رهي هُئي ته جاويد جهڙو شريف ۽ اشراف ڇوڪرو به ڇوڪرين لاءِ اهڙا ڪمينٽ ڪري رهيو هو، اڪثر ڇوڪريون ته هاسيڪار تيز هوا ۾ وار کولي آوور ٿي رهيون هُيون ۽ سيلفيون ڪيندي نظر آيون، فطرت صُبح سان ماحول کي ممڪائي رکيو هو، يونيورسٽي ۾ چوڌس خوشبوءِ ڦلجي وئي هُئي، منهنجي وسڪٽي روح کي ڪنهن پل زلفن ته ڪنهن پل ڪُنواري بدن جي خوشبوءِ ته ڪنهن پل وري گُلن جي خوشبوءِ گهائي رهي هُئي، سوچان پيو ته ڪاش...هن لمحي تون سامهون اچي وڃين ۽ تنهنجي جوڀن جو واس واءُ جي معرفت سنگهي وٺان، پر الائي ڇو منهنجو انتظار طويل ٿيندو ٿي ويو ۽ مون گهڻو وقت ويهي تنهنجو انتظار ڪرڻ بجاءِ سينٽرل لائبريري ڏانهن وک وڌائي هُئي.

لائبريري ۾ خاموشي ڇانيل هُئي پر رکي رکي هوا جا دڙڪا در ۽ درين کي ڇرڪائي رهيا هُئا، مون واشروم ۾ وڃي پنهنجو پاڻ کي سيٽ ڪيو ۽ پوءِ جيئن ئي ٻاهر نڪتس ته تون ۽ نيلم ڪنهن اڄاتل شخص سان بيٺل نظر آيوَ.

توکي ڳاڙهو وڳو پاتل هُيو، تون ڳاڙهي وڳي ۾ جرڪي رهي هُئينءَ، تنهنجي وارن کي رنگين ڪلر ٿيل هُيو ۽ وارن جي ٿوري ڪٽينگ به ٿيل نظر آئي ۽ اُن سان گڏ تنهنجي وارن جو اسٽائيل به نرالو لڳو، نيلم کي ڪارو ڪڙتو پهريل هُيو، هڪ نيلم جو رنگ ڪارو ۽ پيو وري ڪڙتو ڪارو، ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ بليڪ بورڊ تي ڪنهن ڪاري مس هاري هجي، صرف نيلم جون ٻگيون اکيون چمڪي رهيون هُيون، تنهنجي پر ۾ بيٺل اجنبي شخص کي وڏا ۽ ويڪرا ڪپڙا پهريل هُئا، مُڇون وڏيون

۽ انهن مٿان پاڻ تيل جو لڳائي ايندڙ، اوهان سان ڪلي ڳالهائيندڙ
ويڪري منهن وارو معاندو الائي ڪير هيو پر سندس هُليي مان محسوس
ٿي رهيو هو تہ وڏو پئسي وارو آهي، لمحي جي وٿيءَ ڪان پوءِ نيلم ۽ اُهو
شخص ٻاهر نڪري ويا هُئا ۽ تو پنهنجي موبائل پنهنجي پرس مان ڪيي
ڪن تي رکي هُئي تہ منهنجي پينٽ جي کيسي ۾ پيل موبائل ۾ ساهہ پيو
هو تہ اُها بہ رڱڻ لڳي هُئي، مون تنهنجو نمبر بزي ڪري ، تنهنجي سامهون
ٿيندي، هٿ مٿي ڪري پاڻ ڏانهن اچڻ جو اِشارو ڪيو تہ تو مُرڪن جون
مينهن ڪٽيون پنهنجي چپن تي وسايون.

يونيورسٽي جي وٽن ڪي ميرو ڪري ويندڙ هوا جي شديد احتجاج
تي ڳالهائيندي، توڪيئي ڳالهين جا وڻ پوکيندي، مون ڪان پنهنجي هر
غلطي لڪائيندي ، مون کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هُئي،
منهنجون اکيون تنهنجي چهري تي پوسٽر وانگي چنبڙيل رهيون، هوا جو
هٿ آهستي آهستي نارمل پوزيشن ۾ آيو هو ۽ موسم جي جواني ۾ خوشبوءِ
جو شامل ٿيڻ بہ سياويڪ لڳي رهيو هو، تو هٿن جي آڱرين کي پاڻ ۾
ملائيندي آڱرين مان ٺڪاءُ ڪيندي چيو تہ،

"يار اسد هڪ ڳالهہ تہ ٻڌ مون پلا اڄ تائين توکان تنهنجي غلطين
جي باري ۾ ڪڏهن پُڇيو آهي..؟"

تنهنجي اُن ڪُهري لهجي منهنجي خيالن جي نازڪ جسم تي جڏهن
چڪُ هڻڻ شروع ڪيا تہ مان بنا ڪنهن سوال ڪرڻ ۽ بحث کي اڳتي
وڌائڻ جي، خاموشي کي ترجيح ڏني، تنهنجو چهرو ڳاڙهو ٿيڻ لڳوهو،
مون ڳالهين جو رُخ مٽائيندي، توکان نيلم ۽ اُن انڄاتل شخص بابت
پُڇيو تہ تو وڌيڪ ڪاوڙ جوزهر مون مٿان هاريندي چيو تہ،

"مڙس هو منهنجو، چو ڪوڪم آهي ڇا اُن ۾ تنهنجو.؟"

بي ترتيب جملن جي فائرنگ ڪندي توڪنڌ ڦيري ڇڏيو هو، مون
سوري چئي جان ڇڏائي تہ تون موڪلائي، پوائنٽن طرف وڌڻ لڳي هُئين،
تنهنجي لوڏ تي لچڪندڙ تنهنجي هانيءَ، قد ۽ آڪڙ تي سوچڻ لڳو هُئس.
تون مڪمل ماڪيءَ جو مُنارو لڳندي هُئين، تنهنجي اُرهرن جي آر ۽
ڳٽن جي ڪاڄ کي چڪڻ لاءِ نہ صرف مان آتو هُئس پر جهان جون جهاتيون
تنهنجي پويان رُلنديون هُيون.

مان سوچن جي سُمنڊ مان تري ڪناري پهتس تہ پويان نيلم جي رڙ
منهنجي وڌندڙ وکن کي روڪيو.

" ايڏو تڪڙو ڪاڏي پيو وڃين اسد"

مون بيقراريءَ جي بخار ۾ وڪوڙيل جسم جي غريبي کي سهيڙي
نيلم ڏانهن ڏٺو ۽ سندس ڊِگهوليڪچر ٻڌڻ لاءِ پنهنجي ذهن کي تارچر
سيل ۾ لاهڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيس.

نيلم ڳالهاين جي ڪڪائين گهر مان اُڏوهي چنبڙيندي بنا پُڇڻ جي
ڪيئي حيران ڪندڙ ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون، ائين محسوس ٿي
رهيو هو جڻ تو وارو روح نيلم ۾ اچي ويو هجي، مان حيران اُن ڪري بہ
هُئس تہ اُهي سيئي ڳالهيون آئون صرف توکان ئي پُڇندو هُئس ۽ تون ئي
مون کي ٻڌائيندي هُئينءَ، اوچتو نيلم جو کُلي پوڻ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو پر
سندس دل رکڻ لاءِ هان هُون ڪندو رهيس، منهنجا ڪن ڪڙا تڏهن ٿيا
جڏهن نيلم جي واتان تنهنجي حيران ڪندڙ ڳالهہ ٻڌم، نيلم ڪارن چپن
تي بي سُري مُرڪ اُڇلائيندي چيو تہ،

" اسد اجوڪي مهوش جي لهجي توکي ضرور زخمي ڪيو هوندو پر
مهوش جي بہ ڪا مجبوري هوندي، اُهو تہ توکي احساس ئي ناهي"

مون تڪڙو سنجيدگي اختيار ڪندي، نيلم کان تنهنجي مجبوري ۽ تنهنجي کُهري لهجي بابت پُڇيو تہ نيلم جي ويڪري وات مان نہ برداشت ڪندڙ ڳالهيون وهڻ لڳيون.

" اسد اُهو وڏيري جو پٽ آهي، مهوش کي هر مهيني جسماني تعلق برقرار رکڻ لاءِ زور ڀريندو آهي ، هتي يونيورسٽي جي ڪنهن ميڊم جي معرفت ايندو آهي ۽ هر ڀيري مهوش کي بليڪ ميل ڪندو آهي، مهوش بہ مجبور آهي ڇا ڪري ويچاريءَ..سوير بہ ڏگهو بحث اُن موضوع تي هلي رهيو هو، مهوش مون کي ۽ اُن شخص کي داهو ڏيندي چيو تہ مان سڀ ڪجھ اسد کي اڄ ٻڌايان ٿي تہ اُن شخص سندس بنا ڪپڙن جي يونيورسٽي جي پروفيسر سان سُتل ويڊيو ڏيکاريندي مهوش کي وڏيڪ بليڪ ميل ڪرڻ شروع ڪيو"

منهنجي واتان جذباتي جملا نڪرڻ لڳا،

"اڙي يار پوءِ تون بہ سڀ ڪجھ خاموشي سان ٻڌندي رهئين، اُن ڪميٽي کي ٿونشا ڪونہ هنيئي"

" مان ڇو سندس بي عزتي ڪيان، منهنجو پراڻو فرينڊ آهي ۽ منهنجي پڙهائي جو سمورو خرچو اُن مٿان آهي، مهوش بہ پهرين سال پاڻ اُن سان تعلقات وڌايا هُئا، هاڻي مهوش کي هوش آيو آهي تہ مان ڇا ڪري سگهان."

نيلم جي نڙيءَ مان نڪتل بي فضيلي بحث کي پوئدو ڏئي، تو پُٺيان آيس، پر تون پنهنجي هڪ ٻي سهيليءَ سان ڪار تي چڙهي سپر هاءِ وي طرف وڃي چُڪي هُئينءَ، منهنجي ذهن تي سوچن جي بمباري تيز ٿيڻ لڳي هُئي، منهنجي وڪن ۾ تيزي آئي هُئي، مان تڪڙو پنهنجي هاسٽل طرف آيس ۽ چارجر تي ڇڏي آيل پنهنجي ٻي موبائل ڪڍي، تڪڙو تنهنجو نمبر ڊائل ڪيو هُئم، جنهن ۾ مهيني جو پئڪيج ٿيل هُيو، لڳاتار

ڪوشش جي باوجود تنهنجو نمبر بند مليو تہ منهنجي هانءَ ۾ هٿوڙيون لڳڻ شروع ٿي ويون، مون وري نيلم جو نمبر لڳايو تہ نيلم وڏا ٽهڪ ڏيندي چيو تہ،

"اسد ڇوڪرين جي حرامپاڻين سان ڪونہ پُڄي سگهندي، مهوش جهڙن ڇوڪريءَ سان ڪار تي وئي آهي، اُها اردو اسپيڪنگ وڏي ڊرنڪر آهي، ائين سمجھ تہ اُها ڇوڪريءَ اُن وڏيري جو هنڊايل پهراڻ آهي، تون ڇا ٿو ڪري سگهين، اڄ شاپنگ ٿيندي، بيئر وٺبو، وسڪيءَ وٺبي، ڪپڙا، سينڊل ڪنڊوم ۽ ٻيو گهڻو ڪجھ خريد ڪبو ۽ رات مهوش جي اڻ نسريل پوک کي ڀهراڙيءَ جو بي قابو پاڏو ڀيليندو.. هاهاهاها....ويچاريءَ..."

مون نيلم کي ڀهريون ڀيرو گندي گار ڏيندي چيو تہ،

"سڀ تنهنجي حرامپائي آهي، ڪاري مينهن مان توکي ڏسي رهندس"

منهنجو جذباتي ٿيڻ ۽ نيلم جا ٽهڪ ڏيڻ سمجھ ۾ ڪونہ آيو، ڪاوڙ مان ڪال ڪٽي، پاڻ کي هاسٽل جي پراڻي بستري تي اُڇلائي ڇڏيو هُئم، جڻ منهنجي جسم مان ساھ نڪري ويو هجي، اڌ ڪلاڪ تائين شديد سوچن جي ور چڙهيل رهيس، منهنجا ڳوڙها اکين جا بند ٽوڙي ڪاڏيءَ مان ٽمي رهيا هُئا، وجود ۾ رڙٿي ڪاهي پئي هُئي، طبيعت ۾ خطرناڪ بيقراري ترسي پئي هُئي، اُن ڏينهن پنهنجو پاڻ سان بغاوت ڪندي، پنهنجي وجود کان نفرت ڪرڻ لڳو هُئس.سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ٿي رهيو هو، نيلم جي ڪنهن بہ ڳالھ تي يقين نہ پئي آيو، سوچيم تہ بيوقوف ٿي ڪري شايد، پر وري مهوش جو ڇڙي پوڻ ۽ ڪجھ لڪائڻ واري سرگرمي شڪ ۾ مبتلا ڪري رهي هُئي، اڌ ڪُنل پڪي وانگي لُڇي رهيو هُئس تہ وري نيلم جو ايس ايم ايس آيو تہ،

" اسد توکي منهنجي ڳالهاين تي يقين نہ ڪونہ ايندو پر ڪجھ ئي ڏينهن ۾ مان توکي ثبوت ڏيندي پوءِ تہ پڪ ٿيندئي ۽ ها...اُن ڏينهن بہ گاڏي ڪاٽي ۾ گهمندڙ اهو جاتل شخص اُهو ئي وڏيري جو پٽ هُيو، جنهن جو مون ڳالهين ڳالهين ۾ توسان ذڪر بہ ڪيو هو، توکي چڱي طرح ياد هوندو."

مون نيلم جي جملن جا ڪانَ پنهنجي جسم ۾ چُڀندي محسوس ڪيا ۽ سندس اوڪي لکي فون پاورڊ آف ڪري سُمهي پيو هُئس جڏهن ريل جي هيٺان اچي ويو هُئس.



سچ پنهنجي جوڀن جي نمائش ڪندي هاسٽل جي ديوارن کان وڏو ٿي رهيو هو، هاسٽل ۾ رهندڙ سمورا ڇوڪرا تيار ٿي، يونيورسٽي ۽ ڪي ڪاليجن ڏانهن نڪري ويا هُئا. مان اڪيلو پنهنجي روم جي ڪنڊ ۾ ويڙهيو پيو هُئس، طبيعت ۾ ساڳي بيقراري برقرار هُئي، بستري تان اُٿڻ تي دل نہ پئي چيو، گهڻي دير کان پوءِ نيٺ اُٿي تڙ ڪيو هُيم ۽ پوءِ اڏوگابرو ڪنگو ڏئي، هاسٽل کان ٻاهر آيو هُئس. جامشوري جي پٿريلي ڌرتي تي هلندي، جامشوري جي هوائن ۽ خوبصورتي تي سوچڻ لڳو هُئس، سنڌ جي انهن سمورن شاعرن ۽ فنڪارن تي ڪاوڙيو هُئس، جنهن جامشوري کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڳايو آهي، انهن مان ڪنهن تي ڪنهن پل چڙ تہ ڪنهن پل ترس اچي رهيو هو تہ انهن جامشوري کي ڪهڙي طرح پنهنجي شاعريءَ ۾ قلمبند ڪيو آهي، ڪِن جامشوري کي حُسن جو هندورو تہ ڪِن پرين جو شهر، ڪِن پٿرن جو شهر تہ ڪِن هوائن جو شهر، ڪِن علم جو شهر تہ ڪِن خوشبوءِ جو شهر بہ سڏيو آهي، پر حقيقت هي آهي تہ جامشورو ننگن جو شهر آهي، اُهي ننگ جنهن کان اسان جهڙا سادا ۽ سچا ماڻهو ننگجي رهيا آهن. هي ڪهڙي قسم جو علمي شهر آهي جو، جتان

جي جوڀن کي پنهنجي مستي ته آهي پر اُن ئي جوڀن ۾ جوانيءَ ۾ عجيب بيوفائي شامل آهي، جيڪا ماڻهو کي رڻ ۾ رولي تي ڇڏي، هن درسگاهه جي پارڪن، ڪلاسن ۽ پوائنٽن اندر رقص ڪندڙ خوشبوءِ جي به عجيب ڪمائي آهي . جيڪا ماڻهو کي موهي ته ٿي پر ماڻهو کي مڪمل تازگي نٿي بخشي.

يونيورسٽي طرف ويندي پنهنجو پاڻ کي مڪمل تنها محسوس ڪيو هُيم، دل ۾ عجيب خيال اچي رهيا هُئا، هيڪر خيال آيو ته مُرڳو يونيورسٽي ڇڏي وڃي ڳوٺ جا وڻ وسائجن، پر پيپرسن پيءُ جي هٿن جو پورهيو ۽ امڙ جي اوجاڳن جو اُلڪو ورائي رهيو هو، اُن ڏينهن ٻنا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ جي يونيورسٽي جي روڊن تي هلندي، سوچيندي، سج کي تڪيندي پهر گذريا هُئا، پوائنٽن جي هارونن ۾ ڇوڪرين جي ٿڪل ذهن کي اُن ماحول ڏانهن موٽائي آندو هو، جنهن ماحول ۾ الائي ڪيترا ڇوڪرا زندگي کي انجواءِ ڪري رهيا هُئا، شايد انهن کي ڪنهن جي ڪارين اکين ڪوڻ ڳُنو هو يا ڪنهن جي زلفن جي واسينگن ڪوڻ ڏنگيو هو جو، ڇوڪرين سان ڪِلندا، پوڳ ڪندا ڏينهن، هفتا، مهينا ۽ پوءِ سال گُذاري رهيا هُئا، انهن ئي ڏينهن ۾ ۽ اُن سموري صورتحال جي ذڪر کي منهنجا به ويجها دوست شايد صحيح سمجهي اُن موضوع ۽ اُن صورتحال کي دل سان انجواءِ ڪندي، مون کي سمجهائيندي چوندا هُئا ته،

"ڇريا لائيف کي انجواءِ ڪر، مزو وٺ ۽ اُڏر، سچائي جي رينگٽ کي ذهن ۾ ئي نه آڻ"

مون کي وري الائي ڇو هر سُٺي ڇوڪريءَ کي سمجهڻ، سچائي تي هلڻ، سچار تي نڀائڻ، ڏُک سُک جو ساٿي ٿي رهڻ، سچي دل سان محبت ڪرڻ ۽ ڪنهن هڪ سان اندر جون ڳالهيون اورڻ ئي بهتر لڳندو آهي، پر

هتان جون نازڪ هرڻيون پاڻ وچي چيتن جي ڪُلهن تي چڙهن ٿيون ته اُن ۾ زماني جو ڪهڙو قصور....!

نياڳو سِجو ته اُن موضوع تي طويل بحث ڪندي ذري گهٽ وڙهڻ جهڙو ٿي ويندو هو ۽ چوندو هو،

" يار تو جهڙو بيوقوف دنيا ۾ نه هوندو، هتان جي هر ڇوڪريءَ هر هڪ ڇوڪري سان فقط ٽائيم پاس ڪري ٿي بس.."

۽ مون کي ٽائيم پاس ڪرڻ واري جملي تي سخت ڪاوڙ ايندي هُئي، چوندو هُئس،

" يار هيترين ڇوڪرين جي هوندي، ڪنهن هڪ ۾ به سچائي نه هوندي"

سِجو نياڳو ٽهي باهه ٿيندي وڌيڪ چوندو هو،

" بابا صرف انجواءِ ڪرڻ سِيک، ڳالهه کي سمجهه ۽ شين کي استعمال ڪرڻ جو سوچ، جديد دؤر هلي پيو، اجڪلهه جون ڇوڪريون اُهي پراڻي ڪلچر واريون ٽوڙئي رهيون آهن، هر هڪ ڇوڪريءَ ايڊوائنس آهي، ڏسندو ناهين ڪيئن چپ ڳاڙها ڪري، وارن کي ٺاهي، سُوڙهيون سلوارون پائي، ڊول کي لُڏائينديون هاسيڪار ڇوڪرن آڏو اينديون آهن ته جيئن کو لفٽ ڪرائي، يونيءَ جا سڀ ڇورا صرف ڇوريون ڦاسائي، يُوز ڪري، پوءِ انهن کي ٽائيم ئي ناهن ڏيندا، توکي خبر آ، وڳو هن مهل ٽائين يوني جي يارنهن ڇوڪرين کي ڇڪي چُڪو آهي، سندس ڪلاس ميٽ برقعو پائي ايندڙ شريف ڇوريءَ به نشاني هيٺ هُئي، هڪ هفتو پوڀان لڳس ۽ نيٺ ونگو وهنجاري ويهي رهيو، حرامي ٻُڌائيندو آهي، ڇوريءَ نخرو ڪري ته حدڪان وڌيڪ تعريف ڪرينس پاڻهي ويجهو ايندي ۽ ها....پاڻ وارو يار سلو ته اُن معاملي ۾ صفا ٽڙنڪ اٿئي، روبي، سمبل ۽ سيمي کي ڪيئن گهمائيندو، ڦرائيندو، انهن کي

سيڪس جي موضوع تي وڏا وڏا ليڪچر ڏيندو، سيڪس تي آڌاريل ڪتاب پڙهائيندو، سيڪسي ڳالهيون ڪندو، ڪيئن انهن سڀني جا ڪم لاهي ويو آهي، هاڻ اُهي سڀ ڇوريون منٿون ٿيون ڪنس تہ، جيئن چوڻ تو ائين ڪنديون آهن پر سڀني دوستن سان انهن جون ڳالهيون رڳو شيئر نہ ڪري، حرامي پنهنجي دوستيءَ جي هلڪي ۾ ايندڙ ڪنهن کي نہ ڇڏايو آهي، سو يار زندگي کي فل انجواءِ ڪر ۽ اڳتي وڌ...“

دوستن جون سمجهاڻيون ذهن جي ڪچي ديوار تي مينهن جيان وسنديون رهيون، مايوسين جي ڳري پاڻي مان نڪري سِڌو ڪينٽين تي آيس، ڪٽ بجاءِ چانهہ جو ڦُل ڪپ گهرائي ذهني سُڪون حاصل ڪيم ۽ گهڙي ڪن لاءِ پاڻ کي رليڪس ڇڏي ڏنم.

دل ۾ ڪيئي ڳالهيون ڳَر موڙينديون رهيون، پنهنجي منهن الائي ڇا نہ ڇا سوچيندو رهيس، مهوش جي اُلڪي اڌ مُئو ڪري ڇڏيو هو، تصور ۾ آندو هئم تہ ڇا ماڻهو ڪنهن سان ايتري ديوانگي جي حد تائين بہ محبت ڪندو آهي ڇا..؟.

جنهن کي ماڻهو دل ئي دل ۾ ايڏو چاهيندو هجي ۽ اڳئين کي ڪا پرواهہ ئي نہ هجي تہ اُن جي بيرُخي تي آخر ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ڪمپرومائيز ڪجي.

ڪافي وقت تائين يونيورسٽي جي گلن ۾ اکيون ترسائڻ جي ڪوشش ڪيم پر اکيون ڪنهن هڪ هنڌ ترسڻ جو نالو ئي نہ پيون وٺن، گُل نماري وري آيل پوائنٽن ڏانهن نماري ڏٺو هُيم تہ من ڪٿان مهوش اچي وجي ۽ ڪِلي ڳالهائي، پنهنجائپ جون ڳالهيون ڪري، پيار ونڊي پر...تصور تہ تصور ئي هوندو آهي، هر ماڻهو شايد تصور ۾ ڪيئي جهاز اُڏاري ۽ لاهي سگهي ٿو، انهن ساڀيائن جي پوپٽن جي مرضيءَ جتي سندن دل چوي اُتي وڃي بسيرو ڪن.

وقت ڪافي گُذري چُڪو هو، ڏينهن جي جواني پوڙهائپ طرف وڌڻ لڳي هُئي، شام جا پاڇا ڏگها ٿي رهيا هُئا، يونيورسٽي خالي ٿيڻ لڳي هُئي، هيڪڙ ٻيڪڙ پوائنٽون هارون وڄائي رهجي ويل ڇوڪرين کي سڏي رهيون هُيون، مون بہ سوچيو تہ وڃي ساڳي هاسٽل جي ساڳي ڪنڊ وٺي اڪيلائي ۾ لڳاتار روئي دل جو بار هلڪو ڪجي، يا ڪنهن سان ڪچهري ڪري ٽائيم پاس ڪجي، اُهو سوچي سِڌو هاسٽل طرف موٽيس، هاسٽل ۾ ساڳي خاموشي ڇانيل هُئي، مون ڪان اڳ ڪوبہ هاسٽل شايد ڪونہ پُهتو هو، جو هاسٽل خالي خالي نظر آيو هو، پير گهليندو، ٿڪل قدمن سان اچي بستر تي پاڻ اُڇلايو هئم، خبر ناهي ڪهڙي پهر ننڊ جي نخريلي ناچڻي اکين جي آڳنڌ تي رقص ڪيو هو، ڪا سُڌ ڪانہ پئي، اکيون جڏهن بيواهہ ٿيون ٻڌجي ويون هُيون، اُن ڪري بہ لڳاتار سپنا عدت ۾ ويهي رهيا هُئا.



يونيورسٽي اندر سچائي سان محبت ڪندڙن جي دلين تي سوچيندي ذهن پنڪچر ٿي پوندو هو، ڪيئي وڏا سوال ذهن سان ٽڪرائيندا هُئا، پنهنجي منهن ويهي سوچيندو هُئس تہ سچائي جي معاملي ۾ ايڏي سَچ چو آهي، اُجريون دليون ميريون ڇو ٿيون ٿين.

درياءَ جي وٽندڙ ۽ جرڪندڙ بدن جهڙا جسم مجبورين ۽ مفاهمت جي آڙ ۾ پليتن جي زبانن سان آلا ٿي وڃن ٿا پر غلام ذهن ڪو بغاوتي احتجاج نٿا ڪن.

محبوب جسمن جي دلفريب خوشبوءِ ڪارين زبانن هيٺان اچي، پنهنجي وجود کان بغاوت تہ ڪري ٿي پر اُجرين اکين جو سپنو نٿي بڻجي.

لاوارث سڏن جي ٻُڪ هڙتال بنا نتيجي ختم تہ ٿي وڃي ٿي پر انهن سڏن کي ڪا سيند نٿي سڏي.

ڪار.ن اکين جا ڪارا ڪبوتر پنهنجي موهيندڙ گُٽڪار سان، نيون سماٽيل دليون تہ پترائن ٿا پر عاشق اکين جي آڳند تي داڻو چُڳڻ نٿا لهن.

هڪڙي وڏي بي سُرائي جي حڪومت هيٺ اسان سيني جا احساس قتل ٿي رهيا آهن.

بي حياءِ روايتن اسان کان پيار کسي، اسان جي دلين ۽ هٿن ۾ هٿيار پوکي ڇڏيا آهن.

چنڊ اسان سيني جي ڏکي خاموشي تي کِلي پنهنجي اڪيلي اُجرائي تي فخر ڪري ٿو پر اسان جا من اڄ بہ جوان ڇوڪرين جي ڳِتن ۽ چپن تي سوچيندي کُٽي پون ٿا.

سنڌ جي محبوب جوانين کي جيڏو عاليشان حُسن آهي، ايڏو وڏو تڪبر ۽ آڪڙ بہ انهن جي وجود جو حصو رهي آهي.

حقيقت هي بہ آهي تہ پڙهائي پنهنجي رفتار سان پاڻ اڳتي جو پنڌ ڪندي آهي، جوانيون صرف پنهنجي سينگار سان سُنيون لڳنديون آهن.

حسين عورتن جي جسمن ۾ ڪمال درجي جي جادوگري هوندي آهي، اُها جادوگري مرد جي اُجايل روح کي ائين ٿي ڪائي ڇڏي، جيئن ساحلي پٽي کي سُمنڊ ڪائي رهيو آهي.

آئون لڳاتار چرين وانگي يونيورسٽي، يونيورسٽي جي بگڙيل ماحول کان ويندي، يونيءَ جي گلن، عمارتن، آفيسرن ۽ باڪمال بانورين تي سوچان ٿو تہ منهنجي اکين ۾ ننڊ جا ڪيپ لهي پون ٿا ۽ آئون احتجاجن بغاوت ڪندي ننڊ کي ٽڪرائڻ لاءِ سليماني چانهہ ۾ پناهہ وٺي، زبان جو ذائقو تبديل ڪيان ٿو پر ذهن جو ذائقو تبديل نٿو ٿئي، يونيورسٽي جي ماحول تي لکيل مختلف ناولن سان اکيون پرٽايان ٿو پر منهنجي نعار ۾ مستي نٿي ترسي تہ اُن پل شاعريءَ منهنجي من جي اوندهہ تي منور ٿئي ٿي ۽ آئون ڪجهہ لمحا شاعري ۾ پناهہ ڳولي وٺان ٿو.

آئون پنهنجي روح جي رڃ ۾ رابيل پوکڻ جي پوري ڪوشش ڪيان ٿو پر پاٽمرادو ٿوهر ڦٽي پون ٿا.

نيٺ منهنجو آوارا من، مون کي ريلوي اسٽيشن تي وٺي تو اچي ۽
منهنجي ڪيفيت ۾ ڪجهه نرمي داخل ٿئي ٿي، پليٽ فارم جي ڪرسين
تي ويٺل ڀهراڙيءَ جي عورتن جا گگهن جي ٽٽين مان نڪتل اڌ ٻيا معصوم
ٻارن جي وات ۾ ڏسي منهنجي نڙيءَ خشڪ ٿيڻ لڳي ٿي، منظرن جي
حُسناڪي ۾ اکيون ٺاريان ٿو ته عجيب ماحول متعارف ٿيندي نظر اچي
ٿو.

تارا بنا اجازت جي آسمان تي اُڀري اچن ٿا ۽ صفا هلڪيءَ اونداهه
جي موجودگي ۾ هوا جي وڻندڙ احساسن سان گڏ، ڪي نوجوان ورزش
ڪندي نظر اچن ٿا ته انتظار جي شدد ڪي دل ۾ لاهيندي، منهنجون
اکيون اُپ ڏانهن ڪجي وڃن ٿيون ۽ اُپ تي تارن جي هجوم کي
ڇتائيندي پنهنجي منهن سان چئي ويهان ٿو ته،

چنڊ به هُن جو، تارا هُن جا،
اُپ ڪيڏو آسودو آهي.

اُن بيوفا موسم ۾ ڏينهن ۾ مون کي شاعريءَ تمام گهڻو اُتساهيو هو،
منهنجي ڏڍ شاعريءَ ٻڌجي پئي هُئي، آئون ڀهراڙيءَ جو اڻ گهڙيو ڪانڌ
الائي ڪيئن اچي سونهن جي ور چڙهيو هُئس، سچي پُڇو ته سونهن جو به
عجيب نشو هوندو آهي، وڻندڙ لباس، بدن جي خوشبوءِ ، حسين چهراءِ
سوڙهن ڪپڙن ۾ قيد عورتاڻي جسمن جا وڏا ٿي ويل عضوا نه ڇتايان ته
سُڪون ئي نه اچي، اهڙي بنهه ٻُجڙي بيقراريءَ اچي چنبڙي هُئي، جو مرگهه
پنهنجو پاڻ کان ئي بيزار ٿي پيو هُئس.

واهيات بيقراري کي طلاق ڏيڻ لاءِ اڻ ڏٺل رستن تي نڪري ويندو
هُئس ۽ دل وندرائي واپس ورندو هُئس ته هر جاءِ تي ساڳي بيقراري ۽
تنهائي منهنجو اوسيئڙو ڪنديون هيون.

پليٽ فارم جي ماحول ۾ عجيب خاموشي ڇانيل هُئي، رڪي رڪي
سنها ٺهڪ ڪنن تي پيا پئي ۽ ڪجهه مُسافر ڇوڪرين جون هڪ ٻئي
سان ٿيل مشڪريون موهي رهيون هيون، انهن کي شايد ريل جي اچڻ جو
انتظار هو، انهن جو ماڳ ته الائي ڪهڙو هُيو پر انهن جي انتظاري جي
شدد مان معلوم ٿي رهيو هو ته انهن جي سِڪ ۽ ڇڪ ۾ وڏي تڙپ شامل
آهي.

ڪي ته مون وانگي ڪنهن جي انتظار ۾ دليون ۽ اکيون اگربتين
جيان ٻاري رهيا هُيا، هلڪيءَ سانجهه جي نهايت ئي وڻندڙ موجودگي ۾
محسوس ڪيو هُئم ته ڇا ته سنڌ جي جوانين کي حُسن ۽ هڻُ آهي، ڍڳها
گُلابي چولا بي ترتيب جسمن ۾ قاتل ڏسي ۽ اڻ ڀرٽيل ٺهڪ ٻڌان ٿو ته
من جي اڪيلي ريلوي اسٽيشن تان جڻ ريل لنگهي وڃي ٿي.

پاڻ ۽ پنهنجي آوارا من کي پرچائڻ ۽ ٿانيڪو ڪرڻ لاءِ نه ڄاڻ
ڪيئي ڀير ائين ڪڏهن ريلوي اسٽيشن تي ته، ڪڏهن وري ٽيڪسٽ
بورڊ واري روڊ سان پنڌ ڪندي، ڪڏهن سوسائٽي فيز ٽُو، الائيڊ بئنڪ
کان ويندي، لا شاري چونڪ تائين، پنهنجي پيرن جي ڪيل لانگ مارچ ،
يونيورسٽي ۾ گهاريل سمورا اُداس لمحا نه ڄاڻ اڃا ڪيترن ڏينهن تائين
مون کي اُجاڙڻ لاءِ سنبري رهيا هُئا.

تنهنجو انتظار شدد سان محسوس ڪندي سوچيو هُئم ته ، توسان
نوبڪلائي ۾ ملاقات ڪري، توسان دل جي تڪليف شيئر ڪريان پر
الائي ڇو تنهنجي ويڇڙائي آهستي آهستي دُوري ۾ تبديل ٿي رهي
هُئي، ائين جيئن سِڄ مٿي چڙهي اچڻ کان پوءِ پاڇا پاڻمرادو مري ويندا
آهن.

ريلوي اسٽيشن تي تنهنجو انتظار ڪندي طويل وقت ڪٽيو هُئم پر
نه تون آئين هُئينءَ ۽ نه تنهنجو پاڇو..

نيٺ مايوس ٿي واپس موٽيو هُئس، واپس ايندي ئي جڏهن هاسٽل
پهتو هُئس ته تنهنجو نه اچڻ جو ايس ايم ايس مليو هو، تو هن ڏينهن کان
پوءِ يونيورسٽي ۾ ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ جو ٽائيم ڏيندي لکيو ته.
" آئون ڪجهه ڏينهن کان ڳوٺ ويل هُئس، اڄ توڏي اچان ها پر
رستي ۾ سُواري دير ڪرائي ڇڏي ۽ ڏاڍو ٿڪجي پئي آهيان، رليڪس ٿي
فون تي ڳالهايان ٿي.... پريشان نه ٿي، گڊ باءِ...."
انتظاري ۾ اُلڪي کان پوءِ ٿورو رليڪس ته ٿيو هُئس پر ورڻ
ڏينهن جي انتظار جا جبل جو جماڳڻا هُيا، سو ڪُٽڪوئي هُيو، جيڪو
منهنجو همسفر ٿي مون سان ساڻ هلندو رهيو.
بنا ماني کائڻ جي، سکڻي چانهه تي رات جي تنهائي ڪاٽيندي
اکيون ڪتابن جي جسمن تي وجهي ڇڏيون هُئم، ڪتابن مون کي اهڙو
تراشيو هُيو جو پنهنجي ذهن جي بند دروازن جا تاڪ وجندي محسوس
ڪندو هُئس، هر پيري جيان محل ۾ موقعي تي پوري نه لهندڙ ڇوڪري، جو
طعنو ڏيندي به توڪان ڊڄندو هُئس، پر پوءِ به اُن رات تنهنجي ڪال جي
انتظار ۾ جڏهن رات جا پهر گهٽو اڳتي وڌي ويا هُئا ته توکي ايس ايم
ڪري، سُمهي پيو هُئس ته،
"انتظاري، اوهان تنا جاٽو،
بيقراري، اوهان تنا جاٽو."



هاسٽل لائيف به عجيب ٿيندي آهي، گهڻن ڇوڪرن سان لڳندي
ناهي ۽ گهڻا وري گهٽوحُجائتا به ٿي وڃن ٿا، هر ڇوڪري جو الڳ مزاج ۽
پنهنجي اُٿڻي ويهڻي هوندي آهي، هاسٽل انچارج عامو ڪان علاوه اسان
واري هاسٽل ۾ هڪڙو اردو ڳالهائيندڙ سُٺو ڇوڪرو رهندو هو، جيڪو
ڪجهه وقت اڳ هاسٽل ڇڏي، يونيورسٽي جي بوائز هاسٽل ۾ رهڻ لڳو هو،
انهي لسڙي ڇوري جا چرچا يونيورسٽي جي ڇڙن ڇورن ۽ ماين جي
مخالف جنس سان چاهه رکندڙ ڪامريڊن جي واتان تمام گهڻا ٻڌا هُئا،
انهي نوراني چهري جو موبائل نمبر مون وٽ به هُيو، سو هاسٽل جي
اڪيلائي، اُن سان رهاڻ لاءِ اُڪساهي رهي هُئي، اُن سان رهاڻ جو موڊ
وڏيڪ پُختو تنهن پل ٿيو، جنهن پل عامو حيدرآباد وڃڻ جو ڇٽي
موڪلايو هو.
آچر جو ڏينهن هُيو، جامشوري جا بنگلا صُبح جي پهرن ۾ گونگا
محسوس ٿي رهيا هُئا، ڪو آواز ڪونه هو، جڻ ماڻهو لڏي ويا هجن، اسان
پهراڙيءَ جا چريا پار سوير اُٿڻ جا عادي، سو ساجهر جاڳ ٿيندي هُئي ته
پين جي ننڊ ڦٽائڻ ۾ به مزو ايندو هو، سو صُبح ساڻ پيو ڇوڪرن ۾

چوڪرين جا نمبر ڊائل ڪندو هُئس، اڪثريت جا نمبر پاورڊ آف ملندا هُئا ته ڪي وري ڪال رسيوَ ڪونه ڪندا هُئا، اُن لسٽ جي به شايد مون وانگي ننڊ ڦٽل هُئي جو، صُبح سان آئن لائين وينو هُيو، ته مون سندس گوڊ مارننگ جو ايس ايم ايس ڪيو ته تُرت جواب ڏنائين ته،

"آج کیسی ہم غریبوں کو یاد کیا جناب!؟"

مون دل وارو اسٽيڪر موڪلي، ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ته جلدي ۾ هائوڪار ڪري، ڪنفرم ڪرڻ لڳو ته ڪٿي اچان، مون پاڻ واري هاسٽل جو ٻڌايو ته، ڪِلڻ وارو اسٽيڪر موڪلي لکيائين ته،

"کیوں وہاں عامر نہیں ہے کیا؟"

چوندا آهن ته پنٽو پنٽي کي نه سَهي، سو هي ٻئي هڪ ٻئي جي طبيعت ۽ چال چلت کان واقف هُئا، مون ڪيس ٻڌايو ته،

"عامو حيدرآباد ويو آهي، شام جو موٽندو ۽ منهنجو گهوڙو رسا تو چنائي، وڌيڪ جيڪا تنهنجي مرضي."

يونيورسٽي جي بوائز هاسٽل مان نڪري آيو آهيان، جو چيائين ته منهنجي جسم ۾ وڌيڪ لذت واري فيلنگ محسوس ٿيڻ لڳي هُئي، آئون پاڻ ئاهي هاسٽل جي گيٽ تي اچي بيٺس ته ڪجهه ئي لمحن ۾ ڪاري وڳي ۾ ملبوس، وارن کي اسٽائلش نموني سيٽ ڪندي، توفيق مون طرف ڊوڙيندي آيو، مون گيٽ مان اندر ٿيندي ئي ڀاڪر پائي، ڳِچي تي چُمي ڏنيمانس ته هڪ عجيب محسوسات منهنجي جسم ۾ ڊوڙڻ لڳي، ٽن مهينن کان پوءِ نياڳي جي جسم، ٻنهي ۾ پوئين پراپرٽي ۾ چڱي خاصي تبديلي محسوس ڪئي هُئم، هن به دير ئي نه ڪئي، مون واري ٽاور کي هٿ جي وٽندڙ ڇهاءَ سان مهٽڻ شروع ڪيو ته ويتر پوري جسم ۾ ڪرنٽ تيزي سان ڊوڙڻ لڳو هو ۽ پوءِ تڪڙو مٿي روم تي آياسين، منهنجي ڪيفيت اٽڇاڻ جي بندوق مان نڪتل گولي وانگي هُئي ۽ هُو بار بار

"ريليڪس جان پليز ريليڪس" چئي رهيو هو، مون پينٽ جي زِپ مس کولي هُئي ته شاور مان پاڻي جا ڦڙا پاٽمر ادو ٽمڻ لڳا، ته هن ڪروڌ واري ڪيفيت سان مون کي ڏسي چوڻ لڳو، "ارے یہ کیا کر دیا پاگل، اتنا جلدی، کیا ہو گیا تجھ؟"

مان ڪجهه پلن لاءِ پاڻ کان هن کي پري ڪندي وهاڻي تي آهلجي پيس ۽ پوءِ پنهنجي پينٽ نيڪ ڪري واشروم طرف وڌيس، ته هن ڏي ڪنهن ٻي گراهڪ جي شايد ڪال آئي هُئي، جو واشروم مان ايندي، هن کي فون تي سيڪسي انداز ۾ ڳالهائيندي ٻڌم، ڪال ڪٽڻ کان پوءِ مون کي اکِ هٽندي چيائين ته، "کیا موڈ ہے جناب!؟"

مون ٿورو ٽائيم گهريو ته کِلي، منهنجي ڳل تي هٿ رکندي چيائين ته،

"کوئی بات نہیں ہے جان! جتنا ٹائیم بولو، میں رُکنے کے لئے تیار ہوں، بس تم راضی ہو جاؤ، اور آج پہلی ملاقات میں دو یا تین بار تو ہونا چاہیے"

مون فون ڪٽي مهوش جو نمبر ڊائل ڪيو ته نمبر بند مليو، منهنجي بيقراريءَ کي محسوس ڪندي، منهنجي رانن تي هٿ ڦيرائيندي، مون کي تلقيد ڪندي چوڻ لڳو ته،

"یار آپ لڑکیوں کی معاملی میں اتنا سیر لیس کیوں رہتی ہو!؟"

منهنجي ڪيفيت کي هرڪوئي آساني سان پرکي وٺندو هو ۽ مان پنهنجي اُن ڪيفيت کي لڪائڻ جي به ڪوشش ڪندو هُئس اُن هوندي به دوستن سامهون وائکو ٿي ويندو هُئس.

چت واري پکي جي اسپيڊ کي وڌائي، مون پاڻ کي هڪ دفعو ٻيهر سندس حوالي ڪيو ته پلي دل ٺاري، هن پيري هِن مون کان سمورا ڪپڙا لهرائي، مڪمل مساج ڪندڙ انداز ۾ منهنجي جسم جي هڪ هڪ جاءِ کي نه صرف مهٽيو پر دل سان چُميو به، منهنجي ڪيلي کي وات ۾ وجهندي، عجيب آواز ڪيندي، هن مون کي مڪمل پُرڪيف ڪيو ۽

جنهن پل محسوس ٿي ڪيائين ته مان هاڻ سيريس ٿيڻ لڳو آهيان ته وري هٿ ڍرا پئي ڪيائين، منهنجي چاتيءَ مٿي بار بار، "ريلڪس هو جائو جائو" چوندي، پنهنجو پاڻ به گهڻو رليڪس نظر آيو، جيئن ڪو ٻکيو ڍور اڻ نسريل پوک جون ڪنڊيون ڪٽي چڏيندو آهي، ائين منهنجي سموري جسم کي چُوسي، ڪمند جي ڇيڇڙي وانگي مون واري ڳني مان رس ڪيڻ تائين، پاڻ کي ذري گهٽ بيهوش ڪري ڇڏيو هُئائين، مون محسوس ڪيو ته هي مڪمل ڪاريگر آهي، هن کي ڪنهن وڏي آرٽيڪاپ استاد جا هٿ لڳل آهن، جو سروس ۾ ڪٿي به ڪا ڪمي محسوس ڪرڻ نه ڏنائين.

مڪمل واندڪائي ڪان پوءِ واشروم مان وهنجي وار سُڪائي بنا قميص جي منهنجي سامهون ويهي رهيو ته مون سندس اهڙي استاد ۽ ڪاريگري جي باري ۾ پُڇيو ته ، ڏڪاري ڪيفيت ۾ پاٽمرادو ٽوڙي پُچاٽي تي ڪُلي پيو، "اسد مجھی سندھی بھی آتی ہے"

"ته پوءِ جاني ڳالهايو چو نٿا"

هلڪيون غلطيون ڪندي هن سنڌي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

" جاني مان اصل اُتر سنڌ جو آهيان، مان ڇورو ڇنو آهيان، ننڍي هوندي ڪان وٺي يتيم ٿي پليو آهيان، منهنجي ڪوبه اڳيان، پويان ڪونهي، منهنجو هاڻ اوڏانهن ڪير به ڪونهي، منهنجو هاڻ سڀ ڪجهه جامشورو آهي، هتان جي هوا، هتان جا رنگ منهنجي وجود ۾ نکار آڻين ٿا، مان پروفينشل هرگز ناهيان، بس چوندا آهن ته لڳي ڪي لعنت آهي، مون کي پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هو، مان هوٽلن تي بيراگيريون ڪري پنهنجي پڙهائي ڪي اڳتي وڌايو آهي، هتي اچڻ ڪانپوءِ ڪو سهارو ڪونه پيو سُجهي ته مجبورن يونيورسٽي جي هڪ پروفيسر سان لاڳاپو رکڻو پيو، جنهن پهرين پنهنجي سرڪاري گهر ۾ بورچي ڪري رکيو ۽ پوءِ قاسم آباد

واري بنگلي ۾ ڪم ڪرڻ جو چئي، مون ڪي اُتي رهائڻ لڳو ۽ صُبح جو پنهنجي ڪار ۾ مون ڪي يونيورسٽي ڪنيو ايندو هو، ڪنهن ڪي به منهنجي غلط ڪمن جي ڪا ڄاڻ ڪونه هُئي، وڏي ڳالهه ته غلط ڪمن ۾ مون ڪي لاٽو به پروفيسر ۽ يونيورسٽي جي ڪافي ڇوڪرن سان منهنجي ڪچيءَ به اُن پروفيسر ڪئي، سجو سال انهيءَ وٽ رهيس ۽ هُن پئي مون ڪي پيليو، هاڻ رٽائرڊ ٿي وڃي ڪراچي ۾ آباد ٿيو آهي ۽ مون ڪي ڪجهه پئسا ۽ هاسٽل مفت ۾ آلاٽ ڪرائي ڏئي ويو آهي، مان اڄ به بوائز هاسٽل ۾ پنهنجي روم ۾ اڪيلو رهندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن شوق شڪار به ڪندو آهيان، يونيورسٽي جا ڪافي ڇوڪرا بهترين دوست اٿم، جيڪي هر وقت اُتساهين ٿا، باقي ڪامريڊي تي بانور ڪندڙ ڇوڪرن مان ڪڏهن ڪڏهن ڪو چريو ڪنڌ ۾ اچي لڳندو آهي ته اُن ڪي اهڙي نموني گائيڊ ڪري ڇڏيندو آهيان، يونيورسٽي ۾ آيس ته شروع وارن ڏهاڙن ۾ مون سان تمام گهڻي ريگنگ ٿيندي هُئي ۽ مان تمام گهڻو پريشان ٿيندو هُئس، پوءِ آهستي آهستي هِتان جي ماحول ڪي سمجهي ويس ۽ يونيورسٽي جي ماحول ۾ رلي ملي ويس، ڪافي ڇوڪرين جي باري ۾ مون ڪي تمام گهڻي سُڌ آهي، هتان جا پروفيسر وڏا لانهه آهن، ڇوڪرين ڪي سُٺي پوزيشن وٺي ڏيڻ ڪان ويندي، انهن ڪي پاس ڪرائڻ تائين اُهي انهن نياڻين جي اُرهن ڪي چُمن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي آفيس ۾ گهرائي، انهن ڪي ڪافي حد تائين بليڪ ميل به ڪندا آهن، مون ڪي هڪڙي ڇوڪريءَ ٻڌايو هو ته،

اسان جو پروفيسر اڪثر مون ڪي يونيورسٽي جا ڪلاس وٺڻ ڪان پوءِ پنهنجي آفيس ۾ گهرائي، ڪپڙن جي مٿان اڳيان پويان هٿ لاهيندو آهي، انڪار ڪرڻ ۽ ڪنهن سان شيئر ڪرڻ جي صورت ۾ چوي ٿو

توکي Restigate ريسٽيگيٽ ڪرائي ڇڏيندس، سو اُن ڪري ۽ خاموش رهندي آهيان.

۽ ها... تون جنهن ڇوڪريءَ تي ديوانو آهين پروفيسر ته اُن کي به هلائي ڇڏيو آهي، اُن جي پويان پنهنجو وقت نه وڃاءِ، پنهنجو ڪيريئر ٺاهي اڳتي نڪري وڃ..!"

سندس ڳالهين دوران اهڙا انڪشاف ٿيندي منهنجا ڪن ڪڙا ٿي ويا، هي جيترو ظاهري طور ٻاهران معصوم ۽ سُندر نظر آيو، اوترو اندران هڪ ڀيانڪ انڪشاف ڪندڙ شخص محسوس ٿيو، هن جون محروميون، هن جون مجبوريون هن کي ڪائينديون رهن ٿيون، هن وڌيڪ ٻڌايو ته،

" رڳو گرلس هاسٽل بدنام ڪونهي پر بوائز هاسٽل جا ته ڪم ئي لتا پيا آهن"

هن وڌيڪ حيران ڪندڙ انڪشاف منهنجي سامهون آندو ته،

" ڪجھ ڇوڪرن کي مڪمل ٽاسڪ مليل آهي ته اُهي ڇوڪرين جي سائڪيءَ معلوم ڪن ته ڪهڙي طبيعت جون آهن، ڇا ٿيون پسند ڪن، انهن کي بليڪ ميل ڪيئن ڪجي، ائين سمجھ ته هڪڙو گروھ آهي، جيڪو حراسمينٽ ڪندڙ سرگرمين ۾ ملوث آهي، جيڪڏهن ڪوئي انهن جي شڪايت به ڪندو آهي ته انهن کي ڪوئي ڪجھ به نه ڪري سگهندو آهي"

هُو ڳالهاين دوران روئيندو به رهيو ۽ هن پنهنجي ڇاتي تي لڳل چڪ جو نشان ڏيکاري چيو ته،

" اسد جاني هتي پروفيسرن جي روپ ۾ ڪُتا رهن ٿا، جنهن جون ڏاڍون اسان جي جسم کي پٽين ٿيون"

"پيارا سڀ جا سڀ پروفيسر نه ائين نه هوندا، ڪي ڀلا به ته آهن"

مون وڌيڪ ڪيس ڪُلائڻ جي چڪر ۾ ڳالهين جا ٽاڪيا سندس اڳيان کولڻ شروع ڪيا.

ڳلن تي ڳڙي آيل ڳوڙهن کي هٿ جي تريءَ سان مٽائيندي، پنهنجي نڙيءَ کي ٺيڪ ڪندي، هن به منهنجي سوال کي تسليم ڪندي چيو ته،

" ها جاني بلڪل صحيح ٿا چئو، پنج آڱريون برابر ناهن، ڪافي بهترين پروفيسر به آهن، پاڻ وارو بندرو ليڪچرار ۽ رائيٽر ڪيڏو شريف انسان آهي، پڙهائي جي معاملي ۾ انتهائي سنجيدا رهيو آهي، ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي تمام گهڻو اُتساهيندو به آهي، پر يار ڇڏ انهن ڳالهين کي موڊ ئي خراب ٿي ويو، بس باقي پنهنجو آخري سال آهي، ويندو گُذري، سِڌو ٿي ته موڊ ناهيون"

هي شُرڪي مون طرف وڌيو ۽ منهنجي ڇاتيءَ تي هٿ جو تريون رکندي، مون کي هلڪو ڌڪو ڏنائين ته مان وري ٿيهر وهاڻو سيراندي ڪري هن جي آڏو الف اگهاڙو ٿي وڃائجي پيس، هن پنهنجي سمورين حسرتن ۽ ڏکن کي پاسي تي رکي، مون کي بي انتها سيڪس ڏنو، منهنجي زندگي ۾ مون کي اهڙو سيڪس ۽ ايڏو شاندار مزو، اڄ تائين ڪنهن به نه ڏنو آهي، سيڪس دوران هُو ڳالهائيندو به رهيو ۽ ڪاڇي جو ٽُري ڳنو به چڪيندو رهيو.

هِن لجاري مُرڪ ڇپن جي چوراهن تي بيهاريندي، صفا پنهنجائپ وچان چيو ته،

" اسد جاني مان تنهنجو آهيان، هميشه توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿو، هلي منهنجي هاسٽل تي مون سان گڏ رهي پئو"

مون هِن جي آفر کي بنا سوچڻ ۽ سمجهڻ جي قبول ڪندي چيو ته،

" پوءِ ڪڏهن اچان جاني"

هن انتظار ڪرڻ جو چيو ۽ تمام جلد ڀُڏائڻ جي خاطري ڪرائي. مڪمل ڏيءِ ڪرڻ کان پوءِ موڪلائڻ لڳو تہ مون پنهنجي پرس مان هڪ هزار جو نوٽ مزوري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ منهنجو هٿ موٽائي چيائين تہ.

"پنهنجن کان پئسا ناهن وٺبا، مان اڪثر ڀراڙيءَ ڪندو آهيان"

مون کي اُها ڀراڙيءَ ڪرڻ واري ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ مون وضاحت پُڇي تہ چيائين،

"اڪثر موڪلن وارن ڏهاڙن ۾ وڏن ماڻهن سان نائيٽون ڪندو آهيان ۽ پڙهائي جو پُورو خرچ پڪو نڪرندو آهي، باقي يونيورسٽي جي ڇورن کي آئون ليکيان ئي ڪونہ"

موڪلائڻ وقت اسان ٻنهي هڪٻئي کي ڀاڪر پاتو، هن کي ڀاڪر ۾ ڀريندي، ائين محسوس ٿيو جڻ ڪنهن حسين ڇوڪريءَ کي ڀرين ڀرو پنهنجي مگيندي ٻانهن ۾ ڀڪيو هجي، هن جي ڀاڪر، ڪڇهري، ملاقات ۽ سُرور ۾ جيڪا پنهنجائپ هُئي، اُن مون کي سندس حوالي ڪري ڇڏيو هُيو، مون ڪيس هاسٽل جي در تائين ڇڏيو تہ ٻاءِ ٻاءِ ڪندي اڳتي وڌڻ لڳو.

هاسٽل جي روم اندر ايندي ئي مون پاڻ کي بستر تي ٿڪل مُسافر جيان ڇڏي ڏنو ۽ گرلس هاسٽل کان ويندي، بوائز هاسٽل جي اندروني ڪماٽي تي سوچڻ لڳس.

مان ڪافي وقت بستر تي ليٽيل رهيس، خبر ناهي ڪنهن پل منهنجي اک لڳي وئي هُئي، هلڪيءَ اونداهي جي وٽندڙ احساس جي گهڙي هُئي جو، عامو اچي ماني ڪائڻ لاءِ اُٿاريو هُيو، ماني ٽيبل تي لڳائي، عامو بورچيخاني اندر هليو ويو هو، مون سندس پوئين پراپرٽي کي گهوري جڻ حقارت مان دل ئي دل ۾ نفرت جو اظهار ڪيو هو تہ.

"هي بہ ڪو سامان آهي، سامان تہ توفيق جو...!"

پنهنجو پاڻ تي ڪِلندي، واشروم مان فريش ٿي، ماني جي ٽيبل تي آيس، ماني ڪائيندي آسپاس جي ماحول کي ڪنايم، محسوس ٿيو تہ گونگين گهرن کي زبان ملي وئي آهي، ڇوڪراري شور ٻُڌڻ ۾ پئي آيو، عمومن هتي جا گهر ۽ رستا رات جو جاڳندا آهن ۽ ڏينهن جو اڪثر آرام ڪندا آهن، ڀراڙيءَ ۽ شهر جو اُهو ئي فرق آهي، هتي ماٺو ناشتو ڪچڙيءَ منجهند جو يعني 12 وڳي ڪن ٿا، منجهند جي ماني 3 وڳي ڪائين ٿا ۽ رات جي ماني رات جو 11 يا 12 وڳي ڪائين ٿا، جيئن هتان جي هوا ۾ تبديلي، ماحول ۾ تبديلي، اهڙي طرح هتي جي ماڻهن ۾ مٺڻ ۾ بہ تبديلي سمايل آهي، جيڪي اڪثر مون کي ملندا رهيا آهن تہ، ڇوڪرين جي پويان زندگي نہ وڃاءِ، اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ڪر.

حقيقت هي آهي تہ بُت ۾ پريل سهڻيءَ ڇوڪريءَ وٽندڙ ويس ۽ ڪُليل وارن جي مهڪيل سڳنڌ سان جڏهن بہ پرسان گُذري ويندي آهي تہ ائين محسوس ٿيندو اٿم جڻ گُلابن جي پريل ڪاريءَ منهنجي آڏو ڪنهن اچي رکي هجي، اُن ويل انهي سُرهاڻ سان گڏ بدن جي دلڪشي چقمق وانگي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳندي آهي تہ جسم مان سيسراٽيون نڪري وينديون اٿم.

ڪو ڪٽي ڪيئن بہ چوي پر پنهنجي مزاج ۾ حُسن کان پري رهڻ ناممڪن آهي.



ڪيئي ڏينهن سوچون ذهن تي سُوار رهيون ۽ لڳاتار سوچيندو رهيس، ڪيڏي مهل مهوش تي تہ ڪيڏي مهل توفيق جي سچائي ۽ زندگي تي، هڪ پاسي مهوش هُئي، جنهن سان بي حد سچائي ۽ محبت ڪرڻ جي باوجود بہ اُن ڪان ڪو خاص ريسپانس ڪونہ ملندو هو ۽ ٻي پاسي توفيق هو، جيڪو بي حد سچائي ۽ پنهنجائپ وچان پيش ايندو هو ۽ تمام گهڻي عزت بہ ڪندو هو، جيئن چوانس ائين ڪندو هو.

ڪوڙ سارا ڏينهن گُذري ويا هُئا، مهوش ڪي جو اڪين ڪونہ ڏنو هو تہ اڪين جي اُداسي اُسرڻ لڳي هُئي ۽ اڪيون خراب ٿيڻ لڳيون هُيون، منهنجي اڪين ڏي نهاري اڪثر دوست چوندا هُئا تہ،

"تنهنجون اڪيون اُٿي پيون آهن/يعني خراب ٿي پيون آهن، اڪين ۾ شوليشن يا گُلاب جو ٻڙو وجهندو ڪر"

اڪيون منهنجون هُيون، مون ڪي سُڌ هُئي تہ اڪين سونهن ناهي ڏٺي، حسين چهرا چتائڻ جون عادي آهن، ڪوجهائپ نهاري نهاري مون وانگي بيمار ٿي پيون آهن، انهن جو پيو تہ ڪو علاج بہ ڪونهي، بس ٻر شن ئي ڪافي آ، جيڪو الائي چو چاهڻ جي باوجود بہ اڪثر وڏي وٿيء ڪان پوء بہ نہ ٿي سگهندو هو.

هُون تہ نيلم ڪان مون سميت سڀ چوڪرا بيزار هُئا پر اُن ڏينهن سوچيو هُئم تہ من نيلم ملي تہ مهوش جو پُڇي وٺانس، پر الائي چو مهوش ۽ نيلم ٻئي غائب هُيون، پريشاني ۽ تڙپ ويتر وڌي رهيون هُيون، ائين ڪوڙ سارا ڏينهن پاڻ ڪي تتل صحرا مٿان هلندي محسوس ڪيم.

اُن وچ ۾ جاويد ۽ اڪرم رابطو ڪري، شام جو سوسائٽي ڪيفي ساحل تي چانهہ پيئڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ جو چيو تہ، انهن سان ٽائيم فڪس ڪري اچي مليو هُئس، جاويد ۽ اڪرم تمام گهڻيون ميارون ڏنيون ۽ لاپتا رهڻ جو سبب پُڇيو تہ مون ڪِلي، دل اندر دردن ڪي لِڪائيندي، مصنوعي مُرڪ جا گُلاب آڇيندي، انهن سان عام رواجي ڪچهري ڪئي، اڪرم ٻڌايو تہ،

"نيلم سان ڪلاڪ پهرين فون تي ڳالهہ ٻول ٿي آهي، نيلم ٻڌايو تہ مان، روبي، سيما ۽ مهوش ڪوهہ مري ويل آهيون، ڪو پروفيسر بہ گڏ اٿن ۽ نيلم جو ڪو دوست بہ ساڻ ويو اٿن، نيلم وڌيڪ ٻڌايو تہ ڪلاس بہ نہ پيا هلن ۽ موڊ نهي ويو تہ ٽن ڏينهن جو ٽوئر سيٽ ڪري نڪري آيوسين، تنهنجو پُڇي پئي"

اڪرم جي واتان بريڪنگ نيوز ٻڌي نڙيء خشڪ ٿي وئي هُئي، پنهنجي منهن سوچڻ لڳس ۽ توفيق جا چيل جملا بہ اُن وقت سچ ثابت ٿيڻ لڳا هُئا، سوچيو هئم تہ نيلم جو تہ مُچر دوست آهي، جيڪو سندس خرچ پکو بہ ڏئيس ٿو ۽ گهُمائيس بہ ٿو، پر مهوش جو ڪير آهي، جنهن سان نڪري وئي آهي، مون ڪان سواء شايد ڪوئي زندگي ۾ اٿس جو، منهنجي پرواهہ بہ نٿي ڪري ۽ پيو تہ نيلم حرامزادي آهي، اُن سان گڏ ٿي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ڪيئن گُذاريندي، دل ۾ ڪيئي وسوسا ڪر ڪٽي رهيا هُئا، صفا ڊپريشن ۾ هليو ويو هُئس.

اُن ڏينهن اڪرم ۽ جاويد سان انهن جي دل رکڻ لاءِ ۽ ٽائيم پاس ڪرڻ واسطي، انهن سان سوا ڪلاڪ ويهي ويو هُئس. شام ٿيندي ئي هاسٽل ڏانهن رُخ ڪيو هُيم.

الائي ڇو زندگي ۾ عجيب پوئگنا مون سان هر موڙ تي ٽڪرايو آهي، حادثن جو لڳاتار پيڇو ڪرڻ ۽ طويل تنهائي پوئڻ جڻ تہ ورثي ۾ مليو وئي هُئي، ڪنهن بہ پيار جي پناهہ ڪونہ آڇي هُئي، جڏهن بہ بہ جوڙا کِلندي ۽ گڏ گهُمندي ڏسندو هئس تہ مٿو ڦرندي محسوس ڪندو هُئس، تنهائي ڪان سواءِ پيو ڪو جيون ۾ شامل نہ هو، مان ۽ منهنجي تنهائي هڪ ٻي جا گهاٽا دوست بڻجي ويا هُئاسين.

هاسٽل جي اونداهي ڪمري ۾ گهڙندي محسوس ڪيم جڻ هلڪي آزادي ڪان پوءِ وري ڪوليءِ اندر واڙجڻ لاءِ پاڻ پيش ٿيو هجان.

ڪافي وقت اونداهي ڪمري ۾ اڪيلائي سان رهاڻيون ڪندي گذريو هو، ڪجهہ ئي لمحن ڪان پوءِ هاسٽل جو جرنيٽر مستري ليڪ ڪري اسٽارٽ ڪيو تہ روشني هاسٽل جي وجود کي وهنجارڻ لڳي هُئي، عامو کِلندي منهنجي ڪمري جو ڪُليل در ڪڙڪايو تہ مون عامو کي ڏسي پنهنجائپ واري انداز ۾ هي شعر چپن تي آندو تہ،

ڪُليل در رهون ٿا نہ ڪڙڪا اسان کي،
سياٽي نہ هوندي، نہ وندرا اسان کي.

عامو هلڪو ٺهڪ ڏيندي ڪمري اندر داخل ٿيو ۽ منهنجي سامهون ٽيبل واري ڪُرسي سوري بنا اجازت جي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو تہ،

" اسد توهان هاڻي آزاد آهيون، هن هفتي جنهن ڏينهن دل چوي ، جتي رهڻ چاهيو، اُتي رهي سگهو ٿا، مان بہ هاسٽل ڇڏي ڏنو آهي، آچر ڏهاري هاسٽل مالڪ ايندو ۽ چابيون اُن حوالي ڪندس"

عامو هٿ ۾ جهليل چانهن جو چنگو ڏيڪاري، مايوسي واري انداز ۾ مخاطب ٿيو،

مون عامو جي ڏکاري ڪيفيت کي محسوس ڪندي ڪيس پُڇيو تہ،

" هاڻي پوءِ روزگار جو ڇا سوچيو اٿئي"

وات ٽيڙو ڪندي، نهايت ئي ڏُکاري لهجي ۾ چيائين تہ،

" جتي ۽ جيڪو نصيب ۾ هوندو، في الحال تہ ڳوٺ ويندس، وڏو وقت ٿيو آ، ڳوٺ ناهيان ويو"

عامو جي زندگي ۾ ڳوناٺي زندگي ۽ ڳوناٺيون روايتون ۽ حرڪتون شامل هُيون، ڀهراڙي سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان تمام گهڻي لڳندي هُئس، نياڳو هٿ جو صفا ڇُتل هو، يارن دوستن تي خرچ ڪندڙ هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪيسا مون وانگي صفا خالي هوندا هُئس، بس عادتن گهٽن کي ڪونہ وٽندو هو.

اُن ڏينهن عامو هڪ ٻي مهرباني ڪندي، پنهنجي ڪنهن دوست جو نمبر مون کي ڏنو ۽ چيو تہ ،

" هي منهنجو دوست آهي، هن جي جاءِ مسواڙ تي توکي ملي ويندي، توهان ڳالهائجوس ۽ مان بہ توهان جي سفارش ڪيان ٿو"

مون عامو جي احساسن تي پيار آٽيندي چيو تہ،

" شوقين دوست تہ ناهي"

عامو کِلي منهن هيٺ ڪندي ٻڌايو تہ،

" نہ جاني مان اڳ ۾ اُن وٽ بورچي هوندو هُئس، ڏاڍو سُنو دوست آهي، منهنجي ڪري توهان جو خيال رکندو، وقت مليو تہ مان بہ توهان وٽ ڪڏهن ڪڏهن چڪر تي ايندس پيو"

مون عامو کان اُن دوست جو نمبر ورتو ۽ اُن پل ئي فون ڪال تي اُن سان ڳالهہ ٻول ٿي هُئي، جنهن عامو جي ڪري مون کي منهنجي رهائش

لاءِ نئين جاءِ مناسب مسواڙ تي ڏيڻ جي خاطري ڪرائي هُئي ته دربدري واري احساس کان بچي پيو هُئس ۽ عامو جي پنهنجائپ تي ڪوڙ سارو پيار منهنجي دل ۾ تري آيو هو.

اُن ڏينهن منهنجو ڪيسو به ميلي تان موٽندڙ نوجوانن جي ڪيس جهڙو لڳو پيو هو، سو مون نااُميدي وچان عامو کي چيو ته،

"يار اڄ ته مون وارا ڪيسا به اوباسيون پيا ڏين"

عامو تڪڙو پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ هڻندي به هزار روپيا مون کي ڪيڍي ڏنا، مون واپسي جي تاريخ بابت پڪ ڏئي، عامو کان ڏوڙا نوٽ وٺي، سِڌا ڪري پنهنجي پرس ۾ رکيا ۽ عامو جو پيهر شڪريو ادا ڪيو، عامو کي عامر چوڻ سان چڙ لڳندي هُئي ۽ عامو سڏڻ تي خوش ٿيندو هو، سچ نالو وٺڻ تي خار کائيندڙ عامو جي اڪيلائي ۽ مزاج تي سوچيم هُئم، عامو منهنجي روم جي ڪُليل دريءَ بند ڪري ٻاهر هليو ويو هو، مون پنهنجون اکيون ڪجھ پلن لاءِ ڪمري جي ڇت سان لڳائي رکيون هُيون ۽ سوچن جي سُمنڊ ۾ لڳاتار ٻُڏندو ۽ ترندو رهيس.



يونيورسٽي جو ماحول نهايت ئي وڻندڙ لڳي رهيو هو، چوطرف هوليءَ جي رنگن جي خوشبوءِ ڇانيل هُئي، اڇن ڪپڙن مٿان هاريل رنگن جي نماءِ سبب ڪافي ڇوڪرن جا ڪپڙا اندلٺ جو ڏيک ڏئي رهيا هُئا، روبي جي هٿن ۾ رنگ ڏسي آئون روبي طرف وڌي آيس، روبي ڏسندي ئي منهنجي ڳٽن تي رنگ ٿڦڻ شروع ڪري ڏنو ۽ تمام گهٽي هُجائتي انداز ۾ ڪافي ويجهو ايندي خوشي مان هوليءَ جون مبارڪون ڏيندي چوڻ لڳي ته،

" يار اسد تنهنجو اڄ به موڊ ٺيڪ ناهي، هي ڪهڙي فضيلت آ، اسان جي خوشين ۾ به خوش ناهيو!"

مون روبي جي رنگن هاٿن هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪندي، سندس چُنري پڪڙيندي چيو ته،

تنهنجي چُنري ۾ اڇي،
راٽي رنگن جا،
سارا ٽڪ لهي ويا.

روبي مُرڪي، ڳُتن تي اُپريل موهيڙن جي جواني ۾ وڏيڪ نکار آندو
ته، سندس سمورو چهرو مُڪڙي جيان ٽڙي، منهنجي نيڻن جي رستا روڪ
ڪري بيهي رهيو، مون سندس چهري ۾ اکين جي باڪمال سجاوٽ کي
گهوري سندس ئي هٿن ۾ لڳل رنگن سان هن جي اشد آگر ڪٽي هن جي
ماٿي تي تلڪ لڳائڻ واري انداز سان هن جي ۾ پنهنجي آگر کي رڱڙيو ته
،نهايت ئي خوشي ۽ پيار ڀريي لهجي ۾ پنهنجي چپن کي سوڙهو ڪندي،
چوڻ لڳي ته،

"اسد هي ڇا پيو ڪرين"

منهنجي اکين جي پوپٽن سندس چهري جي باغيچي مٿان لڳاتار ڦيرا پئي ڏنا، هڪڙي عجيب ڪيفيت اکين ۽ دل ۾ لهي آئي هُئي، روبيءَ جي هٿن ۾ گرمجوشي محسوس ٿي هُئي، اُن ئي لمحي نيلم، سيمي ۽ معوش اکرم سان گڏجي اسان ٻنهي جو گهيراءُ ڪري اسان ٻنهي مٿان رنگن جو شديد طوفان برپا ڪري ڇڏيو هو، رنگن جي موجودگي ۾ منظر ڏنڌلا محسوس ٿيا هُئا، اکرم وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي رهيو هو، نيلم رڙيون ڪري چئي ڏنو ته،

"نئين نئين پيار جون مبارڪون"

سيمي، روبي جي وارن ۾ هيڪاندو رنگ هاري ڇڏيو هو، روبيءَ خوشي مان سيمي جي ڇاتيءَ سان پنهنجي ڇاتيءَ ٽڪرائيندي، سندس چيلهه ۾ ڀاڪر وجهي، ڪن ڀرسان چپ اٽڪيندي چوڻ لڳي هُئي،

"راڻي هي ڇا ٿا ڪريو"

ٻنهي جي ٻُڪن ۾ رنگن جا معصوم ٻار لتاڙجي رهيا هُئا، جيئن ئي منظر چِٽا ٿيا ته، معوش ناسي سُرخيءَ لڳل چپن مٿان ڪرفيو هٽايو ۽ ٽوڪيا انداز ۾ چوڻ لڳي ته، "اسان به چئون روبيءَ ايڏو خوش ڇو آهي، ها..ها..ها پيار ته پيار هوندو آهي سائين"

سيني ڪِلي اسان ٻنهي کي ٻيهر پيار ۽ هوليءَ جون گڏيل مبارڪون ڏنيون ته مون صرف هوليءَ جي مبارڪ کي وصول ڪندي چيو ته،

"پيار جا پنڌ اوکا ٿيندا آهن، اسان جا اڃ ۾ پير پٿون ٿيل آهن"

نيلم، معوش جو هٿ پڪڙيندي ڊپارٽمينٽ اندر هلڻ جو چئي، وڃڻ لڳي ته اکرم ۽ سيمي به هٿن جو الوداعي اِشارو ڪندي اڳتي وڌي ويا هُئا. مون روبي جي رنگن سان ڀريل ڊريس کي ڏسندي چيو ته،

"اوهان جا سمورا ڪپڙا آلا ٿي ويا آهن، سيءَ ته ڪونه ٿو ٿئي"

روبيءَ پنهنجي چولي جي جهولي هٿن ۾ جهليندي، هڪ نظر ٿورو جهُڪي ڪپڙن تي وڌي ته منهنجي نظر سندس ڳچيءَ مان نظر ايندڙ ڳاڙهي رنگ واري بريزر تي وڃي ڪُتي هُئي، سنهڙن ڪپڙن جو هڪڙو فائدو اُهو به هوندو آهي، جو ماڻهو جون شڪاريءَ نظرون آساني سان ڪنهن به ڇوڪريءَ جي جسم کي ٿورو ئي سهي پر ڏسي سگهن ٿيون، منهنجو نظرون روبيءَ جي جسماني ٻيهڪ کي ماپڻ لڳيون هيون، روبيءَ ڪپڙا ڇنڊيندي، وار سيٽ ڪندي ۽ پوتيءَ جي پلئه سان پنهنجو چهرو صاف ڪندي، مون ڏانهن ڏسي چيو ته، "ڇورا ڇا ٿو ڏسين، ڇور ٻُنا"

مون هلڪو ٽهڪ اُداس چپن جي ساحلن سان ٽڪرايو ته روبيءَ منهنجي محسوسات کي محسوس ڪندي، منهنجي ڳل تي هلڪيءَ ٿپ هڻندي چيو ته، "اسد هل منهن ڌوئان، نه ته اڳين صفا رنگن سان وهنجاري ڇڏيو آهي"

آئون مست چيلي جيان سندس جوانيءَ جي خوشبوءِ پويان ائين هليو آيو هُئس، جيئن اڪثر ڏڻ ۾ شامل وهريل ٻڪريءَ پويان ٻوٻو پيو هلندو آهي.

رنگن جي خوشبوءِ ۾ وهنتل يونيورسٽي جو ماحول محبوباڻو لڳو هُئم اُن هوندي به بيقراريءَ جي باهه ۾ وڪوڙيل رهيس.ڪجهه ڏينهن اڳ

معوش جو ڀڻ ڏينهن کان پوءِ ٽائيم ڏيڻ واري واعدي کي اڄ پورو هفتو گذري ويو هو، مون کي معوش کان ڪوهه مري واري ٽوئر جي باري ۾ ٻه پُڇڻو هُيو پر معوش هر ڀيري جيان نيون ڳالهيون ۽ نيا موضوع مون اڳيان اُڇلائي، رهيل موضوعن ۽ ڳالهين کي ائين دفنائي ڇڏيندي هُئي جڻ اُڌوريون رهجي ويل ڳالهيون ۽ موضوع اسان جي واعدن هٿان مُئا ئي ڪونه هُئا يا انهن جي ڪا وارثي ڪونه هُئي.

معوش جي انهيءَ هلڪيءَ اٽڪل تي تمام گهڻي ڪاوڙ ٻه ايندي هُئي پر پوءِ ٻه خاموش رهندو هُئس، اُن ڏينهن ٻه نه ڄاڻ ڪيترين ڳالهين ۽ موضوعن کي گهُٽو ڏيئي مارڻو پئجي ويو هو ۽ هر ڀيري جيان درگذر ڪندي، اڳتي نون ڳالهين ۽ موضوعن جي تلاش ۾ معوش جا رستا تڪيندو رهندو رهيس، پر معوش هر ڀيري نٽائي، ڪڏهن اڪرم سان ته، ڪڏهن نيلم سان ته ، ڪڏهن وري سيمي جي ٻانهن ۾ پنهنجون ٻانهون وچڙائي، ائين اکين کان اوجهل ٿي ويندي هُئي جڻ مون ڪوئي خواب ڏٺو هجي.

روبي جي پوپان هلندي، پنهنجي منهن سان سوچيندي، رنگن سان پريل ڇوڪرين جي ڳِتن کي تڪيندو سڌو ڪينٽين تي آياسين، جتي روبي پنهنجو چهرو ڌوتو هو، چهري ڌوئڻ دوران روبي جو اُرهه مون کي قتل ڪري رهيو هو، هٿن ۽ ڳِتن کي مهٽڻ دوران هلڪي چُرپُر تي روبي جون نارنگيون لُڏي رهيون هُيون ته منهنجو ٻه وات پاڻي پاڻي ٿي رهيو هو. روبي منهنجي نگاهن جي حرڪت کي جاچي رهي هُئي، اڌ بند اکين سان چهري کي صاف ڪندي ورائيائين ته،

" انڌا پاڻي ته ٻُڪن ۾ هار، ڪاتي وات پٽيو پيو اٿئي"

منهنجي وات کي جڻ تالو لڳي ويو هو، جو مون ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ دل جي ڪيفيت ۽ احساسن تي سوچيندو ئي رهجي ويس.

اُهو ڏينهن يونيورسٽي جي ڪافي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان کِلندي، ڀوڳ مذاق ڪندي، هڪ ٻئي مٿان هوليءَ جا رنگ هاريندي گُذري ويو هو.

شام ٿيندي ئي آئون هاسٽل آيو هُئس ۽ ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو سمورو سامان ، ڪپڙا ۽ ڪجهه ڪتاب ڪٺي هاسٽل کي الوداع ڪري، آخري ڀيرو عاموسان مشڪريون ڪندو، هاسٽل ڇڏي، رڪشا تي سڌو پنهنجي نئين بينڪ، يعني ياسر هوٽل پويان مدينا نگر ۾ پنهنجي مسواڙ تي ورتل ڀڻ ڪمرن واري جاءِ تي اچي پهتو هُئس،

نئين جاءِ ۾ ڪافي ڏينهن نئون ماٺو ٿي رهيو هُئس، آسپاس جي ماڻهن سان ڪا ڄاڻ سُڃاڻ ڪونه هُئي، آهستي آهستي واسطا وڌيا ۽ ائين انهي نئين گهر کي پنهنجو گهر سمجهي رهي پيو هُئس.

نئين جاءِ تي اچڻ کان اڳ ۾ توفيق سان ڪافي ڀيرا رابطو رکڻ جي ڪوشش ڪيم پر توفيق جو نمبر ٻه الائي ڇو معوش جي نمبر جيان مون کي هميشه لاءِ پاورڊ آف ئي پئي مليو، شايد توفيق سان اُها ئي آخري ملاقات مقدر ۾ لکيل هُئي، پوءِ مون کي وري ڪڏهن نه توفيق مليو ۽ نه ئي سندس خدمتون نصيب ٿيون.

صُبح جو يونيورسٽي ۽ منجهند جو ڪاري رنگ واري ڪتارا بائيڪ تي سڌو گهر ايندو هُئس، گهڙي سوا آرام ڪرڻ کان پوءِ شام جو مختلف جاين تي رُلڻ جو عادي بڻجي ويو هُئس.

تمام گهڻي ڪوشش جي باوجود ٻه مون کي ڪٿي ٻه سُڪون نه مليو هو، جيڪو معوش جي پهرين نهار ۽ شروع وارن ڏهاڙن ۾ ڪِلي ڳالهائڻ سان ملندو هو،

نه مون کي ڪڏهن قرار مليو ۽ نه ئي ڪنهن جو نويڪلو پيار نصيب ٿيو، ائين بس بي دلو ڏينهن، مهينا ۽ سال ڳڻي رهيو هُئس، نه ڄاڻ ڇو

منهنجي بي چين روح کي ڪا راحت نہ ملي، سڀ ڪجهہ هوندي بہ پاڻ کي
ڪوڪلو محسوس ڪرڻ لڳو هُئس، هار ايل رانديگر جيان پنهنجو پاڻ تي
ترس اچڻ لڳو هو، پاڻ کي تبديل ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪندو
هُئس پر الائي ڇو آوارا من کي ڪٿي بہ پناهہ نہ ملي سواءِ ڀٽڪڻ جي .



هوليءَ واري ڏينهن تمام گهڻو ھُجائتي ٿيندڙ روبي کان ٽائيم گهُريو هُئم ۽ پنهنجي دوست جي سمجهايل جملن جي پوئيواري ڪندي، سندس صلاح مطابق روبيءَ جي طبيعت کي وڏيڪ پرکڻ ۽ وڏيڪ ھُجائتو ٿيڻ جي خواهش کي پالي، روبيءَ جي دل رکڻ ۽ سندس سمورين سهيلين جي حرامپاڻين ۽ حرڪتن کان واقف ٿيڻ جي ڪري، روبيءَ کي عاليشان ڳالهين ۽ شاعراڻي گفتگو ۾ جڪڻ تہ پنهنجو ڪري ورتو هُئم.

روبي جي جوڀن ۾ ڪمال جو حُسن هُيو، وٽندڙ اکين سان جنهن ڏي بہ گهُوريندي هوندي تہ سندس گهُور گهڻن کي متاثر ڪندڙ لڳندي هوندي، گول ڊبل روٽي جهڙا ڦوڪيل ڳٽا، انهن مٿان بنهہ هلڪڙا موهيڙا ۽ سنهڙا چپ نہ ڄاڻ ڪنهن جي چپن تائين پهتا هوندا الائي نہ ، باقي هُئي شراب جو شيشو...

يونيورسٽي ايندي ئي روبي کي، ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ سي ايل تي ملڻ جو مئسيج ڪيو هُئم، تہ ڏنل ٽائيم تي اچي نڪتي هُئي.

نارنگيءَ وڳي ۾ سندس جرڪندڙ جسم جا اُڀريل انگ نظرن کي منڊي رهيا هُئا، سوڙهن ڪپڙن ۾ قاتل جسم جي بہ عجيب ڪشش ٿيندي آهي جو ماٺو اندر ئي اندر ۾ چاهيندو آهي تہ اُهو جسم سندس ڀڪن ۾ اچي ۽ جواني جي خوشبوءِ کي ڳيتي ڇڏي.

روبي سان گڏ وئي هاسٽل لائيف بابت ڪافي ڳالهيون شيئر ڪندي روبي ٻڌايو تہ "اسان سهيليون ڪڏهن ڪڏهن مستي ۾ اچي هڪ ٻي کي گڏيون بہ ڏينديون آهيون ۽ هڪ ٻي مٿان چڙهنديون بہ آهيون..."

مون روبيءَ جي نرڙ تي آيل گهنجن کي گهُوريندي چيو تہ،

"ماديءَ، ماديءَ جي مٿان چڙهي تہ ڇا فائدو، ماديءَ تي مرد چڙهي ۽ پو مزو ڏسو"

روبي پنهنجو پرس کُلهي تان لاهي، گوڏن مٿان رکندي، وڌيڪ حيران ڪندڙ حرڪتون بيان ڪندي ٻڌايو تہ،

"اسان ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ سڪنگ بہ ڪنديون آهيون"

بنا حجاب جي ڳالهائيندي روبيءَ جي ڪيفيت ۾ عجيب حرارت محسوس ڪئي هئم، اُن ڏينهن مون بہ روبيءَ کي بنا حجاب سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي هُئي تہ روبيءَ منهنجو چوڻ وٺندي اُهو بہ ٻڌايو تہ،

"سيمي جي عجيب حرڪتن مون کي آواره ڪري ڇڏيو آهي، سيمي اڪثر نيون نيون حرڪتون الائي ڪٿان سکي ايندي آهي، ڪڏهن واڱڻ تہ ڪڏهن ڳاڙهي گجر تہ ڪڏهن موري ۽ ڪڏهن ونگيءَ جو بہ استعمال ڪندي آهي، نياڳي جڏهن ڊسچارج ٿيندي آهي تہ اُن مهل عجيب ۽ اٿوٽندڙ آواز ۽ گاريون واتان ڪيڍي، اسان روم ميٽ ڇوڪرين کي چريو ڪري ڇڏيندي آهي، هاسٽل انچارج مرو (مريم) جنهن کي اسان سڀ آنٽي چونديون آهيون، اُها آنٽي بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، هڪڙي ڳالھ ڪليئر آهي تہ دنان جون آنٽيون، آنٽيون گهٽ ۽ رنڊيون وڌيڪ لڳنديون آهن، سوڙها ڪپڙا، بنا پوتيءَ جي مٿو اگهاڙو ڪري پوري هاسٽل ۾ لامارا ڏيندي جڻ تہ پنهنجو پاڻ مٿان بانور محسوس ڪرائينديون آهن".

مون سيريس ٿيندي سيمي ڏانءَ ويندي، انهن آنٽين جي باري ۾ روبي کان وڌيڪ پُڇندي چيو تہ،

"سيمي اهڙيون حرڪتون ڪندي آهي تہ ڇا ڪو حقيقي ٿاور سيمي کي هن محل تائين مليو آهي، يا رڳو تصوراتي لذت ماڻيندي رهي ٿي ۽ گرلس هاسٽل جون انچارج آنٽيون بہ ڪڏهن توهان سان فري ٿي، اهڙيون حرڪتون ڪن ٿيون يا پاڻ ۾ ڪنديون آهن"

روبيءَ پرون تاڻيندي چيو تہ،

"آنٽيون تہ ٻاهر جا بہ مزا ماڻيديون آهن ۽ ڇڙا پروفيسر تہ هر هفتي اهاني ٻهاني انهن کي پنهنجي پرائيويٽ جڳهن تي گهرائي، پاپڙ پُستي ڪندا آهن، اُهي آنٽيون پاڻ گهٽ باقي پڙوت وڌيڪ ۽ وڏي مهارت سان ڪن ٿيون، انهن آنٽين جو امتحان تڏهن شروع ٿيندو آهي، جڏهن نيون ڇوڪريون هاسٽلن تي پنهنجا بسترا کڻي اينديون آهن تہ انهن کي پهرين بيڪار روم ۽ بيڪار ماحول مهيا ڪنديون آهن تہ جيئن اسان ڪان مدد وٺن، اُن ڪان پوءِ انهن جي طبيعت کي پرکين ٿيون تہ اُهي ڇوريون ڪهڙي مزاج جون آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن ڇوڪرين ڪان گاريون ۽ پادر بہ جهلينديون آهن، پر انهن جي هلندي پُڇندي جو آهي تہ پوءِ اُهي آنٽيون وري پنهنجا پاور بہ ڏيکارينديون آهن، ڇوڻ جو مطلب گهٽي ڀاڳي اُهي رنڊيون سيين ڇوڪرين سان فري ٿي وينديون آهن، هن وڌيڪ پنهنجي تجربي تحت ٻُڌايو تہ،

يونيورسٽي پڙهڻ ايندڙ هر اُها ڇوڪري، اُها ڀلي نيڪ نمازي ڇو نہ هجي پر اُها ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪٿي نہ ڪٿي استعمال ضرور ٿئي ٿي، هتان جي هر اشراف ڇوڪريءَ، يونيءَ جي ڇورن، پروفيسرن، پٽيوالن ڪان جيڪڏهن بچي بہ وئي تہ اُها آنٽين ڪان ڪونہ بچندي، يونيورسٽي ۾ چار سال گهاري ويندي ڇوڪريءَ جيڪڏهن قسم کڻي چوي تہ مان هتي اهڙي ڪنهن بہ حرڪت جو شڪار نہ ٿي آهيان تہ اُها دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪُوڙي ڇوڪريءَ ئي هوندي، پيو نہ تہ بہ جسم کي ڇهاءَ جي لذت ضرور

نصيب ٿي هونديس، باقي پڙهائي دوران ڪافي ڇوڪرين کي پنهنجي گهر وارن جو ۽ انهن جي خرچ جو اُلڪو هر وقت رهندو آهي، اُهي تمام گهڻو احتياط ڪنديون آهن، ڪائڻ، پيئڻ ۽ پهرڻ تائين انهن جي هر شيءِ تي مائٽن جي نظر هوندي آهي، باقي رات جو يا فري ٽائيم ۾ واشرومن يا هاسٽل ۾ انهن جا مائٽ ساڻ ته ڪونه هوندا آهن جو اُهي انهن کي حرڪتن دوران پڪڙي بي عزتو ڪن.

اسد هڪڙي حقيقت هي به اٿئي ته هتي اڪثريت والدين جي دادلين ڇوڪرين جي هوندي آهي، ٻهراڙيءَ جون ساديون ڇوڪريون ته انتر ڪان پوءِ گهڻو ڪري پرڏجي ويندڀون آهن ۽ هتي پرٽيل ڇوريون به پاڻ کي ڪُنواريون محسوس ڪرائينديون آهن، توڙي جو هِتان جي ڇوڪرين کي برقعا پاتل هوندا آهن پر اُهي پنهنجي خواهشن جا برقعا ڳوٺن ۾ ڇڏي ايندڀون آهن.

سيمي به نج ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ آهي پر آهي خطرناڪ... سيمي رات جو روم ۾ چالاڪ ۽ حرڪتياڻي لڳندي آهي ۽ ڏينهن جو سندس زبان ۽ حرڪتون بند هونديون اٿس، ائين محسوس ڪرائيندي آهي جڻ هن کي ڪجهه اچي ئي ڪونه ٿو، باقي مون سان ٻه ٽي دفعا پروگرامن تي هلي آهي، مرداڻي عضوي کي ائين چنبڙي پوندي آهي جيئن پوليءَ وڻ جي لام کي چنبڙي لوڏا ڪائيندي آهي، اُن دوران هُو ائين محسوس ڪرائيندي آهي جڻ گهڙي ڪن لاءِ هُن مرد جو سامان خريد ڪري ڇڏيو هجي، نياڳي جي خطرناڪ فيلنگ هوندي آهي، اُن وقت جڏهن مرد کي سڪنگ ڪندي آهي، مون کي به ڪوڙ تجربا نياڳي سيڪاري ڇڏيا آهن"

اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌائيندي روبيءَ ڪنهن پل ٿڪ پئي ڏنا ته ڪنهن پل ٿورڙي شرمساري به محسوس ٿي ڪيائين پر اڪثر ڳالهائيندي روبيءَ جي زبان ڪٿي وچڙي ڪونه مون محسوس ڪيو ته هن جيڪو ڪجهه ڳالهايو آهي اُهو سچ ئي آهي.

روبيءَ وڌيڪ ٻڌايو ته هُوءَ پڙهائي دوران چڪلن تي ريسرچ ڪري رهي آهي، دنيا جي شاهڪار چڪلن کان ويندي سنڌ جي غليظ چڪلن تائين هن جي راءِ آهي ته،

سنڌ جا اڪثر چڪلا گُتيل آباديـن ۾ هوندا آهن ۽ اُتي ڪابه بنيادي سهولت نه هوندي آهي، گٽر اُتليل نالين مان گُذري جڏهن هتان جا مرد چڪلن تائين پهچن ٿا ته اُهي پنهنجا چهرا اڪثر لِڪائي چڪلن ۾ داخل ٿين ٿا پر سُٺريل ملڪن جا چڪلا اسان جي عاليشان سرڪاري آفيسن کان به وڌيڪ بهتر لڳندا آهن ۽ اُتي ماڻهو بنا حجاب جي سُڪون حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا منهن لڪائي نه ٿا وڃن، هن ٻڌايو ته اسان وٽ ته ڪدڙن کي انسان ئي نه سمجهيو ويندو آهي، انهن کان حد درجي جي نفرت ڪبي آهي، سُٺريل ملڪن ۾ نه صرف ڪدڙا مردن کي خوش ڪندا آهن پر اُهي آرڊر تي گهرن اندر وڃي مساج ڪان ويندي فل سروس ڏيڻ تائين اُتان جي عورتن کي به سُڪون ڏيندا آهن، انهن جي صفائي کان ويندي انهن جي اخلاق ۽ گفتگو مان محسوس ٿيندو آهي جڻ هي جاوا ئي اُن ڪم لاءِ آهن، پاڪستان يا سنڌ جا ڪدڙا ته پوري ريت پنهنجا پير به ڪونه ٿا ڌوئين، هِتان جو ڪدڙو بسن، مسافرخانن، بازار جي دڪانن کان ويندي، رڪشائن ۾ هلندي به ماڻهن کي ڊسچارج ڪندا آهن ۽ اُهي سڄو ڏينهن پنهنجي ڳُئي به ڪونه ڌوئيندا آهن، ٻيو ته ڇهيو پر نياڳا ٽشو پيپر به استعمال ڪونه ٿا ڪن.

مون کي روبيءَ جي بنا حجاب ڪيل ڪمال جي گفتگو تمام گهڻو متاثر ڪيو هو، اُن ڏينهن روبيءَ سان گهٽي وقت تائين ڪچهري ڪندي اُهو به معلوم ٿيو هو ته اهڙين ڇوڪرين جي اُهو سڀ ڪجهه ڪرڻ مجبوري ۾ شامل آهي، جو انهن جا يا ته والدين ناهن، جي آهن ته بنهه غريب آهن، اهڙي قسم جون ڇوڪريون اڪثر پنهنجي والدين سان به ڪوڙ

ڳالهائيديون آهن، مثال طور گهران تمام گهٽ خرچ گهرائيندڙ ڇوڪريون ھتان جي ڇورن ۽ پروفيسرن کي مسڪا هڻي ڇانهن، ماني ۽ موبائل جو پئڪيج ڪڍي ڏيون وجن ۽ سُنا ڪپڙا خريد ڪري پاڻ جي صورت ۾ اُهي پنهنجي گهر وارن کي ڏيکاريون ٿيون ته، اسان پارٽ ٽائيم جاب ڪنديون آهيون، هڪڙو ته اُن ڪوڙ سان انهن جا مائٽ به مطمئن هوندا آهن ۽ ٻيو آسائي سان انهن جي پڙهائي جو خرچو نڪري ايندو آهي.

اُن ڏينهن مون روبيءَ کان مهوش جي باري ۾ پڇڻ چاهيو ته هن مهوش بابت اِهو ٻڌايو ته،

" مهوش گونگو سيڪس ڪندي آهي"

اُن کان اڳ مون گونگو مينهن ۽ گونگا ماڻهو ته ٻڌا هُئا پر گونگو سيڪس پهريون ڀيرو روبي جي واتان ٻڌو هو، مون اُن بابت وڌيڪ تفصيل پُڇيو ته روبي پنهنجا ٻئي هٿ اونڌا ڪري ڏيکاريندي چيو ته،

" هٿن جي آڱرين ۽ ننهن کي غور سان ڏس"

مون هڪ نظر روبي جي آڱرين ۽ ننهن کي غور سان ڏٺو پر مون کي ته اهڙي ڪا خاص ڳالهه سندس آڱرين ۽ ننهن ۾ نظر ڪانه آئي ته روبي پنهنجي هٿ جي وچ واري ڏِگهي آڱر مٿان ٻي هٿ جي آڱر رکندي نشاندهي طور ٻڌايو ته،

" مهوش جا هٿ غور سان ڏسندو ڪر، توکي مهوش جا ننهن وڏا ملندا، سواءِ هن وچ واري آڱر جي"

مون تجسس ڀريي لهجي ۾ چيو ته،

" اُهو ڇو ڀلا"

روبي کِلندي ٻڌايو ته،

" مهوش رات جو پاڻ مٿان ڪمبل وجهي اُها آڱر يُوز ڪندي آهي"

روبي جي ڳالهه ۾ وزن محسوس ڪندي سوچيو هُئم ته واقعي مهوش جا ننهن وڏا ۽ اُن آڱر جو ننهن هميشه لٽل ئي ڏٺو اٿم، ڳالهين ڪي اڳتي وڌائيندي مون روبي کي چيو ته،

" ائين ته پوءِ ڪوڙ ڇوڪرين جا ننهن اُن ٻڌائين تي هوندا..؟"

روبي پنهنجا هٿ پاڻ ۾ ملائي، چرچو ڪندي چيو ته،

" هر هڪ ڇوڪريءَ جي هٿن جا ننهن چيڪ ڪندو ڪر، جيڪڏهن ڇوڪرين جي ننهن ۾ اُها ساڳي ٻڌائين ملئي ته سمجهجانءِ ته اُهي ڇوريون به فنگر يُوز ڪنديون آهن"

روبي جون ڪجهه ساديون ته ڪجهه ڪُوڙيون ۽ کي حيران ڪندڙ ڳالهيون ٻڌندو، اُتان اُٿي سموسن واري دڪان تي پهتاسين، سموسا چٽڻيءَ ۾ ٻوڙي کائڻ دوران روبيءَ جي ڳڻن مون کي وڌيڪ ڪجهه متاثر ڪرڻ شروع ڪيو، مون روبيءَ کان سندس باري ۾ اجا وڌيڪ کولڻ جي ڪوشش ڪئي ته روبي وڏو ٺهڪ ڏيندي چيو ته،

" نياڳا هاٽي مان به ٽِڪي پئي آهيان ٿورو ساهه ته کڻڻ ڏي"

مون به کِلي سندس خواهش جو احترام ڪندي، باقي ڳالهائڻ لاءِ سمورا اختيار سندس حوالي ڪندي، سموسن ۾ ڏند وجهي ڇڏيا هُئا.

اُن ڏينهن روبيءَ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو، منهنجي دل دُهل وانگي روبي کي وڃائڻ پئي چاهيو پر همت ساري نه سگهيس ۽ روبيءَ سان اهڙي ڪابه ڳالهه نه ڪري سگهيس، جيڪا ڪرڻ لاءِ آئون موڊ ناهي آيو هُئس، انهن ئي ڏينهن ۾ روبيءَ مون سان مهوش کان وڌيڪ هُجائتي ٿيڻ لڳي هُئي، مهوش گهٽي ويجهو هوندي به تمام گهڻو پري رهڻ لڳي هُئي، يونيورسٽي ۾ ڪنهن پروگرام دوران يا يونيورسٽي جي سهيلين سامهون کِلي ڳالهائيندي هُئي ۽ چرچا به ڪندي هُئي پر نويڪلائي ۾ هِن مون کي الائي ڇو هر ڀيري نظرانداز ئي پئي ڪيو هو، نيلم ۽ سيمي به ٽائيم

ڏينديون هُيون، سيمي جي گهڻو ڪري جاويد سان لڳندي هُئي پر اسان ڪڏهن بہ سيمي کي جاويد سان گڏ گهمندي يا ڳالهائيندي ڪونہ ڏٺو هو، باقي نيلم جي واتان تمام گهڻا انڪشاف ٻڌڻ لاءِ هر روز ملندا هُئا.

اُن ڏينهن روبيءَ اُهو بہ ٻڌايو هو تہ نيلم جي هتي يونيورسٽي ۾ انتظاميا سان تمام گهڻي سلام دعا آهي ۽ سندس واسطا بہ وڏا آهن، نيلم جو هر ڪم سيڪنڊن ۾ ٿي ويندو آهي، اُن ڪري بہ اسان ڪافي ڇوڪريون نيلم جون محتاج هونديون آهيون، هُون بہ هتي اچڻ کان پوءِ ڇوڪريون اڪثر سهارا ڳوليندريون آهن، اڪثر ڇوڪريون سهارن جي سهاري اڳتي وڌنديون آهن، باقي ذهني طور مئچوئر ۽ هوشيار ڇوڪريون پنهنجي محنت ۽ شوق سان هتي چار سال گُذارڻ کان پوءِ تمام سُٺن عهدن تي اچي وينديون آهن.

اُن کان پوءِ روبيءَ سان ملاقاتن جو سلسلو تيز ٿيندو ويو ۽ روبيءَ روبرو نہ تہ بہ فون ڪال تي ڪافي حال احوال ڪندي هُئي، هڪ دفعي روبيءَ ٻڌايو هو تہ

" اسان جي هاسٽل ۾ هڪ نئين ڇوڪريءَ آئي تہ نيلم اُن کي تمام گهڻو حراسان ڪيو ۽ ڇوڪريءَ صفا لچاري هيٺ ڪري گهڻو ڳالهائيندي بہ ڪونہ هُئي، انهيءَ لچاريءَ ڇوڪريءَ جو نيلم جي ڪونہ ٻُڌي تہ هڪ رات نيلم شراب پيئڻ کان پوءِ انهيءَ ڇوڪريءَ کي تمام گهڻو تنگ ڪيو هو، سياري جي رات هُئي، نيلم اُن ڇوڪريءَ کي سيڪس ڪرڻ تي مجبور ڪيو تہ ڇوڪريءَ مرڳو ٽپي ٻاهر تي وئي هُئي، نيلم اُگهاڙي تي انهيءَ ڇوڪريءَ جي جڏهن سامهون آئي تہ انهيءَ ڇوريءَ نيلم کي چماٽ وهائي ڪيدي هُئي تہ پوءِ نيلم بہ ڪاوڙ ۾ اُن ويچاريءَ جي وارن کان وٺي، اُن کي روم مان ٻاهر ڪيدي ڇڏيو هو، ڇوڪريءَ ويچاري سڄي رات هڪ رئي ۾ سخت سردي ۾ سڄي رات روم جي دروازي ٻاهران سيءَ ۾ ڏڪندي

گُذاري ۽ سُڏڪندي بہ رهي پر نيلم اُن کي روم ۾ گهڙڻ ڪونہ ڏنو، مون ڏٺو تہ اُن ڇوڪريءَ پنهنجي بواءِ فرينڊ کي اُن رات ڪال ڪري روئيندي گرلس هاسٽل جي سچي حقيقت بہ ٻڌائي هُئي، ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ اُن ڇوڪريءَ پنهنجو روم تبديل ڪرايو هو پر نيلم جي چڪر ۾ نہ آئي، هتي ڪيتريون ئي ڇوڪريون نيلم جهڙين خطرناڪ ڇوڪرين جي چڪر ۾ اچي وينديون آهن ۽ پوءِ پڇتائينديون بہ آهن، مان تہ اُهو چوندي آهيان تہ هتي هر ايندڙ نئين ڇوڪريءَ کي پنهنجي مڪمل هوشياري ۽ ذهانت سان رهڻ کپي، مڪمل بهادري جو مظاهرو ڪري تہ ڪير ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي، باقي جيڪڏهن ڪا سادي ڇوڪريءَ ڪنهن ڇوڪري يا ڪنهن ڏنگيءَ ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ اچي وئي تہ سمجهو اُن جي تعليم بہ تباهہ تہ ڪيريئر بہ تباهہ، اُن ڪري بہ هتي ايندڙ هر نئين ڇوڪريءَ کي ذهني طور مڪمل سجاڳ هجڻ گهرجي.

روبي جي مڪمل سچائي ۽ ڇوڪرين بابت همدري تي تمام گهڻو پيار آيو هو، حقيقت ۾ اسان جون درسگاهون جتي مُستقبل جي معمارن کي تعليم جهڙي ناياب روشنيءَ سان منور ڪن ٿيون تہ اُتي ادارن اندر بلائون بہ رهن ٿيون، جيڪي اڪثر خوبصورتي کي ڳڙڪائي وڃن ٿيون، تڏهن تہ اسان جي درسگاهن اندر هر چوٿين مهيني ڪو نہ ڪو حادثو پيش اچي ٿو، ڪاتہ ڪا ڇوڪريءَ آپگهات ڪري ٿي، جيڪڏهن اسان جي ادارن جو تحفظ نہ ڪيو ويو تہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ اسان انهن ادارن جا فقط مثال ئي پيش ڪري سگهنداسين، باقي ظاهري طور اُهي ادارا پنهنجو وجود ميساري ويهندا.



آچر واري ڏينهن جيئن ئي اک کُلي ۽ وهنجي تيار ٿي، چارجر تي لڳل موبائل کڻي، اسڪرين کي جاچيم تہ ڪوڙ سارا ايس ايم ايس ڪنهن نئين نمبر تان آيل هُئا. مون ڪجھ ايس ايم ايس پڙهيا ۽ ڪجھ بنا پڙهڻ جي ئي اُن نمبر تي ريپلي ڪيو تہ ساڳي نمبر تان تکڙو جواب مليو تہ،

"توهان ڪٿي آهيو اسد"

پنهنجي نالي تي جيئن نظر پئي تہ سمجهي ويس تہ ڪوئي واقفڪار آهي، مون تکڙو انهيءَ نمبر تي ڪال ڪئي تہ پريان مهوش جو ٻُڏل آواز روئڻ واري انداز ۾ ڪنن تائين پهتو.

مهوش تمام گهڻو پريشان هُئي ۽ بار بار سندس آواز ٻُڏي ٿي ويو، مون کيس آٿت ڏيندي، انهي ڪيفيت جو سبب پُڇڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مهوش ملڻ جو چيو، مون پنهنجي نئين بينڪ تي کيس اچڻ جو چيو تہ هن بہ هائوڪار ڪئي. مون تکڙو وڃي لمس جي مين گيٽ وٽان مهوش کي رسيو ڪرڻ لاءِ بائيڪ ڊوڙائي، مهوش رڪشا تان لٿي ۽ منهنجي پويان پر ٿورو وٿيرڪي ٿي ويٺي ۽ هن منهنجي ڪُلهي يا چيلهہ تي هٿ رکڻ بجاءِ

بائيڪ جي سيٽ کي هٿ وجهي ويهي رهي ۽ وچ تي پنهنجو ٻورو پرس رکي ڇڏيو هُئائين، ڪن پل ۾ مون بائيڪ پنهنجي گهر جي دروازي تي بيهاري، در کولي بائيڪ کي اندر ڪري دروازو بند ڪيو، تيستائين مهوش منهنجي پڙهائي واري ٽيبل تي وڃي ويٺي هُئي، منهنجي حسرتن جا ميرڙا ٻار خوشي مان ڪُڏي رهيا هُئا، مهوش جي لڳاتار بيرُخي ڪان پوءِ اوچتو مون وٽ هلي اچڻ ، جتي خوشي ڏني هُئي تہ اُتي ڪوئي اُلڪو بہ کر کڻي رهيو هو، جو مهوش مون سان پهريون ڀيرو اڪيلائي ۾ ملي رهي هُئي ۽ ڪوڙ سارين دل اندر دفنايل ڳالهين ڪرڻ لاءِ پهتي هُئي، هن ڪيڏي مهل سُڏڪندي تہ ڪيڏي مهل جذباتي ٿيندي ڪيئي ڳالهيون، لُڙڪ، ميارون ۽ دعائون ڏيندي، جڻ مون کي شرمسار ڪري ڇڏيو هو، مهوش جو مون وٽ هلي اچڻ منهنجي لاءِ ڪنهن غنيمت کان گهٽ ڪونہ هو پر مهوش جي اُداس ڪيفيت مون کي پريشان ڪري ڇڏيو هو، مون بار بار مهوش کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪندي روئڻ جو سبب پُڇڻ تي زور پريو تہ مهوش تمام گهڻي اُداس لهجي ۾ مخاطب ٿي هُئي، مون مهوش کي کولر مان پاڻي جو گلاس ڀري ڏنو ۽ رليڪس ٿيڻ جي منٿ ڪئي تہ مهوش ڪنيور ڳِٽن تي وهي آيل لُڙڪن کي اگهندي ٿورو ماٺ ٿي ويهي رهي تہ مون بورچيخاني ۾ وڃي جلدي ۾ ناشتو تيار ڪيو ۽ چانھ ٺهڪائي ورتي.

مهوش اُن دوران منهنجي ٽيبل تي پيل ڪوئي ناول کڻي پڙهڻ شروع ڪيو، مان رکي رکي بورچيخاني جي دريءَ مان مهوش جي اُداسيءَ کي گهُوري رهيو هُئس، ڪجھ ئي لمحن ۾ ناشتو، چانھ ۽ ڪجھ فروٽ کڻي مون مهوش جي آڏو رکيا تہ مهوش ڪتاب اکين اڳيان هٽائيندي مخاطب ٿي تہ،

"مان ڪجھ ڪائڻ ڪونہ آئي آهيان، مون کي توسان ڪجھ ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن"

مون ڪرسي کي ٽيبل طرف سُرڪائيندي، مهوش جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو تہ،

"مهوش خير تہ آهي، ايڏي دلگير.. ۽ کهڙي ڳالھ ڪرڻ ٿي چاهين مون سان، ڪو مسئلو ٿيو آهي ڇا..؟"

مون هڪ ساهي ۾ سيريس ٿيندي مهوش سان ڳالهايو.

" اسد سڄي يونيورسٽي ۾ ڪٿي خوار ڪيو اٿئي، مان ايتري بہ ڪريل ناهيان يار"

مهوش جي اکين جا بند پڇي پيا تہ مون اُٿي سندس ڪُلهن تي هٿ رکندي، ڪيس پرچائڻ واري انداز ۾ چيو تہ،

"مهوش يار تہ ناهين، ڇو ٿي روئين ڇري، اهڙي ڪابہ ڳالھ ناهي ۽ ڇا جي خواري جانان!"

مهوش اُٿي مون کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري، منهنجي ڪُلهي تي پنهنجو ڪنڌ رکي سُڏڪيون ڀريندي جڻ ڦِسي پئي هُئي.

" اسد نيلم مون کي سڀ ڪجھ ٻڌايو آهي ۽ توکي بہ منهنجي باري ۾ سڀ ڪجھ ٻڌايو هوندائين، اسد مان مجبور آهيان، مان هڪ اهڙي دلدل ۾ ڦاسي وئي آهيان جتان منهنجو نڪرڻ محال لڳي رهيو آهي"

مون مهوش جي وارن کي سيٽ ڪندي، چيو تہ،

"ڇا جو دلدل، ڇو ڦاٿيون آهين"

مهوش يونيورسٽي ۾ گهاريل ٻن سالن جي طويل ڪهاڻي ٻڌائي نہ صرف مون کي حيران ڪري ڇڏيو هو پر الائي ڪيترا سوال منهنجي سامهون ڪڙا ڪري ڇڏيا هُئائين، نيلم جي حرامپاين کان وينديءَ، اڪرم جي اٽڪلن ۽ روبيءَ جي خاموشي تائين مون کي سمورن ڪلاس ميٽ ۽

ڪجھ ٻين ڪلاسن جي دوستن تي حيرت ٿي هُئي، منهنجي سنجيدگي جو مهوش سميت انهن سمورن دوستن غلط استعمال ڪري نہ صرف منهنجي محبت کي رسوا ڪيو هو پر مهوش جي دل ۾ بہ نفرت جي عاليشان عمارت ڪڙي ڪري ڇڏي هُئي.

مون کي مهوش سُڏڪندي ٻڌايو تہ،

"اسد آئون نيلم جي چوڻ تي پئسن جي ضرورت هجڻ ڪري، پنهنجي عزت ٻين آڏو اُڇلائي پر هاڻي آئون ڦاسي وئي آهيان، ڪڏهن ڪڏهن نيلم جو چوڻ نٿي وٺان تہ بليڪ ميل ٿي ڪري ۽ هڪڙو پروفيسر بہ صفا چريو لڳو ٿو وتي، اُن سان بہ نيلم ملرايو هو، هاڻ تہ اُهو نياڳو بہ بليڪ ميل ڪندو آهي ۽ توکي منهنجي باري ۾ نيلم ۽ روبي سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيو آهي، اسد آئون اِن معاملي ۾ صفا ڏڪڻي آهيان، جاني ڪنهن سان بہ ڪا ڳالھ نہ ڪجانءِ."

اُن ڏينهن مهوش پنهنجي اندر جي لڪيل ڏڪڻي احساس کي منهنجي آڏو کولي رکيو تہ منهنجي دل بہ بي ايمان ٿي پئي هُئي ۽ آئون مهوش جي طبيعت کي سمجهي ويو هُئس تہ مهوش جلدي ۾ بليڪ ميل ٿئي ٿي، پنهنجي طاقت جو اظهار نہ ٿي ڪري، بهادري سندس وجود کان پري رهڻ لڳي هُئي، مون پنهنجي منهن سان سوچيو تہ في الحال موقعي جي مناسبت سان جيڪو ڪجھ ٿيڻ وارو آهي اُهو ڪجي ۽ پوءِ مهوش جو ساٿ ڏئي مهوش کي اُن ڏُهڻ مان ٻاهر ڪيندس.

مون مهوش کي حوصلو ڏيندي ۽ مڪمل ساٿ ڏيڻ جي خاطري ڪرائيندي، سموري حقيقت کان آگاھ ڪيو تہ مهوش کي گهڙيون سانت ۾ آئي، مهوش منهنجي صفا ويجهو ٿيندي، پنهنجي ٽنگ منهنجي ران مٿان رکندي، منهنجي هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪندي، مون سان بي حجاب ٿي مخاطب ٿي هُئي.

" اسد مان تنهنجي گناهگار آهيان ، مان تنهنجي سچي محبت کي نہ سمجهي سگهيس، خبر ناهي يونيورسٽي مان پنهنجي پڙهائي پوري ڪري سگهان الائي نہ، بس رات دير تائين ويهي فيصلو ڪيو اٿم تہ ڏيهہ ڇڏڻ کان اڳ توکي پنهنجو پاڻ ارپي وڃان"

مون اُهو سڀ ڪجهہ ٻڌندي مهوش جي وات تي هٿ رکي، تلخ لهجي ۾ چيو تہ،

" يار هي ڪهڙي فضيلت آ، پهريون پيرو جڏهن سچائي سامهون آئي آهي ۽ هڪٻئي کي سمجهو آهي تہ پوءِ هاڻ غمگين ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت.."

ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪندي، سُڏڪندي، ڪِلندي، هڪٻئي کي ميارون ڏيندي، نيٺ ڪمري جي ڪنڊ ۾ پيل لوهي کٽ جي چيڪٽن اسان ٻنهي کي اهڙي دنيا ۾ داخل ڪيو، جتان ماٺهو مدهوش ٿي موٽندو آهي.

مهوش جي جسم جي جادوگري مون مٿان حاوي ٿي وئي هُئي، مهوش منهنجي مٿان گلم جيان وڇائجي وئي هُئي، چپن تي چڪ هڻندي هن ذليل لهجي ۾ پُرڪيف ڪيفيت ۾ مون کي چيو تہ ،

" ظالم آهين ڪِنا، اهڙي تکي تلوار ڪٿان آندي اٿئي"

مون ڪِلي ڪيس جاڙين تڪرين تي پنهنجي چڙواڳ زبان جي چيلن کي گور چڙي ڏنو هو، مهوش مون مٿان لانگ ورائي ويهي رهي هُئي، جڻ ٻيئي دنيا جون سموريون سرحدون پار ڪري، اهڙي اڪيلائي ۽ ڪنهن وٽندڙ جهان ۾ داخل ٿي ويا هجون جتي فقط اسان جي حڪمراني هلي رهي هجي.

چڪن ۽ چُمين مان ٻنهن جا وات واندا ٿيا تہ مون هڪ ظالم نگاهہ مهوش جو چولو مٿي ڪري سندس گول ۽ جرڪندڙ پيٽ تي وڌي ۽ سندس دُن تي آڱر رکندي مون شرارتي لهجي ۾ چيو تہ،

" هن سُمنڊ ۾ ٻُڏڻ جو بہ پنهنجو مزو هوندو"

مهوش اُٿ تي ويهڻ واري انداز ۾ پنهنجو سمورو وزن منهنجي مٿان رکي، منهنجي سيني جي اُين وارن کي پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪري جهپيڙ ڏيندي چيو تہ،

" چ ...ت...و... اُن ڏينهن روبي سان گهڻو فري ٿي رهيو هُئين، منهنجو هانءُ ساڙڻ ۾ چا هٿ اچي ٿو توکي، روبي ناسري بہ ڦُل سگنل ڪئيو ٿي وتي، رڳو ڪوئي نمبر ملائي تہ بس ڪانٽو فٽ ٿي ويندو، تون بہ حرامڙو آهين، لائين ملائڻ ۾ دير ئي نٿو ڪرين"

مون سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهي، دسي پنهنجي هيٺان ڪندي، ڪيس چيو تہ،

" وارن ۾ گهڻ پوندو تہ سڙندو ٿوري"

اُن ڏينهن مهوش جڏهن مون وٽ آئي هُئي تہ تمام گهڻو اُداس ۽ دلگير هُئي ۽ گهڻو جذباتي بہ..! جڏهن لڙي شام جو واپس وڃڻ جي ڪيائين تہ ڏاڍو خوش نظر آئي هُئي، مون يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران مهوش کي گهڻو خوش فقط اُن ڏينهن ڏٺو هُيو.

چوڪريءَ سان سچائي ڪرڻ ۽ سندس خواهش مطابق سيڪس ڪرڻ کان پوءِ هر مرد اُن چوڪريءَ کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهڻ لڳندو آهي، منهنجي مهوش سان ٻي انتها سچائي نيٺ مهوش کي منهنجي ٻڪن ۾ آندو هُيو، مهوش سان ملاقات کان پوءِ پاڻ کي مڪمل واسيل محسوس ڪيو هُيم، مهوش جي جوانيءَ جي خوشبوءِ مون کي مون مان محسوس ٿيڻ لڳي هُئي، مهوش جي جسماني ٻيهڪ ۽ ڪشش جو ڪمال

ئي پنهنجو هيو، مهوش سان سيڪس ڪرڻ دوران محسوس ڪيم هيم ته مهوش يوز ٿيل آهي، سندس هرٽيءَ جو پير ويڪرو محسوس ٿيو هئم، اُن هوندي به سندس جلون ۾ جسماني جادوگري ڪمال درجي جي هئس.

اُهو ڏينهن منهنجي زندگي جو حسين ترين ڏينهن ثابت ٿيو هو، جو جنهن ڇوڪريءَ جي ڪِلي ڳالهائڻ ۾ پيار ارپڻ واري جذبي لاءِ پريشان رهندو هئس اُن ڇوڪريءَ اوچتو پاڻ کي مون مٿان نڇاور ڪري ڇڏيو هو.

شام گهاٽي ٿيڻ کان اڳ گهٽي دير تائين هڪ ٻئي مٿان چڙهندي، هڪٻئي جا وار پٽيندي، هڪ ٻئي کي طعنا ۽ چُمين جا تحفا ارپيندي چار پيرا جسماني سرحدن جا دائرا پار ڪيا هياسين جڻ هڪ ٻئي کي هڪ ٻئي کان خريد ڪري ڇڏيو هئوسين.

❖

مون تمام گهٽي ڪوشش ڪئي هُئي ته ڪنهن نه ڪنهن نموني سيمي سان فري ٿي اُن جي اندر جون ڳالهيون ٻڌان ۽ سندس طبيعت کان واقف ٿيان پر سيمي پنهنجي نماڻي مزاج وانگر هر وقت نماڻائي وچان سامهون گُذري ويندي هُئي ۽ نويڪلائي ۾ ڪڏهن به مون کي سيمي سان ويهي ڪچهري ڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو، باقي، مهوش، روبيءَ ۽ نيلم سان گڏ ته ڪافي پيرا سيمي سان گڏيل گفتگو ٿيندي هُئي، سيمي ايڏي سٺي ڪونه هُئي پر سندس سيرت ۾ سياءُ وڻندڙ هُئا، سيمي، نيلم جي گهٽي دادلي به هُئي، اُن ڪري گهڻو ڪري سندس وقت نيلم سان گُذرندو هو، سيمي جو ٿورو گهڻو ادب سان لڳاءُ هُيو، اُن ڪري به سنڌي ڪتاب هميشه هٿن ۾ هوندا هُئس.

يونيورسٽيءَ ۾ گذاريل ڏهاڙن دوران مون کي ياد ناهي جو مون سيمي کي ۽ سيمي مون کي ڪڏهن ڪو، مئيسج يا ڪال ڪئي هجي، انهن ئي ڏينهن ۾ نيلم جي واتان خبر پئي هُئي ته سيمي جو به ڪو دوست آهي، جنهن سان ڪڏهن ڪڏهن سير سفر تي نڪري ويندي هُئي، ته اُن دوران ۾ اهڙين ڇوڪرين جي اهڙي ذڪر تي مون کي اڪثر روبيءَ جون

[illegible] ڇوڪريون ڪنهن نه ڪنهن سان
سيٽ آهن، سيمي جهڙي به هُئي ۽ جنهن جي به هُئي پر سندس ڪپڙا
ڪمال جا پائيندي هُئي، مون ڪڏهن به سيمي کي به ڏينهن لاڳيتو هڪڙي
جوڙي سان نه ڏٺو هو، هر روز ڪپڙا مٽائيندي هُئي، هُوءَ ته اڪثر
يونيورسٽي جون سڀ ڇوڪريون هر روز ڪپڙا مٽائينديون آهن، پر ڪي
سادڙيون به به ڏينهن هڪڙي وڳي ۾ گُذارو ڪنديون آهن.

ڇوڪرين ۾ سونهن کان علاوه غضب جي حُسناڪي سندن ڪپڙن ۾
به لڪيل هوندي آهي، کُليل وارن سان ۽ ڪي پف ته ڪي چوٽيءَ ڪري
پنهنجي زلفن کي سجائي ۽ غضب جي خوشبوءِ لڳائي، جڏهن اڳيان
گُذري وينديون آهن ته هڪ لمحي اِنهن جي سونهن ۽ سجاوٽ جي خوشبوءِ
دل ۾ لهي ويندي آهي، اُهو ئي عورتاڻي هانءُ جو ڪمال آهي جيڪو
مست نگاهن کي سُرور بخشيندو آهي.

منهنجو وسڪٽو ارواح اڪثر وٽندڙ ڪپڙن سان ويندڙ وينگسن تي
موهت ٿي پوندو هو، ٻي ڪا به تمنا ڪانه هوندي هُئي ۽ نه ئي سچي محبت
وارو داستان هاڻ پاڻ مٿان سُوار ڪري هلندو هُئس، بس هلندي کي
هلائيندو هُئس ۽ 'آئي ته روزي ٿري ته بلا 'جيان هر وقت من ۾ ڪنهن
وٽندڙ جو واس وٺڻ لاءِ اُتاولو رهڻ لڳو هُئس، پر منهنجي جيون ۾ جتادار
محبت ڪڏهن به ٽڪاءُ نه ڪيو ۽ نه ئي وري مون اُن بابت ڪڏهن سوچيو
بہ.... بس شروع وارن ڏهاڙن ۾ ٻهراڙيءَ جي عاشقيءَ وارو رواج ڪٽي جڏهن
يونيورسٽيءَ آيس ته مون سمجهو ته هتي به اُهو ئي شفاف عشق ملندو،
جيڪو اڪثر ٻهراڙين ۾ ملند آهي، اڄ به سنڌ جي ٻهراڙين ۾ مايون ڇيٽا
سُڪٽا وجهڻ جي بهاني ڪوني تي چڙهي پنهنجي عاشقن کي ديدار
ڪرائينديون آهن، اڄ به اٿاهه پيار دلين ۾ سانڍي گهرن ۾ ٻاندي ٻٽايل
عورتون درگاهن تي زيارت ڏيڻ جو بهانو ڪري سالن پڄاڻان پنهنجن

عاشقن کي پاڻ ارپين ٿيون، اسان جي سماج ۾ محبت ڪرڻ وڏو گناهه
سمجهو وڃي ٿو، اسان جي سماج ۾ اهڙا به مرد رهن ٿا جيڪي پر اين ماين
کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن زالن کي مٿئون ڪري، انهن کان پڙوت
ڪرائي پنهنجي لذت پوري ڪن ٿا پر جيڪڏهن اُهي پنهنجن زالن کي
ڪڏهن پُلجي پاٽيءَ جي ٽانڪيءَ تان پاٽي پرڻ دوران رستي تان گُذرندڙ
ڪنهن اسڪوٽر واري ڏانهن ٿيڊي اک سان نهاريندي ڏسندا به ته قيامت
اچي ويندي.

جيتري صداقت ۽ شفافيت ٻهراڙي جي عورت جي عشق ۾ آهي
اهڙي صداقت دنيا جي ڪنهن به عاشق دل وٽ ناهي، ڳوٺن جون عورتون
پنهنجي تي اچن ته وڏن پابندين ۽ پهرن هيٺ هوندي به پنهنجن گهرن
اندر پنهنجي عاشق کي سڄي سڄي رات پنهنجي سيني مٿان سُمهاري
ننڊ ڪرائي وينديون آهن، ڪنهن کي ڪُڙڪ به نه پوندي آهي، توڙي جو
انهن عورتن جي زندگي کي لاتعداد خطرا درپيش هوندا آهن، جيڪڏهن
ڪنهن اُنهن عورتن کي سڱ سوڌو پڪڙي ورتو ته پوءِ ڳيا ڳيا ٿيل
هونديون، اُن هوندي به ٻهراڙي جي مائي خطرناڪ رسڪ ڪٽي به پنهنجي
عشق جي پالنا ڪندي آهي، هتي عشق نه پر گُذارو ڪرٽو هوندو آهي،
يونيورسٽي جو ڇوڪرو توڙي ڇوڪريءَ گهٽي ياڳي هڪ ٻئي سان ٻئي
سچا ناهن هوندا، ڇوڪرا جنسي لذت حاصل ڪرڻ لاءِ ڇوڪرين کي
استعمال ڪندا آهن ۽ ڇوڪريون پنهنجا خرچ پڪا سِڌا ڪرڻ جي
چڪر ۾ ڇوڪرن کي دلاسا ڏين ٿيون.

گرلس هاسٽل جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ نه ڄاڻ مون ڪيتريون
ڪچهريون، روبرو توڙي فون تي مهوش ۽ روبيءَ سان ڪيون هُيون، گرلس
هاسٽل ۽ ڇوڪرين بابت ايڏي ڪوجنا ڪرڻ جو منهنجو هڪڙو ئي مقصد
هُيو ته ڏسان هتان جي پيار، پنهنجائپ ۽ رشتن ۾ ڪيتري سچائي آهي،

سچ پڇو تہ يونيورسٽي جو پيار نظرن جي دوکي ۽ لالچ کانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ ناهي.

يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران مان پنهنجي وقت ۽ ذهن جو ڪافي نقصان ڪري پوءِ سنوت ۾ آيو هُئس.

پيار رڳو ڇنبڙڻ جو نالو ناهي، پيار قرباني ۽ تقدس جو سنگم آهي، جنهن کان يونيورسٽي جي وڏي اڪثريت واقف ئي ناهي.

آئون اهڙا ليڪچر هر آيل نئين شاگرد کي ڏيندو هُئس، روبي، نيلم ۽ مهوش سان اُن معاملي تي بحث ڪندي ڪندي ڪڏهن چڙي بہ پوندو هُئس.

عشق کان پرهيزگاري جون سموريون ڪريون ڪرڻ جي باوجود بہ مهوش جو عشق منهنجي من ۾ ائين شامل رهيو جيئن جسم ۾ رتُ شامل هجي ٿو.



سينٽرل لائبريري جي ڏاڪڻ تي چڙهندي، مختلف ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کان ڪراس ڪندي، جيئن ئي اندر داخل ٿيس تہ ڪافي رش نظر آئي هُئي، ڇوڪرين جا سنهڙا آواز ۽ ڇوڪرن جا وڏا ٺهڪ ڪنن تائين پهچي رهيا هُئا، گهٽي اچ وڃ سبب مختلف ڇوڪرين جي مختلف سينڊلن جي ٽِپ ٽِپ جي آواز سان گڏ ڪجھ ڇوڪرين جي پرسن ۽ ڪپڙن تي لڳل ننڍڙين ڇمڪڙين جي ڇم ڇم جو آواز وڻندڙ موسيقي جيان دل ۾ لهي رهيو هو.

آئون اڃا ڪجھ دوستن سان ملي اڳتي وڌيس ئي پئي تہ اندران ٻاهر ايندڙ روبيءَ جون نظرون مون تي جو پيون تہ روبيءَ سِڌو مون طرف آئي هُئي.

روبي کي ڳاڙهو چولو ۽ ڪاري رنگ جي ٽائيٽي پاتل هُئي، وارن جي چوٽيءَ کي جهٽڪي سان ڪُلهن تي ۽ پوبان ڪنڌ تي ورائيندي، روبيءَ مون کي ڏسي مُرڪي اچي منهنجي سامهون بيٺي هُئي، پل کن ديوار جي ٽيڪ ڏئي ڳالهيون ڪندا رهياسين ۽ پوءِ ڏاڪڻين تي ويهي هڪ ٻئي جي اکين ۾ اکيون وجهي ڪي پل هڪ ٻئي جا چهرا چتائي، پاڻ کي خوش خوش محسوس ڪيوسين.

... جي زرن ۾ سيٽ ڪندي، واڪڻائي سُرخي ...
چپن تان خاموشيءَ جا ڪبوتر اُڏاريندي چيو ته،

" اُن ڏينهن ڏٺي ڪيئن چوريون چرچا پيون ڪن، مهوش ۽ نيلم ... ڪي ته شل نه ڪو موقعو يا ڪا ڳالهه هٿ اچي، پوءِ ته جڻ پنهور ڪي ... لڳل هوندي"

مون پنهنجي هٿ ۾ جهليل نوٽ بُڪ پنهنجي گوڏن تي رکندي ... هلڪي مُسڪراهٽ سان روبيءَ جي تاٽيل پروئن کي گهوريندي، مخاطب ... ٿيس ته،

"ماڻهوءَ جي من جي مزار جي دنيا به ڏاڍي عجيب ۽ پيانڪ محسوس ... ٿيندي اٿم، ڪڏهن ته اڪيلائي ماڻهو کي نپوڙي اڌ مئو ڪري ڇڏيندي ... آهي ته ڪڏهن انسان هجومن ۾ هوندي به پاڻ کي تنها محسوس ڪندو ... آهي"

روبيءَ حيرت ۽ حسرت سان مون ڏي ڏسندي، مون کي غور سان ... ٻُڌندي، کِلندي ڳالهيون ڪندي چيو ته،

" چورا تنهنجي به دل ۾ دُهل ٿا وڄن ڇا پلا "

روبيءَ دوستيءَ ۽ محبت لاءِ تيار ٿي وئي هُئي، مون کي اُن وقت پنهنجي هڪ دوست جون چيل ڳالهيون ذهن تي ڊوڙڻ لڳيون هُيون جيڪو چوڪرين جي معاملي تي مون کي اڪثر چوندو هو ته،

Fuck and Fly

پر منهنجي سوچ اهڙي نه هُئي، مون انهن ئي ڏينهن ۾ پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ به شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ پوءِ به هر اُها ڳالهه جيڪا پيار کي پاڻي ڏيندي هجي ۽ محبت جي معاملن کي اڳتي وڌائيندي هجي، اُن کي سيريس نه وٺندو هُئس، ٿيندو به ائين آهي جو ماڻهو جڏهن هڪ ڀيري ڪان پري هوندو آهي ته سيني جي سِڪ ۽ محبت جي ڇڪ ۾ ڪشش هوندي

آهي ۽ جڏهن ماڻهو محبت ۾ سيئي منزلون پار ڪري ويندو آهي ته پوءِ پنهنجو منهن به ڪونه وڻندو آهي.

سونهن جي سُرهاڻ کي ڳيتڻ جو تمنائي من الائي ڀو ڪيئن آهستي آهستي تبديل ٿيندو ٿي ويو. مون نه صرف پنهنجي ڪيفيت کي ڪنٽرول ڪرڻ سِکي ورتو هو پر پنهنجي پڙهائي تي پورو پورو ڌيان ڏئي اڳتي وڌڻ جو سوچي لڳاتار محنت ڪرڻ لڳو هُئس، اُن هوندي به ڪنهن ڪنهن پل دل عجيب ڪيفيت ۾ ٻُڏي ويندي هُئي، اندر جي محسوسات ۾ پن چڻ ڪاهي پوندي هُئي ۽ پاڻ کي سيٽ سمجهندي به اپ سيٽ محسوس ڪندو هُئس پر اُها ڪيفيت گهڻو برقرار نه رهندي هُئي.

روبيءَ جي خواهش جو دل سان احترام ڪندو هُئس ۽ بيحد عزت به ڪندو هُئس، روبيءَ ڏاڍي هوشيار ڇوڪريءَ هُئي، سندس سياءَ به معياري ۽ وڻندڙ لڳندو هو.

اسان ڳالهين جون ٿي ماڙ اڏي جڏهن اُٿڻ لڳاسين ته نيلم ۽ اڪرم ايندي چرڪائيندڙ خبر ٻُڌائي هُئي.

نيلم سخت پريشان هُئي، بار بار موبائل تي نمبر ڊائل ڪري رهي هُئي پر اڳيان وارو نمبر ڪال وڃڻ جي باوجود به رسيو نه ٿي رهيو هو، مون نيلم کان پريشاني جو سبب پُڇيو ته نيلم موبائل جي اسڪرين تي زور ڏيندي ڏند جهپيڙيا هُئا ته اُن ويل اڪرم جي ڪاري ناظرو زبان مان مهوش جي خودڪشي جي خبر منهنجي ڪنن تائين پهتي هُئي ته پٽر ٿي ويو هُئس، نرڙ تان پگهر ڳڙي آيو هو، پنهنجي ڪيفيت ۽ جذبات کي قابو ڪندي، پنهن کان تفصيل وٺڻ شروع ڪيا هُئم ۽ يونيورسٽي جا سمورا واٽس ايپ گروپ تڪڙو چيڪ ڪرڻ لڳس ته واقعي سيني گروپن ۾ مهوش جي موت جي خبر باهه وانگي پکڙيل هُئي، چار ڏينهن اڳ مهوش

"يار ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي پلا، مهوش رات دير تائين ته مون سان چيٽ ڪئي آهي ۽ گهڻو خوش نظر اچي رهي هُئي، سندس ڳالهين مان مون کي ته ڪابه پريشاني نظر نه آئي، مهوش پلا ايڏو وڏو قدم ڪيئن ٿي کڻي سگهي"

روبيءَ جي زبان لفظن کي اسپيڊ مهيا ڪري ڇڏي هُئي، نيلم تمام گهڻو پريشان هُئي، پريشاني واري ڪيفيت ساڻ ڪٽي نيلم ٻاهر هلي وئي هُئي ته، مان ، اڪرم ۽ روبيءَ به ٻاهر آياسين، ٻاهر هر شاگرد جي زبان تي مهوش جي خودڪشي جو ذڪر هُيو، اسان سڀئي ڪلاس ميٽ ڏاڍو پريشان ٿي ويا هُئاسين، پنهنجي پنهنجي گهر سموري صورتحال کان آگاهي ڏني هُئي سين.

مهوش جي خودڪشي سيني جو ساهه مُٺ ۾ ڪري ڇڏيو هو،مهوش جون روم پاٽنر مسلسل پوليس جي پڇاڻي هيٺ رهيون هُيون،انهن جا والدين سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا هُئا، اسان سمورا مهوش جا ڪلاس ميٽ چوڪرا يونيورسٽي انتظاميا ۽ پوليس جي دڙڪن هيٺ رهياسين، ڪافي ڏينهن تائين انويسٽيگيشن هيٺ رهياسين، اُن وقت اسان سڀني کان اسان جون موبائل فونون کسيون ويون هُيون، اسان کي ٻڌايو ويو هو ته اوهان جون ڪالون ۽ ايس ايم ايس چيڪ ٿي رهيا آهن ته اسان کي پيٽ ۾ جڻ ساهه ئي نه هُيو.

انهن ڏينهن ۾ يونيورسٽي ايندي ئي سيني دوستن کان سائيڊ تي ٿي، اڪيلائين ۾ وڻن ۽ گلن جي اوٽ وٺي، اوڇڳارون ڏئي پنهنجي منهن سان روئيندو هُئس، مهوش جي ٻن سالن جي دُوري کان پوءِ اوچتو پاڻ مٿان فدا ٿيڻ ۽ آخري ملاقات ۾ پنهنجو پاڻ ارپڻ واري سچائي کان ويندي، مهوش

جا سمورا ٺمڪ، چرچا، نخرا ۽ ڳالهيون ذهن تي تري ايندي ون هُيون ته سمورو وجود ڪنبي ويندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن نه کُٽندڙ تنهائي ۽ بيقراريءَ کي ساڻ ڪري پنهنجي گهر اچي اُن کٽ تي ويهي چرين وانگي ايترو روئيندو هئس، جو پاڙي جا ڪجهه ماڻهو اچي پرچائڻ لڳندا هُئا، اُن ننڍڙي گهر ۾ جتي جتي به مهوش ويٺي هُئي، انهيءَ جاءِ کي گهوري پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪندو هُئس.

ڪيئي ڏينهن ننڊ اکين کان رُٺل رهي ۽ سُڪون جو صُبح جڻ منهنجي زندگي مان لُڏي ويو هو، هر گهڙي، هر پهر اڪيلائي جا احساس ۽ مهوش جون يادون چيري رهيون هُيون، ڪيئي ڏينهن يونيورسٽي ڪونه ويو هُئس، جڏهن ويس ته اُهي جايون جتي جتي مهوش ملي هُئي، اُتي لُڙڪ لاڙيا هُئم.

نيلم اُن واقعي کان پوءِ مون کي ڪڏهن به يونيورسٽي ۾ نظر ڪانه آئي، ڪجهه دوستن کان معلوم ٿيو هُيو ته نيلم جو يونيورسٽي ۾ آخري سال آهي، نيلم گهڻو ڪري يونيورسٽي ايندي به ڪونهي، جي اچي به ٿي ته فُل برقعي ۾ ايندي آهي، نيلم جو اسڪرين تان غائب ٿيڻ هڪ وڏو سوال هُيو، وڏي ڳالهه ته مهوش جي خودڪشي کان پوءِ نيلم کان ڪنهن به قسم جو ڪو پڇاڻو ڪونه ٿيو، پوليس اسان سڀني سميت مهوش جي سمورين ساهيڙين کي انويسٽيگيشن هيٺ رکيو پر نيلم پوليس جي انويسٽيگيشن کان به آجي رهي ته منهنجي اندر ڪاٽ لڳندا هُئا پر خوف وچان خاموش رهڻو پوندو هُيو.

مهوش جي موت کان پوءِ ڪجهه ڏينهن تائين يونيورسٽي جي انتظاميا ۾ ترٿلو متل رهيو، مهوش سان هاسٽل تي گڏ رهندڙ چوڪريون به تمام گهڻيون پريشان هُيون، ڪجهه ڏينهن جي لڳاتار ترٿلي کان پوءِ

روايتي انويسٽيگيشن جو نہ ڪُتندڙ سلسلو شروع ٿي ويو هو، پوليس جا چڪر، هاسٽل جا ڪجھ ڪمرا سيل ، چوڪرين ۽ انتظاميا کان پُڇاڻو ۽ موبائلن جي ٽريسنگ کان پوءِ بہ اصل معاملي جا ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگھيا ها ۽ واقعي کي گھرو اڻ ٻُڌت ڄاڻائي پوليس بہ آرام ڪرڻ لڳي هُئي ۽ جيئن جيئن ڪيس پراڻو ٿيندو ٿي ويو ڄڻ مهوش سيني کان وسرڻ لڳي هُئي.

مون کي ڪيئي ڏينهن ننڊ نہ آئي ۽ سُڪون جو ساهہ نہ کنيو هُئم.

انهن ئي ڏينهن ۾ خبر پئي هُئي تہ مهوش پنهنجي موبائل جي سمورو ڊيٽا ڊليٽ ڪري ڇڏي هُئي، پوليس پاران اهڙي رپورٽ بہ سامهون آئي هُئي، اخبارن ۽ مختلف ٽي وي چئنلن تي هڪ هفتي تائين مهوش جون گُلابي وڳي سان نڪتل تصويرون ماڻهن جي نظرن جو مرڪز رهيون هُيون.

ڪافي ڏينهن تائين يونيورسٽي جو ماحول سوڳوار رهيو هو، اسان سيني ڪلاس ميٽ دوستن مهوش جي ياد ۾ هڪڙو ننڍڙو پروگرام بہ ڪرايو هو، جنهن ۾ اُها ساڳي گُلابي وڳي واري مهوش جي تصوير رکي، اُن جي سامهون ڏيئا ٻاري ڪيس لُڙڪن سان پيتا ڏني هُئي سين، روبي ۽ سيمي مهوش جون سارونيون سارينديءَ پنهنجا ڳل آلا ڪري ڇڏيندڙيون هُيون، اڪرم اسان سيني کان سينئير هُيو، اُهو پنهنجي پڙهائي پوري ڪري يونيورسٽي کي ڇڏي ويو هو.

احساس جا اڌ ڪُنل پنهجي اڪيلائي ۾ مهوش کي ساري تڙپندا هُئا، هڪ طويل تنهائي ۽ بلا جيڏي بيقراري ڪيفيت ۾ ڪاهي پئي هُئي.

مهوش دل، دماغ ۽ تصور تان هڪ پل بہ نہ لٿي هُئي.



يونيورسٽي ۾ گذاريل پورا ٽي سال الائي ڪيئن گذري ويا هُئا، ڪا خبر ئي ڪانہ پئي، يونيورسٽيءَ جو پهريون سال ياد ڪري گُم ٿي ويندو هُئس، مهوش سان واقفيت ڪان ويندي، اُن سان پهريان ويجهڙائي ۽ پوءِ هاسٽل ۽ ڇوڪرين بابت ڪچهريون، ڀوڳ، چرچن تائين سمورو ماضيءَ سامهون هُيو، هر ڪم جي شروعات وٽندڙ ۽ مُنجهائيندڙ محسوس ٿيندي آهي، يونيءَ ۾ اچڻ ۽ ماحول کي سمجهڻ بہ پهرئين ڏکيو لڳو هو، پر پوءِ آهستي آهستي مزاجن ڀيٽ پئجي وئي هُئي، هڪ طرف حُسن هُيو ۽ سُندر جسمن جي خوشبوءِ هُئي ۽ ٻي طرف مُستقبل هُيو، امڙ جا اوجاڳا هُئا، وڏي ڀاءُ جي مزوري ڪري ماني لاءِ پئسا اُماڻڻ واري سرگرمي ۽ گهران ٻار ٻار پنهنجو خيال رکڻ ۽ شوق سان پڙهائي ڪرڻ واري پارت منهنجي سامهون ايندي هُئي تہ سوچڻ ٿي مجبور ٿي پوندو هُئس، سياري اونهاري جون موڪلون ملن تہ ڳوٺ وڃڻ تي دل ئي نہ چوي، ڳوٺ وساري جامشوري کي پنهنجو ڪري ويهي رهڻ پويان بہ هڪ طويل ڪهاڻي هُئي، جنهن جي تڪميل تائين نہ ڄاڻ مون ڪيترو پوڳيو هوندو، اُن هوندي بہ ڪافي ڏکيائون پيش آيون پر هر مشڪل سان مهاڏو اٽڪائي اڳتي وڌندو رهيس، مصيبت ۾ وڌڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي،حوصلي سان جيئڻ ۽

بهادري جو مظاهرو ڪرڻ، ڪتابن مان ڄاڻ حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ اڪثر خوداعتمادي پيدا ٿيندي هُئي، آئون اڪيلائي ۽ مايوسي جي عالم ۾ غرق ڪان ٿيڻ ڪان پهريان پاڻ کي ڪتابن حوالي ڪري ڇڏيندو هُئس، تنهائي کان مڪمل نجات حاصل ڪرڻ، غلط سوچڻ ۽ غلط فيصلو ڪرڻ کان بهتر رستا ڪتابن ڏيکاريا هُئا.

منهنجي زندگي ۾ رسڪ کڻڻ ۽ نہ ڪرڻ جهڙا ڪم ڪرڻ سدائين شامل رهيا آهن، عشق ڪرڻ بہ منهنجي لاءِ ڪنهن رسڪ کان گهٽ نہ ڪونہ هو، نہ مان سڌو نہ سٺيو پوءِ ڪيئن ڪوئي پنهنجي ٻانهن ۾ پناهہ ڏئي ها.

يونيورسٽي ۾ جيڪي دوست ناهيم اُهي گهٽو ڪري منهنجي بيڪار طبيعت جي ڪري مون کي هڪ هڪ ڪري ڇڏي ويا، منهنجو پنهنجو مزاج آهي، منهنجون پنهنجون روايتون آهن، منهنجي ڪنهن سان نڀاهڻ نہ نڀاهڻ پويان بہ ڪيئي راز لڪيل هُئا، متضاد رهڻ منهنجي فطرت جو حصو آهي، آئون چوندو آهيان تہ ماڻهو کي زندگي جو مزو تڏهن ايندو آهي جڏهن اُهو ڪنهن سان اختلاف رکي اڳتي وڌي، گهڻا ماڻهو پين جي پيرن سان پنڌ ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا آهن ۽ مان ڪنهن جي ناهيل پيچرن تي هلڻ کي بہ مٺو سمجهندو آهيان، منهنجون واٽون بہ پنهنجون آهن تہ جاٽون بہ پنهنجون آهن، اُن ڳالهہ کي ڪوئي تسليم ڪري نہ ڪري اُن سان ڪو فرق نٿو پوي پر سچ اُهو ئي آهي تہ مان اُهو چاقو آهيان جيڪو هر اُن ڪڙي ميوي جي ڪِل لاهي، اُن کي کائڻ جي قابل بڻائيندو آهي.

سموري تہ ياد ناهي پر اُها ۽ انهيءَ موضوع تي ڪيل سهڻين ڇوڪرين جي واديءِ يونيورسٽي ۾ منهنجي ڪلاس جي دوستن جي الوداعي پارٽي ۾ ڪيل آخري تقرير هُئي، آئون يونيورسٽي کي سهڻين ڇوڪرين جي وادي سڏيندو آهيان، هتي سونهن نہ هجي ها تہ هتان جا

سمورا پروفيسر ڇريا ٿي گدو ۾ داخل ٿين ها، پر ڪارين اکين جي نمار ڪان ويندي، گُلابي ڳٽن جي ڪشش تائين، هتي جو ڪجهہ بہ آهي اُهو سمورو ڪرشمو سنڌ جي جوانين جي خوشبوءِ جو آهي.

يونيورسٽي جو آخري سال ۽ اُن جا رهجي ويل ڪجهہ مهينا ائين گُذري رهيا هُئا، جيئن هاءِ وي تان گاڏيون...

انهن ڏينهن ۾ نہ مون سان ڪڏهن ڪو نيلم رابطو ڪيو، نہ سيمي، باقي روبيءَ ڪڏهن فون ڪال تي تہ ڪڏهن روبرو بہ ٽائيم ڏيندي هُئي، مون وس ڪيا تہ روبيءَ جا ٽانڊو ڪڙڪائجن پر اهڙو ڪو موقعو ئي نہ مليو، باقي روبي جو راضپو سمجهہ ۾ اچي ويو هو.

اُن ڏينهن اي سي ٽو تان واپس اچي رهيو هُئس تہ روڊ جي سائيڊ تان فٽ پاٿ تي لڳل ڇتيءَ هيٺان روبيءَ بيٺي هُئي ۽ مون کي ڏسي پري کان ڪلندي چيائين تہ،

"اوچريا ....هيڏي هيڏي.."

آئون بہ روبيءَ طرف لڙي پيو هُئس، گهڙي کن اُتي بيٺي ئي چار ڳالهيون ڪيوسين ۽ پوءِ آهستي آهستي پنڌ، ڦوٽو ڪاپي وارن دڪانن تائين گڏ آياسين، اُن دوران روبيءَ ٻڌايو تہ،

"اسد هڪ ڳالهہ جيڪا مون تو کان لڪائي آهي، اڄ اُها توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيان."

مون پنهنجي وارن ۾ ڇهري تي هٿ ڦيرائيندي، روبيءَ کي چيو تہ،

"سرڪار پوءِ دير ڇا جي؟"

مون کي پوري پڪ هُئي تہ يونيورسٽي کي الوداع ڪرڻ کان اڳ ۾ روبي مون سان پيار جو اظهار ڪندي ۽ معوش جيان ويندي ويندي، پنهنجي وارن جو واس ڏئي سدائين لاءِ امر ڪري ويندي، پر روبيءَ اُن

ڏينهن چرڪائيندڙ خبر ٻڌائيندي، مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو، روبيءَ ٻڌايو هو ته.

موش خودڪشي ناهي ڪئي ته منهنجا لڳ ڪاندارجي ويا هُئا، هن اُن واقعي کي وڏيڪ وائکو ڪندي ٻڌايو ته.

موش جي قتل پويان نيلم جو پورو پورو هٿ آهي، موش جي موت جو ڪارڻ نيلم ئي آهي

نيلم جي طبيعت ۽ سرگرمي کان آئون به واقف هُئس ۽ نياڳي موش جي باري ۾ ڪوڙ ساريون اُبتيون سُبتيون ڳالهيون به ڪندي رهندي هُئي، روبي جي واتان موش جي خودڪشي پُٺيان نيلم جي هٿ هجڻ واري انڪشاف تمام گهڻي ڪاوڙ ڏئي ڇڏي هُئي، اُن پل نيلم منهنجي سامهون هجي ها ته شايد آئون نيلم کي ماري ڇڏيان ها، مون روبي کي ڪوڙ ساريون ميارون ڏيندي چيو ته،

" يار جيڪڏهن توکي موش جي مايوسي جي خبر هُئي يا سندس ڪِن مسئلن کان واقف هُئين ته گهٽ ۾ گهٽ مون کي آگاهي ڏئين ها ته آئون اُن مسئلي جو ڪو نه ڪو حل ڳولي لهان ها ۽ موش جهڙي معتبر ڇوڪريءَ اسان کان جدا نه ٿئي ها"

روبي پنهنجو نڪ رئي سان صاف ڪندي ٻڌايو ته،

" اسد مون کي اهڙي ڪابه خبر نه هُئي، نه ته مان ئي موش جو سهارو بڻجان ها ۽ توکي به ضرور ٻڌايان ها"

دل جي ڪيفيت غمگين ٿي وئي هُئي، روبي تمام گهڻو پريشان ٿي وئي هُئي، روبي ٻڌايو ته،

"منهنجي گهر وارا چون ٿا يونيورسٽي ڇڏي واپس اچ ،پوليس توکي ڪُوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي ڇڏيندي، منهنجون سهيليون به چون ٿيون ته تون

نيلم جي گهڻو ويجهو هُئين، توکي ضرور جيل جو منهن ڏسڻو پوندو، اسد مان ته ڇري ٿي ويندس ۽ مان پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي ڪيئن واپس وڃان."

مون پنهنجون سموريون همدرديون روبي جي حوالي ڪندي روبي کي دلجاءِ ڏيندي چيو ته،

" روبي تون پريشان نه ٿي، مان تنهنجو ساٿ ڏيندس، توکي ڪجھ ڪونه ٿيندو پر جيڪڏهن توکي نيلم جي ڪنهن به حرامپائي جي سُڌ آهي ته پوليس کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏ"

روبي پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪُلهي تي رکندي، ڪافي وقت تائين سُڏڪندي رهي، مون پوري ڪوشش سان روبي کي گهڻي روئڻ کان پوءِ پرچايو ورتو هو، سندس ڪيفيت جي بيقراري کي بلبوز ڪرڻ لاءِ مون ڳالهين جو رُخ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪي گهڙيون روبي خاموش ٿي، هلڪو مُسڪرايو هو.

موش جي خودڪشي کي ذري گهٽ ٽي مهينا ٿي ويا هُئا ۽ نيلم به يونيورسٽي ڇڏي چُڪي هُئي، روبيءَ ٻڌايو هو ته ،

آئون حيران آهيان ته اسان جون اخبارون ۽ سمورا ٽي وي چئنل به انڌا ٿي ويا آهن، جو ايڏي وڏي واقعي کي بنا تصديق جي خودڪشي قرار ڏئي ڇڏيائون، فقط پوليس رپورٽ کي ڏسي ڪري..

اُن ڏينهن روبي ڪيئي ڀيرا پارڪ تي ويٺي ڪيڏي مهل منهنجي ڪُلهي تي ڪنڌ ته ڪيڏي مهل منهنجي گوڏي مٿان پنهنجو مٿو رکي رُني هُئي، روبيءَ ٻڌايو هو ته ،

"موش منهنجي ڏاڍي هوشيار سهيلي هُئي، سندس خواهش هُئي ته هُوءَ وڏو ماڻهو بڻجي ڪنهن اعليٰ عهدي تي اچي، پنهنجي والدين جي ڏٺل خوابن تي پوري لهي سگهي، موش والدين جي خواهشن ۽ اسان

ساهيڙين جي سپنن کي رولي، پنهنجي اُڌوري خواهش کٽي قبر کي پنهنجو ڪري، اسان کي عمر جو وڇوڙو ڏئي هلي وئي يار..."

منهنجون اکيون به ڪڪريون ٻڻجي ويون هيون، آئون مهوش کي ياد ڪري هُون به اڪيلائي ۾ روئيندو هُئس پر اُن ڏينهن روبيءَ جي لُڙڪن سان گڏ منهنجا لُڙڪ به ڳلن تان ڳڙي سُمنڊ ٿاهي رهيا هُئا.

مون ۾ روبيءَ اُن ڏينهن اقرار ڪيو هو ته هتي ايندڙ هر ڇوڪريءَ ۾ ڇوڪري کي هتان جي حرامپاڻين کان آگاهي ڏينداسين، هڪڙو گروپ ناهي فقط ئي فقط ايندڙ سنڌ جي شعور کي اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهيندا سين ته جيئن هُو يونيورسٽي جي ڪنهن به اوباش ڇوڪري يا ڪنهن ڏائڻ ڇوريءَ جي چڪرن ۾ اچي پنهنجو روشن مُستقبل ميرو نه ڪن.

اُهو سڄو ڏينهن روبيءَ مون سان گڏ گذاريو هو، مان ۽ روبي توڙي جو تمام گهڻا پريشان هُئاسين اُن هوندي به مون پنهنجي پاڻ ۾ سگهه ساري، هڪ وڏي حادثي کان پوءِ پاڻ کي ميڙڻ سِکي ورتو هو، اُن ڪري به مايوسي واريون ڳالهيون هڪ پاسي ڪري، روبي جو موڊ متائڻ ۽ اُداسي واري ڪيفيت مان ٻاهر آڻڻ خاطر موضوع تبديل ڪري، پيار ڀريون ڳالهيون ۽ کِل ڀوڳ ڪندي، يونيورسٽي کان پوءِ منجهند جي ماني سوسائٽي جي هڪ ريسٽورينٽ تي کائي، حيدرآباد نڪري آيا هُئاسين، روبيءَ حيدر چوڪ تان ڪجهه ڪتاب خريد ڪيا هُئا، روبيءَ جي ڪتابن سان ويجهڙائي وڌندي هُئم، روبي جي ادب سان دلچسپي هوندي به هُن الائي ڇو زولاجي ڊپارٽيمينٽ کي ترجيح ڏني هُئي، شهر جي شور ۾ ڳالهائيندي کي ڳالهيون ڪنن تائين نه ٿي پهتيون ته مان ۽ روبيءَ وڏي آواز ۾ ڳالهائيندي پنڌ ئي پنڌ ڪلاٿ مارڪيٽ آياسين، جتي روبي هر ڀيري جيان پنهنجي پسند تي تمام سُٺا ۽ مهانگا ڪپڙا پنهنجي لاءِ خريد ڪيا هُئا، روبيءَ جڏهن پنهنجو پرس ڪوليو ته مون ڏٺو روبي جو پرس پئسن

سان سٽيو پيو هو، ايترا پئسا ته پهرين تاريخن ۾ يونيورسٽي جي پروفيسرن جي پرسن ۾ ڪونه پيل هوندا هُئا. جيترا پئسا روبيءَ جي پرس ۾ ڏٺا هئم، اُن پل روبيءَ کي بيزار ڪرڻ ۽ سندس چيڙائڻ خاطر مذاق ڪرڻ لڳو هُئس ته،

" ايڏا پئسا ته وائيس چانسلر وٽ به ڪونه هوندا جيڏا پئسا اڄڪلهه جون ڇوڪريون ڪمائين ٿيون"

روبيءَ منهنجو جملو ٻڌي، ٿورو مُسڪرائي، ٿيلهي ۾ ڪپڙا سيٽ ڪندي ڪڻڻ لڳي هُئي ۽ پوءِ اڳتي وڌندي روبيءَ به کِلندي ٻڌايو ته،

" جنس، جنس جو فرق هوندو آهي چريا، ڪٿي ڏس ته ڇوڪرا ٽا ڪمائن ته ڪٿي ڇوڪريون..! ٻين جي ڪيسن مان پئسا ڪڍڻ ايترو آسان ٿورئي آهي، اُن لاءِ وڏي جفاڪشي ڪرڻي ٿي پوي پُوڪ"

هِن منهنجي کُلهي تي مُڪ هڻندي چيو ته مون به موڊ ناهي، ڪيس چيو ته،

" انهي جفاڪشي ۾ ڪيتري محنت ڪرڻي پوندي اٿئي ۽ ٿِڪي پوندي هوندي يا سمڪي ته ضرور پوندي هوندين"

منهنجو ٽوڪيا جملو ٻڌندي ئي هِن وڏو ٽهڪ اُڏاريندي چيو ته،

" توکي ڪير سمجهائي شڪي ڇوڪرا..."

" شڪ ڇا جو... مون کي پڪ آهي سرڪار.. اوهان سخت پورهيو ڪري ڪمايو ٿيون ۽ مون کي اُن جو پورو پورو احساس آهي ."

روبيءَ ڪپڙن واري ٿيلهي منهنجي هٿ ۾ پڪڙائيندي، اڳتي وڌي وچي چوڙين واري ٿيلهي وٽ بيٺي هُئي ته مان به ڪجهه پلن لاءِ موبائل فون تي آيل ايس، ايم، ايس ڏسڻ لڳو هُئس.

شام جو دير سان واپسي تي المنظر جي نظارن ۾ اکيون ترسايون هُيوسين، روبيءَ ٻيڙيءَ تي ويٺي، درياءَ جو سير ڪرائيندي مون کي ڪجهه

ڏينهن ۾ ڳوٺ وڃڻ جي خبر ڏنيءَ ته هيڪر ٿورو دلگير ٿي ويو هُئس، پر ويندڙن کي ڪير روڪي به نه ٿو سگهي، هُوءَ به هر ڪنهن کي هڪ نه هڪ ڏينهن جدا ته ٿيڻو ئي هوندو آهي، سو اُن تي دل ننڍي ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو، ڇوڪريون جيستائين يونيورسٽي ۾ آهن ته اُهي اسان جون آهن، پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ يا سندن موڊ متجڻ کان پوءِ انهن کي ڪوئي روڪي به ناهي سگهندو.

يونيورسٽي جا پيپرَ به ٿي ويا هُئا، روبيءَ جي پڙهائي مون وانگي پوري ٿيڻ واري هُئي، اُن پل سوچيو هُئم ته اسان نوجوان عاليشان خواب کڻي يونيورسٽي اچون ٿا ۽ هتي پهچڻ کان پوءِ اسان جون اکيون ڪتابن ۽ نصاب جي سليبس کان هٽي وڃي ڇوڪرين جي ڇُڳن تي اٽڪي بيهي رهن ٿيون ۽ اسان پنهنجو تمام گهڻو نقصان ڪري پوءِ پڇتائيندا آهيون، ڪاش...اسان هتي اچڻ وقت ئي بهتر فيصلا ڪريون، پنهنجو ڪيريئر ناهيون ته هوند اسان يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ اعليٰ عهدن تي پهچي وڃون، پر اسان هتي رڳو سونهن ۽ سُندرتا جا تمنائي ٿيون، پنهنجو وقت لِڇڪندڙ چيلهه، وڻندڙ ويس ۽ بانوري بدن جي حاصلات ۾ وڃائي ٿا ڇڏيون.

پنهنجي منهن سوچي رهيو هُئس ته روبيءَ پاٽي جو چلپو منهنجي منهن تي هنيو هُيو ته چرڪي ڏيان سندس ڪِلندڙ معانديءَ ڏانهن ڇڪجي ويو هو، روبيءَ جڏهن ڪِلندي هُئي ته ڳٽن تي وڻندڙ ڇُڳهه ٺهي ايندا هُئس ۽ سنها چپ ٿورو ويڪرا ٿيندي ئي خوشبوءِ هاريندا هُئا . اُها خوشبوءِ جيڪا پنهنجي اندر اوتڻ لاءِ مون الائي ڪيترو وقت روبيءَ پويان صرف چپ چُمڻ جي خواهش کي پاليندي وڃايو هو، الائي ڇو مون کي هر سُهڻي ڇوڪريءَ جا وڻندڙ چپ چُوسڻ جي چُوس پيل هوندي هُئي، پلي اُها سهڻي ڇوڪريءَ ڪنهن جي گرل فرينڊ ڇو نه هجي پر چاهيندو هُئس ته

جيئن هر ماڻهو جيڏي مهل چاهي چانهه جو چسڪو وٺي سگهي ٿو اهڙي ريت جنهن پل به موڊ ٿئي ته ماڻهو ڪنهن به حسين ڇوڪريءَ جا وڻندڙ رسيلا چپ پنهنجي وات ۾ قابو ڪري، چُوسي چسڪو وٺي سگهي، گهٽ ۾ گهٽ ايتري ته آزادي آواره دلين جي مالڪن کي حاصل هجي ها ته ڪهڙي قيامت اچي وڃي ها .

حقيقت هي به آهي ته ائين ڪافي پيرا ڪجهه ڇوڪرين جي تعريف ڪري انهن جا چپ به چُوسيا اٿم پر وڻندڙ لذت سواءِ مهوش جي چپن کان پيو ڪنهن جي به چپن مان نه ملي.

هلڪيءَ اوندهه ٿيڻ کان پوءِ روبي موڪلائي گرلس هاسٽل جي مين گيٽ کان اندر داخل ٿي هُئي ته مون هڪ نظر گرلس هاسٽل تي وجهي سوچيو هُيو ته، الائي ڪيترا جسم هتي هم جنس جسمن سان گسائيندي پُسيا هوندا پر انهن ڪڏهن حقيقي مزو ورتو به هوندو الائي نه، نيلم ۽ بين ڇوڪرين پاران ٻڌايل هن هاسٽل جون سُموريون ڪهاڻيون الائي سچيون آهن الائي نه پر هڪڙو سچ هي به آهي ته، هتي ڪجهه اُيپون چاتيون حسين ڇُهاءَ کان پري رهي، لڙڪي ته پون ٿيون پر اُهي ڪنهن جي سيني سان نه ٿيون ٽڪرائجن، ايستائين جيستائين اُهي هتان نڪري واپس ڳوٺ نٿيون وڃن.



رات ٽيندي ئي ڪيفيت ۾ بيقراري ڪاهي پئي هُئي، معوش جون يادون اڪيلائي ۾ اڌ مُئو ڪري رهيون هُيون، اڪيلي گهر ۾ اُلڪن ڪان سواءِ مون وٽ ٻيو هُيو به ڇا.؟

بيقراري ڪان بيزار ٿي، ليپ ٽاپ کولي گهڙي سوا نغمن ۾ پناهه ڳولي هُئم پر نغمن جي نرملتا وڌيڪ نموڙي ڇڏيو هو. آئون اڪثر جدائي جا گيت ٻُڌڻ پسند ڪندو آهيان، پر اُن گهڙي اُها موسيقي مرڳو ساهه ڪڍي رهي هُئي ته اُن ڪان به منهن موڙي، موبائل ۾ اڪيون اُڇلايون هُئم، اُن ويل موبائل جي اسڪرين تي سيمي جي مس ڪال لڳل نظر آئي ته مون ڪيس ٻيڪ رنگ ڪئي، پريان سيمي جو سندس هانيءَ، قد ۽ وارن ڪان به وڌو آواز منهنجي ڪنن تائين پهتو ته مون ڪيس ڪيڪاريو، سيمي به لهجي ۾ جهڪائي آٽيندي مخاطب ٿي هُئي،

سيمي ٻُڌايو هو ته ،

" توهان ٻن ڏينهن ڪان لڳاتار يونيءَ ڪونه آيا، توهان جو روبي ڪان پُڇيو هُئم، توهان سان ڪچهري ڪرڻي هُئي ۽ ويندي ويندي موڪلائڻو به هُيو، منهنجو خير سان ويزا وارا مسئلو حل ٿي ويو آهي ۽ منهنجي

سياٽي اٽليءَ جي فلائيٽ آهي، اُن ڪري سوچيم ته توهان سان ڪال تي ڳالهائجي "

سيمي هڪ ساهي ۾ پنهنجي ماٺيل خوشي جو اظهار ڪيو ته مون به سيمي کي ڪوڙ ساريون دعائون ڏيندي، مبارڪون ڏنيون، سيمي اسڪالرشپ تي اٽليءَ وڃي رهي هُئي، اُن ڪان اڳ ڪافي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجي بهتر مُستقبل لاءِ سوچي يونيورسٽيءَ کي الوداع ڪري چُڪا هُئا. باقي مان ۽ روبي رهجي وياسين، روبي وس آهر ڪوشش ڪري هُئي ته من ڪٿان ڪو موقعو ملي پر سڀ ڳالهه محنت جي هوندي آهي، مون وانگي شايد روبي به رڳو لذت ۽ چسڪن ۾ سوائي محنت ڪئي هُئي جو رهجي وئي.

آئون ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي منهن سان ويهي سوچيندو آهيان ته ڪاش آئون آوارگيءَ تي ڊگري حاصل ڪري، ڇڙواڳي تي پي ايچ ڊي ڪري ڪنهن انگريز ملڪ جو ويزا وٺي وڃي، پنهنجي اندر جون سموريون حسرتون پالي، گورين جي ملڪ ۾ انجواءِ ڪيان ها.جتي ڪنهن به قسم جي ڪا جهل پل نه هجي ها. اُتان جون اگهاڙيون عورتون ۽ انهن جا جنسي عضوا ڏسي لذت حاصل ڪري، پنهنجو پاڻ کي پُرڪيف محسوس ڪريان ها.

سيمي سان ڪچهري دوران مٿان روبي جون ڪالون اچڻ لڳيون هُيون ته مون سيمي کان موڪلائي، روبي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو،

" جي روبي ڪهڙا حال اٿئي"

" خير آ ڪٿي بزي لڳو پيو آهين

روبي جي سوال جو ڪُوڙو جواب ڏيندي چيم ته،

" گهروارن سان پئي ڳالهايم، توهان ٻُڌايو"

روبي معمول جيان خوش مرحبا ڪري، بس ڪئي ته مون روبي کان موش جي خودڪشي بابت پڇيو ته روبي هلڪي لهجي ۾ مخاطب ٿيندي ٻڌايو ته،

" اسد نيلم نياڳي تي وڏو پاپ پوندو، نياڳي قهر ڪيو آهي "

" وري ڇا ٿيو "

مون تجسُس مان روبي کان پڇيو،

روبي ڳالهين جا تاڪيا کوليندي ٻڌايو هو ته،

موش جي خودڪشي کان ڪجهه ڏينهن اڳ نيلم ڪنهن ماڻهو کان تمام وڏي رقم وٺي، موش کي ساڻ ڪري اُن شخص پاران رکرايل پارٽي ۾ شامل ٿي هُئي، اُها پارٽي اُن شخص پنهنجي پرائيويٽ جڳهه ۾ رکرائي هُئي.

روبي ڪُسڪندي وڌيڪ ٻڌايو هو ته،

"مون کي به اُن پارٽي جي نيلم دعوت ڏني هُئي پر مان طبيعت خراب هجڻ ڪري نه وڃي سگهيس، اُن رات موش سان شراب پيتل پنجن ماڻهن زبردستي ڪري، سندس اگهاڙي ويڊيو ريڪارڊ ڪئي هُئي، موش کي اُن ويڊيو جي خبر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪ پروفيسر کان پئي هُئي، جيڪو موش کي وقت به وقت حراسان ڪندو رهندو هو ۽ نيلم جي اُن پروفيسر سان به تمام گهڻي ويجهڙائي هُئي."

ڳالهين دوران روبي سهڪندي ۽ سُڏڪندي به رهي، منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي هُئي، دل چوي پئي دنيا کي هن زمين جي گولي تان ئي اُڏائي ڇڏيان، روبي وڌيڪ ٻڌايو ته،

" موش پهرين نيلم کان اُن ڳالهه تي تمام گهڻو ناراض به ٿي هُئي پر پوءِ نيلم گهڻين منٿن کان پوءِ موش کي مڃائي ورتو هو، اچانڪ پروفيسر جي بليڪ ميلنگ جي ڪري موش ايڏو وڏو قدم کنيو."

روبي جو آواز ڳورو ٿي ويو هو ۽ ڪي پل خاموش به ٿي وئي هُئي، منهنجا ڳوڙها اکين جا ڪپر ٽوڙي ڪاڏيءَ مان ٽمي رهيا هُئا، بدن ۾ خطرناڪ رڪٽي اچي وئي هُئي، رُڪي رُڪي مون سُڏڪيل آواز ۾ روبي کان پڇيو ته،

" ٽوڪي ايتري خبر ڪيئن ۽ ڪٿان پئي آهي ۽ اُن ڏينهن تو ڇو ڪونه ٻڌايو هُيو؟"

روبي جي شُمڪڻ جو آواز پهتو ۽ پوءِ روئڻ واري لهجي ۾ روبي ٻڌايو ته،

" مون کي به ڏينهن تي سڄي ڳالهه نيلم پاڻ ئي ٻڌائي هُئي، نيلم چيو هو ته،

" تون به هلين ها ته چار ڏوڪڙ ڪمائي اچين ها، نياڳي سڄو بئنڪ اڪائونٽ جڻ چورين لاءِ سيف ڪري ڇڏيو هوا!"

روبي چواڻي ته نيلم وڌيڪ ٻڌايو هو ته،

"موش کي به اُن جو حصو مليو هو ۽ موش پهريان ناراض ۽ پوءِ ڪمپرومائيز ڪري وئي هُئي..."

روبي جي آواز ۾ خوف سان گڏ حقارت محسوس ڪئي هُئم، روبي سهڪندي ٻڌايو ته،

مون خود موش کان اُن بابت پڇيو هو ته موش لڄي لڄي ٿيندي سڄي حقيقت مون کي به ٻڌائي هُئي پر نيلم چوري موش جي ويڊيو ريڪارڊ ڪري پروفيسر حوالي ڪئي هُئي. تنهن جي جاڻ ته پهرين نه مون کي هُئي ۽ نه ئي موش کي. اوچتو پروفيسر جي بليڪ ميلنگ موش کي مرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.... ۽ مان اُن ڏينهن ئي توکي سڄي حقيقت ٻڌايان ها پر موش جي ويڊيو ۽ پروفيسر جي بليڪ ميلنگ جي

مون کي اڄ خبر پئي آهي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ پوليس اُن پروفيسر کان پڇا
ڳاڇا ڪرڻ لاءِ ڪنهي وٺي اٿس، هاڻ ڏسو تہ ڇا ٿو ٿئي!"

روبي جي خطرناڪ انڪشاف مون کي سُن ڪري ڇڏيو هو. منهنجي
اکين ۾ سانوڻي لهي آئي هُئي، ساڳي ڪيفيت روبي جي بہ هُئي. مون روبي
کي چيو تہ،

" توهان هڪ ساهي ۾ سڄو داستان فون ڪال تي ٻڌايو آهي، ٿي
سگهي ٿو توهان جي ڪال بہ ٽريس ٿيندي هجي، پوليس تہ اسان سڀني
کي انويسٽيگيشن هيٺ رکيو هو ۽ هاڻ بہ جاچ ٿي سگهي ٿي، سو فون تي
اهڙيون ڳالهيون ناهن ڪبيون."

روبي کان رڙ نڪري وئي هُئي ۽ چوڻ لڳي تہ ،

" هاڻ ڇا ٿيندو، مان تہ مري ويس."

روبي جا سُڏڪا اڳي کان وڌيڪ تيز ٿي ويا هُئا، مون روبي کي آٿت
ڏيندي چيو تہ،

"توهان پريشان نہ ٿيو، انهي حادثي کي ڪافي وقت ٿي ويو آهي ۽
ڪيس ذري گهٽ بند بہ ٿي ويو هوندو، هن ملڪ جو نظام ئي اُبتو هلي ٿو،
جيڪي ڪيس هفتن ۾ حل ٿيڻ گهرجن تہ اُهي سالن تائين هلندا آ ۽
جيڪي وري سالن تائين هلڻ کپن تہ اُهي هفتن ۾ بند ٿي وڃن ٿا، سو توهان
گهبرايو نہ..!"

منهنجي دلداري کان پوءِ روبي ڳالهين جو رُخ تبديل ڪري ڇڏيو ۽
۽ پوءِ جلدي ۾ خدا حافظ چئي هُن فون بند ڪئي هُئي، روبي جي
ڇرڪائيندڙ ڳالهين کان پوءِ سوچون منهنجي ذهن کي ڪُهي رهيون
هُيون، ڪجھ بہ سمجھ ۾ ڪونہ پئي آيو تہ ڇا ٿيڻو هُيو ۽ ڇا ٿي ويو آهي.

نہ چاهيندي بہ اسان کي خاموش رهڻو پئجي ويو هو ۽ اسان جو
يونيورسٽيءَ ۾ آخري سال هُيو، اُن ڪري بہ اسان نہ پنهنجي لاءِ ڪو خطرو
ڪڻي پئي سگهياسين ۽ نہ ئي وري پنهنجي والدين لاءِ..!

اُها رات نهايت ئي ڪرب مان لُڇندي ڪٽي هُئي، گهڻي دير تائين
خاموشي جي خارش منهنجي ذهن ۽ ضمير کي کائيندي رهي، روبي اُن
ڏينهن مون کان واعدو ورتي اُن واقعي کي دل اندر دفن ڪرڻ جو چيو هو.
نيلم بہ الائي ڪهڙا وڻ وسايا هُئا، بس مان، اڪيلائي ۽ يادون هڪ ٻئي جا
همسفر ٿي هلي رهيا هُئاسين.

حادثا ماڻهو جي عمر گهٽائي ڇڏيندا آهن ۽ ماڻهو وقت کان اڳ يا
تہ ڳري ويندو آهي يا مري ويندو آهي. آئون تنهائي جي تپش هيٺ
مسلسل ڳري رهيو هُئس، ائين جيئن سِجُ تي برف ڳرندي آهي.



سچ لتي کان ٿورو اڳ ۾ پنهنجو سمورو سامان سيٽ ڪري، را
واري گاڏي ۾ ڳوٺ وڃڻ جو سوچيو هُئم پر دل يونيورسٽي کان ٻ
موڪلائڻ جي وڃڻ تي راضي نہ ٿي سگهي هُئي.

ٻي ڏينهن صُبح جو تيار ٿي، سموري يونيورسٽي جي دوستن کا
موڪلائي، يونيورسٽي ۾ آيل نون دلربا ڇوڪرين جون هلٽيون تکي
انهن جي فٽنيس جاچي، انهن جي ادائن تي سوچيندو، سِڌو آخري پير
شانو واري ڪينٽين تي آيو هُئس تہ ڪي پل سُکون حاصل ڪيان. اُت
ڪافي ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا موجود هُئا، ڪي ڪنهن جي ڪُوڙي تعريف
ڪري رهيا هُئا تہ ڪي وري بغير گهُرڻ جي بہ ڇوڪرين کي مفت ۾ نوٽس
ڏئي رهيا هُئا، پاڻ وٽائڻ واري انهي انداز تي کِل اچي رهي هُئي، پر
سوچيو هُئم تہ اسان پاڻ اُهي سڀ حرڪتون ۽ اٽڪلون ڪري، گهٽ ک
ٺڳي هتي پهتا آهيون تہ هنن جا حق ڇو غصب ڪجن، پلي ويچارا شوق
پورو ڪن.

پر اُن پل روبي جي ڪجهہ ڏينهن اول ڪيل گفتگو ياد پئي هُئي
ڇوڪرن کي سڌي رستي تي هلڻ جي تقليد ڪنداسين، تہ جيئن اُهي
پنهنجي پڙهائي بهتر نموني سان ڪري سگهن، اجاين سرگرمين ۾ ڌيا

ڪان پري رهن، پنهنجو مُستقبل تباهہ نہ ڪن، پنهنجو ڪيريئر ناهي اڳتي
وڌن.

پر وري بہ ساڳي ڳوناٽي سوچ ذهن تي وڻي وڻي وار ڪيو ۽ انهن
ڇورن جا افعال ڏسي سوچيو هُئم تہ اسان جو ڇا.؟ جيڪو ڪندو سو
لوڙيندو، اسان کي اُن وقت ڪنهن روڪيو هُيو جو مان ڪنهن کي روڪي،
سمجهائي، سهڻي صلاح ڏيان ۽ هُون بہ چيو ويندو آهي تہ چڱائي جو وقت
ناهي.

جڏهن واقعي چڱائي جو وقت ناهي تہ پوءِ مان چڱائي ڪنهن سان
ڇو ڪيان.

يونيورسٽي کان ٻاهر ايندي، مين روڊ تائين سنڌ جي سونهن جو
مرڪز، حسين جسمن جي نمائش نما لڳندڙ هن عاليشان درسگاهہ کان
موڪلائي رهيو هُئس، گرلس هاسٽل جي بالڪوني ۾ ڦرندڙ ٻنا پوتيءَ جي
لامارا ڏيندڙ، هڪ آنٽي تي نظر پئي هُئي، جيڪا وارن جو مُوڙو ڪري
ڳاڙهن ڪپڙن سان، پُسيل ڪپڙا تار تي سُڪڻا وجهي رهي هُئي، اُن جي
بلڪل ڀرسان کُليل وارن سان پينٽ شرٽ پاتل ڪا ڀوپري بہ نظر آئي
هُئي، جيڪا فون تي ڳالهائيندي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئيندي نظر آئي، مين روڊ
ڪان اُهي وٽندڙ منظر ڪافي ڏنڌلا بہ لڳي رهيا هُئا پر هُئا ڏاڍا دلفريب..

اُن پل سوچيو هُئم تہ هِتان جي اڪثر ڇوڪرين جا وار تہ کُليل
هوندا آهن پر اُهي پنهنجون خواهشون بہ کولي رکنديون آهن الائي نہ..!

کُليل وارن واريون اُپسرائون جسماني طور ڪيترو کُليل هجن
ٿيون، اُهو تہ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي، پر ذهني طور تمام گهٽ کُليل
محسوس ڪجن ٿيون.

آئون انهن عمارتن کي تڪيندو اچي رڪشا تي ويٺس ۽ پوءِ اُن پار
هليو ويس، جتان ڪيئي خواب ڪٽي آيو هُئس ۽ سڪڻ هتن سان واپس

موٽيو هُئس، جڻ ڪجھ حاصل ئي نہ ڪيو هجيم.منهنجا ڪلاس ميٽ ڇوڪرا ڪي ايم فل جي تياري ۾ لڳي ويا هُئا تہ ڪي اڳتي وڌڻ ۽ ڪامياب مُستقبل جي ڳولا ۾ ڪراچي ۽ اسلام آباد وڃي وڏيڪ ڊگريون حاصل ڪرڻ جي تياري ۾ لڳي ويا هُئا.

روبي ۽ سيمي کي ٻاهرين ملڪ جي اسڪالرشپ ملي وئي هُئي، اسان واري سموري بئيچ سِڌري پنهنجو مقام ماڻيوهو، فقط مان ئي اياڳو هُئس، جيڪو مايوس ٿي واپس ڳوٺ موٽيو هُئس، مون پورا چار سال يونيورسٽي ۾ جيڪو ڪجھ بہ پرايو هو، اُهو اڪين جي ٺڏاڻ ۽ من جي مستي کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ هو، سيڪنڊ ڪلاس ڊگري ڪٺي، عشق جي اسيري ۾ مُبتلا ٿي، واپسي جا وڻ تڪيندو اچي ڳوٺ پُڳس، جتي ڳوٺ جي زمين ڪيڙن لاءِ منهنجو انتظار ڪري رهي هُئي.



DR ABBAS
25-04-24
HYD.



- حسين عورتن جي جسمن ۾ ڪمال درجي جي جادوگري هوندي آهي
اُها جادوگري مرد جي اُجايل روح کي ائين ٺي ڪائي ڇڏي، جيئن ساحلي پٽي
کي سُمنڊ ڪائي رهيو آهي.
- آئون مست جهلي جيان سنڌس جواني ءَ جي خوشبوءِ پويان ائين هليو
آيو هُئس، جيئن اڪثر ڏٺو ۾ شامل وهريل ٻڪري ءَ پويان پوپٽيو هلندو آهي.
- جوڪري ءَ سان سچائي حرڪت ۾ سنڌس خواهش مطابق سيڪس
حرڪت کان پوءِ هر مرد اُن جوڪري ءَ کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهڻ لڳندو
آهي.
- پيار رڱو جنبڙ جو نالو ناهي، پيار قرباني ۽ تقدس جو سنگم آهي.
جنهن کان يونيورسٽي جي وڏي اڪثريت واقف ئي ناهي.
- ناسي وڳو پُورو رنگ، ڪُليل وار زبردست خوشبوءِ مڪمل واسيل
هُئين، پيرن کان چوٽي ءَ تائين هڪ نظر تو ۾ وڌي هُيم. مون کي اُن ڏينهن
تون پُوچ تائين ڏٺيل ماڪي ءَ جو شيشو لڳي رهي هُئين.



masumsahl